# ڪينجهر

(٧)

سنڌي شعبو

سنڌ يونيورسٽي

1999ع



شمس العلما  مرزا قلیچ بیگ

# ڪينجهر

## ٧

## شمس العلما مرزا قليچ بيگ نمبر

سنڌي شعبو    سنڌ يونيورسٽي
ڄام شورو

هي ڪتاب ڊاڪٽر قاضي خادم، چيئرمين
سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي پريس
حيدرآباد مان ڇپائي پڌرو ڪيو.

# ڪينجهر

(تحقيقي جنرل)

٧

## شمس العلما مرزا قليچ بيگ نمبر

سرپرست اعليٰ

ڊاڪٽر نذير اي مغل
وائيس چانسيلر، سنڌ يونيورسٽي

نگران ايڊيٽر

ڊاڪٽر قاضي خادم
چيئرمين سنڌي شعبو

ايڊيٽر

ڊاڪٽر هدايت پريم

سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو
1999

# ترتيب


| | | | |
|---|---|---|---|
| -1 | پيش لفظ | قاضي خادم | (i) |
| -2 | شيڪسپيئر جو مترجم | پروفيسر منگھارام ملڪاڻي | 1 |
| -3 | شاھہ جي رسالي جو محقق | ڊاڪٽر الياس عشقي | 6 |
| -4 | مرزا قليچ بيگ جي ناول نگاري | ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ | 19 |
| -5 | قليچ سنڌي ناٽڪ جو باني | ڊاڪٽر محمد يوسف پنھور | 25 |
| -6 | ٻہ تقريرون | عبدالقيوم صائب | 31 |
| -7 | سائو پن يا ڪارو پنو (اڀياس) | ڊاڪٽر نور افروز خواجہ | 43 |
| -8 | مرزا قليچ بيگ جي ڪلام ۾ تصوف | ڊاڪٽر هدايت پريم | 52 |
| -9 | مرزا قليچ بيگ جي اولاد جون ادبي خدمتون | ڊاڪٽر قمر جهان مرزا | 59 |
| -10 | مرزا قليچ بيگ بحيثيت آکاڻي نويس | ڊاڪٽر تهمينہ مفتي | 70 |
| -11 | مرزا قليچ بيگ شڪارپور ۾ | ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو | 77 |
| -12 | شاھ جو محقق - مرزا قليچ بيگ | غلام مصطفي کهڙو | 96 |
| -13 | سنڌ ۾ جديد سنڌي افساني جو سماجياتي اڀياس | ڊاڪٽر قاضي خادم | 109 |
| -14 | جرنل ڪينجهر جي مقالن جي فهرست | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو | 126 |
| -15 | پروفائل پروفيسر علي نواز جتوئي | | 130 |

# پيش لفظ

حسب وعده مرزا قليچ بيگ جي فن ۽ فڪر تي "ڪينجهر" جرنل جو خاص نمبر شايع ٿي چڪو آهي، هن جرنل ۾ سنڌي شعبي جي استادن سان گڏ سنڌ جي برک ليکڪن جون پڻ ڪيتريون لکڻيون شامل آهن جن مان سنڌي ٻولي ۽ ادب جي محسن مرزا قليچ بيگ مرحوم جي زندگيءَ جي ڪن اهڙن گوشن تي روشني وڌي وئي آهي جيڪي هن کان اڳ اونداهيءَ ۾ هئا. هي مضمون تحقيقي آهن ۽ محققن وڏي جاکوڙ ڪري لکيا آهن. اسان ڪوشش ڪري تمام ڪارائتو مواد جمع ڪيو آهي، جن ۾ ڪيترو اهڙو آهي جيڪو هن کان اڳ منظر عام تي ڪونہ آيو آهي.

مرزا صاحب هڪ گهڻ پهلوئو اديب، لسانيات جو ماهر، شاعر، مترجم ۽ سنڌي ثقافت جو شوقين شخص هو تنهنڪري سندس زندگي بہ اهڙن ئي مختلف حصن ۾ ورهايل آهي. ان مان هرهڪ پهلوءَ تي اجا بہ وڌيڪ لکڻ جي ضرورت آهي. هي اهو عظيم شخص آهي جنهن جي ميجتا هن جي زندگيءَ ۾ ئي ٿي هئي. ان جو ثبوت اهو آهي تہ سندن دور ۾ ديوان ڏيارام گدومل کين ڏيڍ لک روپيہ ڏنا هئا تہ هو لکڻ ۽ اشاعت جي ڪم ۾ ڪتب آڻي. اهڙي عظيم شخصيت تي جيترو بہ لکجي گهٽ آهي.

اسان جي گذشتہ جرنل نمبر٦ ۽ هن جرنل ڇپجڻ جي دوران سنڌي ادب جون ڪافي نامور هستيون هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري چڪيون آهن جن ۾ پروفيسر علينواز جتوئي، محترم ممتاز مرزا، پروفيسر اياز قادري، محترمہ درشهوار سيد، محترم شيخ اياز، محترمہ خيرالنساءِ جعفري ۽ ظفر حسن جي وفات سنڌي ادب لاءِ وڏي نقصان جي حيثيت رکن ٿا.

**پروفيسر علينواز جتوئي:**

جتوئي صاحب سنڌي شعبي جو سڀ کان پراڻو استاد ۽ سربراه هو، هو صاحب علم ۽ ادب جي ڪيترين شاخن تي مهارت رکڻ کانسواءِ ٻولي ۽ تصوف تي مهارت رکندو هو. پاڻ بہ هڪ پڪو مسلمان ۽ سچو انسان هو.

اصولن تي ڪڏهن بہ سوديبازي نہ ڪيائين. هميشہ لکڻ، پڙهڻ ۽ پڙهائڻ ۾ مصروف رهندو هو. گفتگو نهايت دلچسپ ۽ معلوماتي هوندي هوس. خاص طور جڏهن تصوف تي ڳالهائيندو هو تہ ٻڌڻ وارا ٻڌندي ڪونہ ٿڪبا هئا. جتوئي صاحب سنڌي ٻوليءَ جي جوڙجڪ ۽ تاريخ تي ڪيترا ڪتاب لکيا، جيڪي سنڌيءَ ۾ بي-ايڊ ۽ ايم- ايڊ جي ڪورسن تي رکيل آهن پاڻ ڪيترن ئي پي- ايڇ - ڊي جي مقالن جي نگراني ڪيائون ۽ سنڌي ٻولي ۽ ادب تي اهل ڊاڪٽر ڏنائون، سندن هينيان ڪتاب مشهور آهن:

(1) ڪلام شهيد گرهوڙي

(2) علم لسان ۽ سنڌي زبان

(3) ويرون ۽ لهرون

**ممتاز مرزا:**

ممتاز مرزا سنڌي ادب، ٻولي ۽ ڪلچر جو عاشق هو. هن مضمون، افساني ۽ ڊرامي سان پنهنجي زندگيءَ جو آغاز ڪيو ۽ ريڊيو ۽ ٽي وي لاءِ تمام گهڻا بهترين ڊراما لکيائين. "آخري رات" سندس ڊرامن جو مجموعو آهي، جيڪو ايم اي سنڌي جي ڪورس تي ٻڻ رکيل آهي. پٽ شاهہ ڪلچر سينٽر، ريڊيو، ٽي وي ۽ ثقافت کاتي ۾ ملازمت ڪيائين ۽ آخر تائين ثقافت کاتي سان شامل رهيو. ان سان گڏ هن ڪيترو عرصو ڊاڪٽر نبي بخش صاحب سان گڏ ڊڪشنري لاءِ ڪم ڪيو ۽ سنڌ يونيورسٽي جو پي. آر. او. ٿي رهيو. هن سنڌ ۾ صوفي راڳ کي جنهن نموني متعارف ڪرايو ۽ زنده رکيو، اهو هن جو ڪارنامو آهي. شاهہ جي رسالي گنج جي ڇپائي ۽ پيشڪش جو سهرو بہ هن تي ئي آهي، سندس بہ ڪتاب وساريان نہ وسرن ۽ سدا سوڻتا ڪابڙي سنڌي ادب ۾ هڪ بيش بها اضافو آهن.

**اياز قادري:**

ٻلو دادا وارو اياز قادري سنڌي ادب ۾ هڪ مانائتو مقام رکندڙ اديب، استاد ۽ عالم هو. سندس علم، ڌيرج ۽ مناس وارو

لهجو ۽ عزت وارو انداز شايد ئي ڪنهن ڪنهن ڪان وسري. سنڌي غزل تي تحقيقي مقالو لکي "ڊاڪٽريٽ" ڪيائين. ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جو استاد ۽ سربراهه ٿي رٽائر ٿيو. ڪراچي يونيورسٽيءَ جي لطيف چيئر جو ڊائريڪٽر به رهيو ۽ آخر وقت تائين هڪ استاد وارا فرض نڀائيندو رهيو.

**درشهوار سيد:**

محترمه درشهوار سيد سنڌي ٻولي، ادب ۽ شاهه لطيف جي اڀياس ۾ هڪ وڏو مقام رکي ٿي. هن پنهنجي ذاتي شوق ۽ خانداني پس منظر ۾ سنڌ جي تصوف ۽ شاهه جي شاعريءَ جو مطالعو ڪيو ۽ Shah Abdul Latif's Poetry جي موضوع تي مقالو لکي ڊاڪٽريٽ ڪئي. هن ڪيترو عرصو شاه لطيف چيئر جي ڊائريڪٽر جا فرض انجام ڏنا. سندس اوچتي وفات سنڌي ادب لاءِ هڪ سانحي کان گهٽ نه آهي.

**شيخ اياز:**

سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جو هڪ تمام وڏو نالو، عظيم شاعر، اديب، نقاد جيڪو سنڌ يونيورسٽي جهڙي اعليٰ اداري جو وائيس چانسيلر به ٿي رهيو. بي انتها شاعري ڪيائين، نثر ۾ به شاعري ڪيائين. هميشه حق جي ڳالهه ڪيائين. جيلن جون صعوبتون ڪاٽيائين. پنهنجي بيماري جي باوجود بي تحاشا لکندو رهيو. شاه لطيف جو اردوءَ ۾ منظوم ترجمو ڪيائين. شاه جي شرح ڪيائين، جديد علم ادب ۽ سياست تي ڪيترا مضمون لکيائين. پنهنجي آتم ڪهاڻي لکيائين، پر اجا به ڪي هو جيڪو لکڻ چاهيائين ٿي. لکڻ لاءِ سندس پياس ڪڏهن به پوري ڪونه ٿي. ساهيوال جيل جي ڊائري، ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون، ڪٿي ته پيجبو ٿڪ مسافر (ٽن حصن ۾ آتم ڪهاڻي) ۽ ان کان اڳ ڪيترو شعر ۽ نثر لکيائين. سنڌ جي نوجوانن جي دلين ۾ حياتيءَ جو روح ڦوڪيائين اجا به منجهن لکڻ جي سگهه هئي، پر وقت مهلت نه ڏنس. ان هوندي به سندس ڪلام توڙي نثر هميشه سنڌ واسين کي واسيندو رهندو.

**خيرالنساء جعفري:**

خيرالنساء سنڌي ليکڪائن ۾ وڏي اهميت رکندڙ هئي، هن جي بي باڪي ۽ سچائي تہ ضرب المثل بنجي چڪي هئي. سندس ڪهاڻيون، مضمون ۽ تقريرون حقيقت ۾ دلين کي گرمائي وجهنديون هيون. سنڌي ادب ۽ ادبي محفلن ۾ سندس کوٽ هميشہ محسوس ڪئي ويندي. تخليق جو موت سندس بهترين ڪتاب آهي.

**ظفر حسن:**

ظفر حسن وڏي سوچ رکندڙ اعليٰ ظرف ۽ اصول رکندڙ شخص هو. هو هڪ ئي وقت اديب، استاد، پبلشر ۽ نقاد هو. سندس لکڻيون بلڪل حقيقت تي ٻڌل هونديون هيون. کيس هميشہ نيون نيون ڳالهيون سجهنديون هيون. ادب ۾ نواڻ جو قائل هو. جاگرافي جي پروفيسر هئڻ جي باوجود سنڌي ٻولي ۽ ادب سان عشق هوس، رهيل قرض سندس ڪهاڻين جو مجموعو هو، جنهن سان سندس جديد ادب ڏانهن لاڙي جي چڱي ريت خبر پئجي ٿي. زندگي ۾ ڊسيپلين جو قائل هو. هر ڳالهہ تکي توري ڪندو هو، سندس شخصيت بہ جاذب هئي ۽ لکڻيون بہ، هن جهڙا بااصول انسان بہ ڪي ورلي ملندا.

هن دوران اسان جا ٻہ استاد بہ شعبي مان رٽائر ڪري ويا جن ۾ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ۽ ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ شامل آهن. هي ٻئي استاد پنهنجي علم ۽ تجربي جي ڪري وڏي اهميت رکندا هئا. سندن ڪتاب "سنڌي شاعري تي فارسي شاعري جو اثر" سنڌي ادب جي مختصر تاريخ (ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو) ورهاڱي کان اڳ سنڌي ناول جي ارتقائي تاريخ ۽ تحقيق جو فن (ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ) ايم - اي سنڌيءَ تي مقرر ڪيل آهن.

سنڌي شعبي جي جرنل "ڪينجهر" جي اشاعت لاءِ آئون سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر نذير احمد مغل صاحب جو ٿورائتو

آهيان جنهن مهرباني ڪري هن جرنل کي بهتر کان بهتر نموني ۾ ڪڍڻ جون هدايتون ڏيندي ڇپائي جي اجازت ڏني. ڊاڪٽر نذير احمد مغل ٿوري ئي عرصي ۾ سنڌ يونيورسٽي جي تدريسي ۽ تحقيقي شعبن ۾ جيڪي دور رس تبديليون آنديون آهن تن جا سٺا نتيجا هاڻ کان ئي نڪرڻ لڳا آهن. هن هڪ جديد سوچ رکندڙ تعليمي ماهر جي حيثيت سان حالات جو مڪمل تجزيو ڪري تبديليون آڻڻ جي جيڪا ڪوشش ڪئي آهي، تنهن ۾ سئليبس، نوان سبجيڪٽ، ڪورسز ۽ سيمسٽر سسٽم کي مڪمل طرح رائج ڪرڻ، تحقيقي ڪم کي مربوط انداز ۾ رائج ڪرڻ ۽ سيمينار ڪرائڻ جا سلسلا به شامل آهن.

مغل صاحب جيڪو وڏي ۾ وڏو ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي اهو سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ايم فل ۽ پي ايڇ ڊي جا ڪلاس شروع ڪرائڻ آهي. موجوده طريقہ ڪار سان مقالو لکڻ کان اڳ شاگرد مقالي جي فن، لکڻ جي طريقي ۽ مقصد ۽ ٻين ضروري ڳالهين کان مڪمل طور آگاه ٿي ويندو. نہ صرف ايترو پر هو پنهنجي مجوزه موضوع سان لاڳاپيل موضوعن ۽ مسئلن سان چڱي طرح واقف ٿي ويندو ۽ ائين پنهنجي مقالي سان انصاف ڪري سگهندو. تنهن کانسواءِ علم حاصل ڪرڻ لاءِ جنهن طريقي ۽ محنت جي ضرورت آهي، ان جو به هن کي موقعو ملي سگهندو.

ان ڏس ۾ آئون ڊين فئڪلٽي آف آرٽس ڊاڪٽر خير محمد لاڙڪ صاحب جن جو به ٿورائتو آهيان جنهن هن جرنل جي ڇپائيءَ جي باري ۾ ذاتي دلچسپي ورتي ۽ ان باري ۾ بار بار پڇائون به ڪيائون تہ مشورا به ڏيندا رهيا. جنهن جو نتيجو اهو آهي تہ اڄ هي جرنل اوهان جي هٿن تائين پهچڻ لاءِ تيار آهي.

هن جرنل ۾ هڪ نئين روايت کي شامل ڪيو پيو وڃي، جنهن تحت ڪينجهر جي هر پرچي ۾ سنڌي شعبي جي انهن استادن جو پورٽريٽ ڏنو ويندو، جيڪي يا اسان کان وڇڙي ويا آهن

يا وري رٽائر ٿي چڪا آهن. هن دفعي اسان پروفيسر علي نواز جتوئي جو پورٽريٽ ڏئي رهيا آهيون.

آئون شعبي جي استادن جو بہ شڪرگذار آهيان جن پنهنجون قيمتي لکڻيون ۽ مشورا ڏنا تہ جيئن بهتر کان بهتر مواد هن جرنل ۾ شامل ڪري سگهجي. خاص ڪري ڊاڪٽر هدايت آخوند جي محنت داد لهڻي جو هو صبح شام پريس جا ڦيرا ڪندو رهيو. مواد جا پروف بہ ڏسندو رهيو ۽ هن ڏس ۾ ڪانئس جيڪي پڇيو اهو ڪرڻ کان ڪونہ گسايائين.

**ڊاڪٽر قاضي خادم**
چيئرمين
سنڌي شعبو ۽ ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر
ڪينجهر

يهودي کي هريرام ماروازڙي وياج خور بنايو هئائين. ۽ انٽونيو ايماندار واپاريءَ کي لالا منسکلعل ۾ ڦيرايو هئائين. هن ناٽڪ ۾ سيرت جو مسئلو اهو رکيل هو تہ وياج خور جي پٽسي جي پوڄا سندس تباهي تي آئي ۽ عاشق دلدار (بسانيو) جي ادار دلي کيس سياڻي ۽ بردبار معشوقه حسنا (پورشا) سان ميلاپ تي ڪرائي. اهو ناٽڪ سنڌ ڪاليج منڊلي ڪاميابي سان اسٽيج تي آندو هو، جنهن ۾ هريرام ماروازڙي جو پارٽ جوتسنگ آڏواڻي نهايت اثرائتو ادا ڪيو هو. ۽ هو صاحب ان زماني جو بهترين مذاقي ائڪٽر ۽ هدايتڪار هوندو هو. ڪي سال پوءِ ساڳيو ناٽڪ وري ڏيکاريو ويو. جنهن ۾ هڪ ڪاليجي جوان ايچ. بي. آڏواڻيءَ اهو شائلاڪ جو پارٽ اهڙيءَ ترنڪيءَ ۽ بي رحميءَ سان ڪيو هو، جو ڪاليج جي پرنسپال ڊاڪٽر جئڪسن سندس پيٺ ٺڪ انگريزي ائڪٽر سان ڪئي هئي. ۽ ڏيوان ديارام گدومل. جو سوسائٽيءَ جو ڪائونسلر هوندو هو. تنهن اسٽيج تي اچي کيس مبارڪون ڏنيون هيون. پوءِ تہ سگهوئي "ايچ. بي. آڏواڻي" مسخريءَ جا پارٽ ڪماليت سان ڪرڻ لاءِ مشهور تي ويو ۽ سنڌ اسٽيج جو بهترين هدايتڪار (Director) ۽ پيشڪار (Producer) بڻ بنجي پيو.

شيڪسپيئر جو دردناڪ شاهڪار (King Lear) ٻيون ناٽڪ هو جو مرزا قليچ بيگ "شاهہ ايليا" نالي سان 1900ع ۾ سنڌي ۾ آندو هو. ان ۾ سيرت جي هيٺائي اها چئيل هئي تہ ڪيئن هڪ عاليشان، پر ضعيف- طبع بادشاهہ پنهنجين ٻہ ڇاڀڙين ڌيئن جي خوشامد تي ٻنيلجي، پنهنجي سموري ملڪيت کين ۽ سندن لوڀي مڙسن کي ارپي ٿوڇڏي، پر اندر جي سچيار ۽ سچ چئي ڏيندڙ ننڍي ڌيءَ ڪارڊيليا کي ڪاري ڪوڏي بہ ڪانہ ٿو ڏئي. پر هن ناٽڪ جو ترجمو مرزا صاحب اهڙو تہ اکري پابنديءَ وارو ڪيو هو. ۽ ڪردار ۽ شهرن جا نالا ڦيرائي مڪاني ڪرڻ اهڙو ان نهڪندڙ هو. جو ناظرين کي اهو ناٽڪ دل سان ئي کين لڳو هو. خاص ڪري ڌيئن جي ڌڪانيل بادشاهہ جون دردناڪ زبانيون، چريائيءَ جي حالت ۾. ۽ وفادار

ڪانپوء سوسائٽيءَ ڪيٰ سميٽو پيو، ۽ آءُ پنهنجي عهدي جي ايام ۾ ڪا ڪارروائي ڪري ڪانہ سگهيس.

مرزا قليچ جو "جمشيد حميده" 1918ع ۾ لکيو ويو. جو شيڪسپيئر جي ڪنهن نامعلوم ناٽڪ جو الٿو هو، ۽ منهنجي چاڻ موجب نڪي ڇپايو ويو، نڪي اسٽيج تي آندو ويو. اهو ناٽڪ ۽ ٻيا بہ مرزا صاحب جا ڪي مکيہ ناٽڪ "سنڌي ادبي بورڊ" وارن حيدرآباد سنڌ مان ٻيهر ڇپائي پڌرا ڪيا آهن، جو هي ناياب ٿي ويا هئا.

ڊاڪٽر الياس عشقي

# شاھ جي رسالي جو محقق - مرزا قليچ بيگ

سنڌي ادب ۾ مرزا قليچ بيگ هڪ نهايت قدآور ۽ روشن نالو آهي. ادب جي ڪابہ صنف هجي. انشاپردازي جو ڪهڙو بہ انداز هجي. ان جي شروعات گهڻو ڪري مرزا صاحب سان ٿي ٿئي ٿي. شاھ سائين جي سلسلي ۾ بہ مرزا جو ڪم وڏي اهميت رکي ٿو. ڇپيل رسالن جي تاريخ ۾ مرزا صاحب جي مرتب ڪيل رسالي کي سنگ ميل جي حيثيت حاصل آهي. مولانا دين محمد وفائي "لطف اللطيف" ۾ لکي ٿو:

> "مرزا قليچ بيگ مرحوم سن 1913ع ۾ رسالي جو هڪ جامع نسخو جمع ڪيو. سنڌس ارادو هو تہ مختلف نسخن ۾ جيڪي گهٽ-وڌ ۽ پنهجا پرايا شعر آهن، تن سڀني کي هڪ هنڌ گڏ ڪري ڇڏي، جيڪڏهن هن دنيا ۾ رسالي جا سمورا نسخا ڪٺي گم ٿي وڃن تہ بہ مرزا صاحب وارو رسالو سڀني جو ڪم ڏئي ۽ ايندڙ زماني ۾ تحقيق ڪندڙن لاءِ در کليو رهي."

مرزا صاحب پنهنجي رسالي کي سن 1900ع ڌاري تعليم کاتي لاءِ پنشاھ واري رسالي (گنج) جي آڌار تي مرتب ڪيل تاراچند شوقيرام جي رسالي کان پوءِ مرتب ڪيو هو، جو جو مرزا صاحب کي ان ۾ تمام تمام گهٽيون ڄڪون ۽ گهٽتايون نظر آيون هيون، ان ڪري سچ پچ مرزا صاحب جو ترتيب ڏنل رسالو ڇپيل رسالن ۾ پنهنجي انداز جو قابل قدر نسخو آهي.

جيئن تہ سنڌيءِ ۾ گهڻن ادبي ڪمن کي مرزا صاحب شروع ڪيو آهي. نيئن رسالي جي تحقيق جي پيڙهہ جو پٿر بہ مرزا صاحب ئي رکيو آهي ۽ ان ڏس ۾ اوليت جو شرف بہ مرزا صاحب کي ئي حاصل آهي. جيستائين شاهہ سائينءَ جي حياتيءَ جو تعلق آهي، مرزا صاحب پهريون اديب آهي جنهن هڪ مفصل ڪتاب لکي ڇپرايو. اول هيءَ ڪتاب مرزا صاحب انگريزي ٻوليءَ ۾ لکيو هو ۽ پوءِ پاڻ ان جو ترجمو سنڌيءِ ۾ ڪري شايع ڪيو. مرزا صاحب کان اڳ هزهائنيس مير عبدالحسين خان سانگي وڏي محبت ۽ ڪوشش سان درگاهہ شاهہ لطيف جي وڏن مريدن ۽ وڏيءَ عمر جي ڄاڻو ۽ معتبر ماڻهن سان ملي شاهہ جي سوانح بابت مفيد معلومات ۽ مواد گڏ ڪيو هو. مير صاحب کي شاهہ صاحب سان جيتري عقيدت ۽ محبت هئي، ان جي ثابتي ميرا صاحب جي مرتب ڪيل شاهہ جي قلمي رسالي ۽ سوانح بابت اهليہ مواد مان ملي ٿي، جنهن کي هن معتبر راوين کان ٻڌي گڏ ڪيو هو. انهيءَ عقيدت جي تقاضا هئي جو هن شاهہ جي حياتي مرتب ڪرڻ جو پهہ پچايو هو. مير صاحب وارو زمانو شاهہ جي حياتيءَ بابت معتبر راوين جو آخري دؤر هو. جنهن مان مير صاحب پورو پورو فائدو حاصل ڪيو. اڄ مير صاحب جو گڏ ڪيل مواد پنهنجي نوعيت جو بيش قيمت سرمايو آهي ۽ بنيادي ماخذ ليکيو وڃي ٿو. مرزا قليچ بيگ بہ پنهنجي ڪتاب "احوال شاهہ عبداللطيف ڀٽائي" لاءِ سڄو مواد مير صاحب کان ئي حاصل ڪيو هو. "لطائف لطيفي" جي مهاڳ ۾ مير صاحب لکيو آهي:

> "آخر يک رسالہ در سندي کہ هنوزتا تمام بود بنظر محبت اثر عظيم الشان مير گل حسن خان بهادر رسيده و اوشان آن نسخہ، متبر کہ به جهت مطالعہ والاشان مير صاحب امير علي خان بردند و بعد مدتِ مديد عالي شان مرزا قليچ بيگ فريدون بيگ به ساختن رسالہ حضرت اوليا، شايقِ مزيد شد و راقم هم

از شنیدنِ آن بکمال مسرت محین او شان شدم و هر قدر اخبار محقق داشتم به مرزا رسانیدم و مرزا ازان انتخاب نموده باندک اکتفا کرد و دو نسخہ، چیده تیار ساختم کہ یکي در لغتِ انگریزي است و دیگر بزبان سندي مي باشد."

يعني: آخر هڪ سنڌي رسالو جو اُن وقت تائين اڻپورو هو، مير گل حسن خان جي نظر مان گذريو ۽ هن هيءَ نسخو مطالعہ ڪرڻ لاءِ مير صاحب امير علي خان کي ڏنو. وري ڪافي ڏينهن کان پوءِ مرزا قليچ بيگ ساهہ سائين بابت رسالو (ڪتاب) مرتب ڪرڻ جو وڏيڪ شوق ڏيکاريو. هيءَ ڳالهہ ٻڌي آءٌ خوسيءَ سان ان جو مددگار ٿيس ۽ جيترو تحقيقي مواد وٽم موجود هو. مرزا صاحب کي ڏنو ۽ مرزا صاحب ان مان ٿورو انتخاب ڪري ٻہ نسخا جوڙيا. جن مان هڪ انگريزيءَ ۾ ۽ ٻيو سنڌي زبان ۾ هو."

مرزا صاحب شاهہ جي حياتيءَ تي 1880ع ڌاري ڪم ڪرڻ شروع ڪيو هو ۽ سندس سنڌي ڪتاب 1887ع ۾ مڪمل ٿيو. جنهن کي ڀهريون ڀيرو 1905ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. بقول سانگي، مرزا صاحب ڏنل مواد مان چوندي ٿوري معلومات پنهنجي ڪتاب ۾ شامل ڪئي. ان ڪري شايد مرزا صاحب کي خيال ٿيو جو، متان محنت سان گڏ ڪيل ناياب مواد ضايع ٿي وڃي، ان خيال سان هن پنهنجو ڪتاب "لطائف لطيفي" پارسي ٻوليءَ ۾ لکي، مرزا صاحب جي ڪتاب جي هڪ سال کان پوءِ 1888ع ۾ پورو ڪيو. بعد جي مصنفن لاءِ هيءُ ڪتاب شاهہ جي حياتي بابت بنيادي ماخذ بڻجي ويو.

مرزا صاحب جو مرتب ڪيل "رسالو" ۽ "احوال شاهہ عبداللطيف ڀٽائي" تہ سنڌي ادب ۾ وڏا ڪارناما سمجهيا ٿي وڃن ٿا. پر اسان جي خيال ۾ شاهہ جي موضوع تي مرزا صاحب جو سڀ کان نمايان ۽ اهم ڪم شاهہ

جي رسالي جو تجزيو آهي، جو هن پنهنجي ڪتاب "احوال شاهه عبداللطيف ڀٽائي" جي سٽين، نائين ۽ ڏهين بابن ۾ پيش ڪيو آهي.

اڄ شاهه جي رسالي جي سلسلي ۾ جنهن ڪم کي مثالي چئي سگهجي ٿو، ان جي شروعات مرزا صاحب جي ڪتاب جي مٿي حوالي ڏنل بابن سان ٿئي ٿي. عام طور سان سمجهيو ويندو آهي ته شاهه جي رسالي جي جديد ترتيب، ان جي سُرن جي سمجهاڻي، شاهه جي ڪلام جي فني اڀيار، پس منظر ۽ تشريح جو ڪم ڊاڪٽر گربخشاڻي سڀ کان پهريائين ڪيو آهي ۽ بيشڪ هن شاهه جي رسالي کي نئين سر مرتب ڪري وڏو ڪم انجام ڏنو آهي. جنهن ۾ سڀني سُرن ۽ راڳن کان سواءِ سنڌ جي روماني داستانن جو بيان به ڪيل آهي. هيءَ سچ پچ تعريف جوڳو ڪم آهي. ڊاڪٽر گربخشاڻي ان رسالي جي ڪم ۾ تعاون لاءِ پنهنجن شاگردن عمر بن محمد دائودپوٽي ۽ غلام دستگير پانڌياڻي جا ٿورا مڃيا آهن ۽ جيڪو ڪم هنن ڪيو آهي، ان جو اعتراف ڪيو آهي. هيءَ ان جي وڏي محقق ۽ اسڪالر هجڻ جي نشاني آهي. پر تعجب جي ڳالهه آهي ته پنهنجي ان ڪارنامي "شاهه جي رسالي" جي ترتيب جي بنيادي خيال لاءِ، جو مرزا صاحب جي رسالي جي تجزيي جي صورت ۾ اڄ "احوال شاهه عبداللطيف ڀٽائي" جي نائين ۽ ڏهين بابن جي صورت ۾ موجود آهي. ٿورا مڃڻ ته وڏي ڳالهه آهي، هن صاحب اعتراف جو هڪ لفظ به نه لکيو آهي. رواجي طور رڳو ايترو لکيو آهي ته "ميرزا قليچ بيگ صاحب سنڌ جي مشهور مصنف به هِن ڪم کي راس ڪرڻ لاءِ منهنجي هر طرح همت افزائي ڪئي آهي ۽ شاهه تي پنهنجي تصنيف ڪيل ڪتابن مان مدد وٺڻ جي فراخدليءَ سان اجازت ڏني آهي. انهيءَ لاءِ آءٌ سندس گهڻو شڪرگذار آهيان." حالانڪه ڊاڪٽر صاحب، دائودپوٽي مرحوم جي خدمت جو اعتراف ڪندي ٻڌايو آهي ته "پهرين جلد جو نسخو تيار ڪيو. ڇاپي جي درستي ڪئي ۽ شرح لکي، سندس مدد ڪئي" ته پوءِ مرزا صاحب کان رسالي جي ترتيب جي سڄي رٿا مان فائدو وٺڻ جي اعتراف ۾ به سندس ڪم

جي اهميت ۾ فرق نہ پوي ها. خبر ناهي ڊاڪٽر گربخشاڻي جهڙي محقق ائين ڇو ڪيو! ان ڪري جو سندس رسالي جي ترتيب بہ تاريخ ادب جو حصو بڻجي ويٺي آهي ۽ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي محسن مرزا قليچ بيگ جو هيءُ ڪارنامو بہ سنڌي ادب جي تاريخ ۾ محفوظ آهي.

ڊاڪٽر گربخشاڻي پنهنجي رسالي جو بنياد ڇهن تاريخي اهميت وارن رسالن تي رکيو آهي، جن مان چار قلمي نسخا آهن. ٻلڙي واري درگاهہ جو نسخو (جو ان کان پوءِ غائب ٿي ويو) درگاهہ ڀٽ شاهہ جو نسخو (گنج)، مير عبدالحسين خان سانگي وارو نسخو ۽ برٽش ميوزم وارو خطي نسخو (جو بعد ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ مرتب ڪري ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز پاران ڇاپي ڇڏيو آهي) ان کان سواءِ بمبئيءَ مان شايع ٿيل سنگي ڇاپي وارو نسخو ۽ ڊاڪٽر ٽرمپ وارو ليپزگ (جرمني) ۾ ڇپيل سنڌي ٽائيپ جو ڇهريون نسخو. انهن رسالن کي پيش ڪري ڊاڪٽر صاحب پڙهڻين کي درست ڪري معتبر نسخو تيار ڪيو. جنهن ۾ لفظن جي تلفظ جو بہ خيال رکيو ويو آهي ۽ ڏکين لفظن جي معنيٰ ڏيڻ جو اهتمام بہ ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ ريت سندس ڪم قابل قدر ۽ يادگار آهي. افسوس اِهو آهي تہ هيءُ يادگار تقابلي نسخو اڻپورو رهجي ويو. ٽي ڀاڱا شايع ٿيا ۽ چوٿون ۽ آخري ڀاڱو مڪمل نہ ٿيو ۽ ٿيو تہ ڇپجي نہ سگهيو ۽ سنڌي ادب ۽ شاهہ جي لٽريچر ۾ اهو هڪ وڏو نقصان آهي، جنهن کي محسوس ڪيو پيو وڃي.

جيئن اسين اڳي چئي چڪا آهيون، رسالي جي ترتيب جو بنيادي خيال ۽ رٿا مرزا قليچ بيگ "احوال شاهہ عبداللطيف ڀٽائي" جي نائين ۽ ڏهين بابن ۾ کولي ٻڌائي چڪو آهي، پڪ آهي تہ ڊاڪٽر گربخشاڻي کي رسالي جي ترتيب جو خيال انهن بابن جي مطالعي کان پوءِ ئي ٿيو. جو جو سندس رسالي جا ٽيئي جلد مرزا صاحب جي مختصر جائزي ۽ رٿا جو تفصيل آهن. پنهنجي دعويٰ جي دليل طور مرزا صاحب جي جائزي ۽ ترتيب جي رٿا جو مختصر خلاصو هيٺ ڏجي ٿو:

سر پهريون ڪليان: سر جي موضوع جي سمجهاڻي ۽ ٽن فصلن جو جدا جدا بيان.

سر ٻيو جمن: مضمون ساڳيو. ڇهن فصلن جو مختصر بيان ۽ سمجهاڻي.

سر ٽيون سريراڳ: ڇهن فصلن جو بيان ۽ مختصر سمجهاڻي.

سر چوٿون ساموندي: مختصر سمجهاڻي ۽ ٽن فصلن جو بيان.

سر پنجون سهڻي: سهڻي ميهار جو قصو (پنجاب واري روايت) ۽ سنڌي قصي جو مختصر اختلاف. خاص خاص ڳالهيون ۽ اشارا. حقيقت ۽ مجاز جي معائنن بابت اشارا ۽ نون فصلن جو بيان.

سر ڇهون ڪنڀات: مضمون بابت مختصر ڳالهه ۽ ٽن فصلن جو بيان.

سر ستون سارنگ: مختصر مضمون ۽ چئن فصلن جو بيان.

سر اٺون ڪيڏارو: مختصر مضمون، ڪربلا جي واقعي جو قصو. خاص اشارا. سمجهاڻي ۽ ڇهن فصلن جو بيان.

سر نائون آبري: مختصر مضمون، سسئي پنهونءَ جو قصو. ڏهن فصلن جو بيان ۽ آخر ۾ ترمپ واري رسالي ۾ آيل هڪ ننڍي سر "آبري جوٽڪي" جو تت.

سر ڏهون معذوري: مضمون ساڳيو سسئي وارو ۽ ستن سرن جو مختصر بيان.

سر يارهون ديسي: مضمون ساڳيو ۽ ستن فصلن جو بيان.

سر ٻارهون ڪوهياري: مضمون ساڳيو ۽ ستن فصلن جو بيان.

سر تيرهون حسيني: مضمون ساڳيو ۽ تيرهن فصلن جو بيان.

سر چوڏهون سورٺ: سمجهاڻي. سورٺ ۽ راءِ ڏياچ جو قصو ۽ چئن فصلن جو بيان.

سر پندرهون بيراڳ: فصل جو مختصر بيان. شاهه جو ڇيل ڪونهي.

سر سورهون هير رانجهو: سر جي سمجهاڻي بابت اشارا شاهہ جو چيل ڪلام ڪونهي.

سر سترهون بروو سنڌي: مختصر سمجهاڻي، ٽن فصلن جو بيان ۽ ترمپ واري رسالي جي هڪڙي نندي سر بروي چوٿڪي جو مختصر بيان ۽ اشارو.

سر ارڙهون مومل راڻو: مومل راڻي جو قصو. سمجهاڻي، اشارا ۽ اٺن فصلن جو مختصر بيان.

سر اڻويهون ڪاموڙي: سمجهاڻي ۽ ٽن فصلن جو بيان.

سر ويهون رامڪلي: سمجهاڻي، خاص اشارو ۽ نون فصلن جو بيان.

سر ايڪيهون کيپ (رپ): مختصر سمجهاڻي ۽ ٻن فصلن جو بيان

سر ٻاويهون ليلا چنيسر: ليلا چنيسر جو قصو ۽ سر جو مختصر بيان.

سر ٽيويهون بلاول: سمجهاڻي، سلطان علاالدين جي ڪاهہ، مظلومن کي پناهہ ڏيڻ. راهوسمي ۽ ابڙي سردار جو قصو (دودو چنيسر واري ڳالهہ) مختصر چئن فصلن جو بيان.

سر چوويهون ڏهر: سمجهاڻي ۽ چئن فصلن جو بيان.

سر ٻنجويهون ڪاپاڻتي: مخصتر سمجهاڻي.

سر ڇويهون ٻرياتي: مخصتر سمجهاڻي.

سر اٺاويهون حسيني ڪيڏارو: سمجهاڻي ۽ فصل جو مخصتر بيان، اشارو هيءُ سر شاهہ جو چيل ڪونهي.

سر اٺيهون آسا: سمجهاڻي ۽ چئن فصلن جو بيان.

سر ٽيهون مارئي: عمر مارئي جو قصو ۽ ڏهن فصلن جو بيان.

سر ايڪٽيهون ڍول مارئي: شاهہ جو چيل ڪونهي.

سر ٻٽيهون ڏناسري: مختصر اشارو. شاهہ جو ڪلام ڪونهي.

سر ٽيٽيهون پورب: سمجهاڻي ۽ فصل جو بيان.

ڪرڻ جو خيال بہ ظاهر ڪيو هو. پر گربخشاڻي جيتريقدر ٿي سگهيو آهي اهڙو ڪلام خارج ڪيو بلڪ ڪجهہ ڪلام شاهہ جو بہ انهيءَ شبهي ۾ ڪڍي ڇڏيو آهي.

مرزا صاحب ٿرمپ جي رسالي جي ننڍن سرن آبري، چوٽڪي ۽ بروي چوٽڪي جو ذڪر ڪيو آهي ۽ اهڙو بيان ڪرڻ سان رسالي جي ڪيترن نسخن جي ڇپجڻ جو سلسلو شروع ڪيو آهي. بلڪ مرزا صاحب پنهنجي رسالي جي ترتيب ۾ تعليم ڪاتي لاءِ تاراچند شوقيرام ۽ ٻين رسالن جو ذڪر ڪيو آهي، پر ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ پنهنجي رسالي جي ڇهرين جلد ۾ چار، ٻئي جلد ۾ پنج ۽ ٽئين جلد ۾ ڇهن رسالن کي ڏسي پنهنجو نسخو تيار ڪيو آهي. ٽنهي صاحبن پنهنجي پنهنجي انداز ۾ پڙهڻين کي بہ درست ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

، مرزا صاحب کي خبر هئي تہ سر ڪيڏارو شاهہ جو جيل ڪونهي، (يا رڳو چند بيت شاهہ جا چيل آهن). ان بابت ميان محمد صالح ڀيي هالا واري سان سندس خط ڪتابت بہ ٿي هئي. ٻئي صاحب جي هڪ خط جي جواب ۾، جو سر ڪيڏاري جي شاهہ صاحب جي ڪلام نہ هجڻ بابت هو، مرزا صاحب لکيو آهي:

> "اوهان جي لکڻ موجب ڪتاب پڙهيو ويو ۽ اصلاح ڪئي ويئي. احسان فقير جو ڪيڏارو مون وٽ بہ هو، انهيءَ سان مقابلو ڪري سڌار ڪئي ويئي. جيڪي بيت اوهان نہ لکيا هئا ۽ هن (مون واري رسالي) ۾ هئا سي بہ صاف صفحن تي نمبروار لکيا ويا آهن."

ٻئي صاحب لکيو هو تہ شاهہ جي سر ڪيڏاري ۾ گهڻو ڪري احسان فقير جا بيت آهن ڪن ٻين شاعرن جا بيت بہ انهن سان شامل ٿي ويا آهن. اهڙن سمورن بيتن کي گڏ ڪري، جي شاهہ جا چيل نہ آهن، ٻئي صاحب ڪيڏاري جي عنوان سان هڪ ننڍو ڪتاب تاليف ڪيو هو جو مرزا صاحب

وٽ سندن رايو معلوم ڪرڻ ۽ اصلاح لاءِ موڪليو هو. جنهن جو ذڪر مرزا صاحب پنهنجي خط ۾ مٿاهين تحرير ۾ صاف لفظن ۾ ڪيو آهي. انهيءَ الحاقي ڪلام بابت مرزا صاحب واضح لفظن ۾ پنهنجو رايو ڏنو آهي:

"ڏسڻ ۾ ايندو تہ احسان فقير جي بيتن ۾ اسماعيل (احسان فقير جي پٽ) ۽ جيئندل ۽ ٻين جا بيت بہ آهن، يا انهن جون اهي مصراعون ڏنل آهن. جيئن شاهہ جي رسالي ۾ ٻين جا بيت ۽ انهن جون اهي مصراعون ڏنل آهن."

(18- مارچ 1920ع)

(پر ان هوندي بہ مرزا صاحب ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻي ٻئي صاحب ڪيڏاري کي شاهہ جي رسالي ۾ شامل ڪن ٿا. (رڳو علامہ آءِ. آءِ قاضي مرحوم پنهنجي مرتب ڪيل رسالي ۾ سُر ڪيڏارو داخل نہ ڪيو آهي).

عجيب ڳالهہ آهي تہ جڏهن گربخشاڻي جي رسالي جي نئين ۽ سهڻي ترتيب ۽ تعليقات ۽ تحقيقات جو ذڪر هلندو آهي تہ ان جو سچو فائدو ان کي ئي پهچي ٿو ۽ ڪڏهن ڪو مرزا قليچ بيگ جي ان نرالي ترتيب جي اوائلي ۽ جديد انداز جو اعتراف نٿو ڪري، حالانڪہ گربخشاڻي وارو رسالو مرزا صاحب واري ترتيب جي رٿا جو تفصيل آهي. انهيءَ حقيقت جي اظهار سان اسان جو مقصد ڊاڪٽر گربخشاڻي ترتيب ۽ تعليقات جي ڪم کي اهڙي قابليت ۽ محنت سان انجام ڏنو آهي جو ان جو اعتراف نہ ڪرڻ بہ انصاف جي برخلاف هوندو. ٻين سان ڪهڙي شڪايت ڪجي، جڏهن ڊاڪٽر صاحب جهڙو برک اديب ۽ محقق پاڻ مرزا صاحب جي ڪم ۽ ان مان پنهنجي فائدي وٺڻ جو اعتراف نٿو ڪري. حالانڪہ مرزا صاحب اهو ٻهريون محقق آهي جنهن اسان کي ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻي کي ٻڌايو آهي تہ شاهہ جي رسالي کي ڪهڙي نموني ۾ مرتب ڪرڻ گهرجي: ڇو جو مرزا صاحب جي زماني تائين بمبئي واري سنگي ڇاپي جا 1867ع (بقول مرزا قليچ بيگ 1866ع) کان وٺي 1921ع تائين گهٽ ۾ گهٽ اٺ يا نو ايڊيشن ڇپجي پڌرا ٿي چڪا هئا.

ڊاڪٽر ارنسيٽ ٽرمپ ۾ سرڪاري تعليم کاتي جو رسالو پيا ٻه ڪيترا رسالا اچي چڪا هئا ۽ ڪنهن به رسالي جي ترتيب مرزا صاحب جي ٻڌايل نموني مطابق نه هئي. بلڪ خود مرزا صاحب به پنهنجي رسالي کي رواجي انداز ۾ ڪجهه ڏاريا بيت خارج ڪري ۽ ڇڏيل بيت داخل ڪري جهوني صورتخطي جي بدران سرڪاري صورتخطي ۾ لکي مدون ڪيو. انهيءَ سلسلي ۾ مرزا صاحب ٻهرين عالمن ۾ هو جنهن جديد صورتخطي کي عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. گربخشاڻي انهيءَ باري ۾ ٻنهي جي وچ جو رستو اختيار ڪيو. ان لاڙ جي صورتخطي اختيار ڪئي.

وڏيڪ تعجب جي ڳالهه هيءَ آهي ته گربخشاڻي جي رسالي تي تنقيد ڪندڙ ۽ ان جي مخالف اديبن ۾ انهيءَ ڳالهه بابت ڪو اشارو نه ڪيو. انهيءَ سڄي تنقيد ۽ مخالفت جو انداز جيڪو رسالي ۽ ان جي مولف بابت هئي. ادبي گهٽ ۽ ذاتي ۽ نيم مذهبي وڌيڪ هوندو هو. انهيءَ جهيڙي ۾ ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل مکيه ڪردار ادا ڪندو هو. ڪجهه اديب گربخشاڻي جي مخالفت ۾ ۽ ڪجهه موافقت ۾ لکي رهيا هئا. پر سڄو اختلاف ۽ سڄي تنقيد يا اسلامي تصوف ۽ ويدانيت تي مرڪوز هئي يا گربخشاڻي جي رسالي ۾ دائودپوٽي مرحوم جي ڪم جي اهميت کي وڌائي ان جي استاد جي ڪم کان وڌيڪ ظاهر ڪرڻ تي يا ڊاڪٽر گربخشاڻي جي اسلامي تصوف جي بدران شاهه لطيف جي ڪلام کي فلسفه ويدانيت جي مطابق پيش ڪرڻ جي خلاف هئي. پر اهڙن بحثن کان ڪنهن کي به ڪو فائدو نه رسيو. ڇو جو استاد پنهنجي شاگرد جي ڪم کي اڳي ئي ميچي چڪو هو ۽ جيتوڻيڪ فلسفه وحدت الوجود ۽ ويدانيت جي بحث جو تعلق آهي. ان ۾ به اختلاف براءِ اختلاف وڌيڪ نظر اچي ٿو. ان ڪري جو ڊاڪٽر صاحب فارسيءَ جو پروفيسر هو ۽ تصوف ان جو خاص موضوع هو. بلڪ هن تحقيق جي موضوع تي لنڊن يونيورسٽي مان تحقيقي مقالو لکي پي ايچ ڊي جي ڊگري به حاصل ڪئي هئي.

اڄ بہ اسين ڏسي سگھون ٿا تہ ڊاڪٽر گربخشاڻي پنهنجي رسالي جي مقدمي ۾ اسلامي تصوف تي تمام سهڻي انداز ۾ بحث ڪيو آهي ۽ ڪنهن تعصب کان سواءِ اظهار ڪندي قرآن ۽ حديث جي حوالن سان تصوف جي صداقت کي ثابت ڪري ٿو. ان جي ان محققانہ ڪم تي ڪنهن مسلمان کي بہ ڪو اعتراض نٿو ٿي سگهي. جو جو هن شروع کان آخر تائين علمي انداز برقرار رکيو آهي. هندوءَ هوندي بہ اهڙي سلجهيل نموني ۾ بحث ڪرڻ تي ان جي جيتري بہ تعريف ڪجي گهٽ آهي. باقي رهيو تصوف سان گڏ فلسفہ ويدانيت جو بيان ۽ ان ۾ بہ ڪو قابل اعتراض پهلو ڪونهي، بلڪ هن صاحب پنهي جي تقابلي مطالعي جي سلسلي ۾ جا معلومات فراهم ڪئي آهي، ان مان اڄ بہ پڙهندڙ فائدو پرائي ٿو. پنهي صوفيانہ مڪتبن جي بيان جي هڪڙي ٻي وجهہ بہ آهي ۽ اها هيءَ آهي تہ هو هندن کي شاهہ جي ڪلام مان وڌيڪ مانوس ڪرڻ ٿو چاهي، ان لاءِ جو شاهہ ۽ سچل جي درگاهن جي مريدن ۽ عقيدتمند هندن کان سواءِ فارسي پڙهيل بہ هوندا هئا. ٻيا هندو فلسفہ ۽ وحدت الوجود کي ويدانيت جي ذريعي ئي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندا هئا ۽ اهڙو اندازو هندو اهل ذوق ۽ خود گربخشاڻيءَ جي لاءِ بہ فطري هو. انهيءَ موضوع کي بنا ڪنهن واضح سبب جي هروڀرو اختلاف جو موضوع بڻايو ويو.

ان سڄي اختلاف ۾ اصل ڳالهہ شاهہ جي رسالي جي ترتيب ۽ ان جي ترتيب ۽ ان تي مرزا قليچ بيگ جي تحقيقي ڪم جي اثر بابت هئي ۽ ڪنهن اديب هڪ سٽ بہ ان بابت نہ لکي آهي. جنهن سان خيال پيدا ٿئي ٿو تہ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ جڏهن هيءُ ادبي معرڪو هليو هو. شايد اسان جا نقاد مرزا قليچ بيگ جي ڪتابن جو مطالعو گهٽ ڪندا هئا يا شايد انهيءَ دؤر ۾ مرزا صاحب جا ڪتاب دستياب نہ هئا. وجهہ ڪجهہ بہ هجي، افسوس انهيءَ ڳالهہ جو آهي تہ مرزا صاحب ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻي واري ترتيب بابت ڪنهن هڪڙي ماٿو بہ انصاف جي ڳالهہ نہ ڪئي ۽ نہ وري

اصل موضوع سان پورو انصاف ڪيو. حالانڪہ هيءَ هڪ اهڙي حقيقت آهي، جنهن کان انڪار نٿو ڪري سگهجي، ان ڪري جو گربخشاڻي جي رسالي جا ٽي ڀاڱا سنہ 1923ع، 1924ع ۽ 1931ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيا هئا ۽ ان جي مقابلي ۾ مرزا صاحب جو ڪتاب "احوال شاهہ عبداللطيف ڀٽائي" جو پهريون ڇاپو سنہ 1905ع ۾ آيو هو ۽ ان کان پوءِ ٽن ٻين ايڊيشنن ۾ شايع ٿي چڪو هو. جنهن سان گربخشاڻي جهڙي اسڪالر ۽ محقق جي اڻواقف هئڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي، ان ڪري جو ڊاڪٽر صاحب پنهنجي رسالي جي پهرين جلد ۾ مرزا قليچ بيگ جي ڪتابن مان فائدو وٺڻ جو پاڻ اعتراف ڪيو آهي. اهڙي حالت ۾ رسالي جي ان باڪمال مؤلف جي مرزا قليچ بيگ جي رسالي جي جائزي ۽ تدوين جي رتا سان تجاهل عارفانہ تي تعجب آهي. مرزا صاحب جي انهيءَ ڪتاب جو پنجون ۽ آخري ڇاپو ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز پاران 1972ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو آهي، جنهن کي ڏسي هرڪو حقيقت حال کي معلوم ڪري سگهي ٿو.

ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ

# مرزا قليچ بيگ جي ناول نگاري

سنڌي نثري ادب تي جيڪا ماضي جي ڪارن ڪڪرن جي ڪري اونداهي ڇانيل هئي، انگريز حڪومت جي ڪوشش سان نثر جي ترقي جون راهون نڪرڻ لاءِ اميد پيدا ٿي. انهيءَ اميد جي دائري کي وسيع ڪرڻ جو سهرو مرزا قليچ بيگ جي سر رهيو جنهن پنهنجي اڻ ٿڪ ڪوشش سان سنڌي ادب جي نثر کي ماضي جي ڪوهيڙي مان ڪڍي روز روشن وانگر اهڙي روشني بخشي جو سنڌي نثر دائمي زندگي اختيار ڪري ورتي. هي هڪ طرف شاعر هو ٻئي طرف ناول نگار، ٽئين طرف ڊراما نگار چوٿين طرف مضمون نويسي جو خالق هو ۽ انهي سيني خوبين تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿيندو تہ مرزا صاحب ايترين خوبين جي هئڻ ڪري پنهنجي دؤر جي هڪ مثالي ۽ عظيم شخصيت هئي، جنهن پنهنجي حياتي ۾ جيترو لکيو اوترو سنڌي ادب ۾ اڄ تائين ڪوبہ لکي نہ سگهيو آهي. مرزا صاحب جي لکيتن مان اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ ٻانَ ادب جي هر شاخ تي تجربا ڪيائون ۽ حيرت انگيز ڪاميابي حاصل ڪئي، ڀوءِ چاهي اهو نظم هو يا نثر هو ۽ اهائي سندس ادبي عظمت سندس محنت جو نتيجو هئي، جو هن راتيون جاڳي اهو مقام حاصل ڪيو جو اڄ بہ ڪيس شمس العلماءُ جي لقب سان ياد ڪيو وڃي ٿو.

افسانوي ادب ۾ مرزا صاحب پنهنجو پاڻ ڇڳو ملهايو آهي. ڪيترائي ناول ترجمو ڪري سنڌي ادب جي هن صنف کي مالا مال ڪيو آهي. مرزا صاحب نہ رڳو ترجمان ڪيا پر بہ طبعزاد ناول بہ لکيا جن ۾ دلارام 1888ع ۾ ۽ زينت 1890ع ۾ لکيو ۽ سنڌي ادب ۾ اصلوڪن ناولن

جي ابتدا ڪئي. انهن پڻ اصلوڪن ناولن کان سواءِ ڪيترائي پيا ناول ترجمو ڪيا ۽ سنڌي ادب جي ميدان کي ناول جي صنف سان مالا مال ڪيو. مرزا صاحب انگريزي زبان تان جيڪي ناول ترجمو ڪيا اهي هي آهن:-

حاجي بابا اصفهاني (Morie جي ايراني زندگي واري ناول تان ترجمو)

گلن جي ٽوڪري (جرمن ناول Basket of Flowers جو ترجمو)

ٽي گهر (Three Home جو ترجمو)

ايرڪ ۽ جولئن هوم (Faroar جي مشهور ناول تان ترجمو)

راحيل (هڪ انگريزي ناول تان ترجمي)

سچي محبت (Lord Beacons fields Herietta Temple تان ترجمو)

گليور جو سفر ۽ سفر (Dean Swift جي قصي تان ترجمو)

سندباد جهازي (Arabian Knight جو ترجمو)

رابنسن ڪروسو (Defoe جي قصي جو ترجمو)

شرلاڪ هومس جا عجيب غريب ڪم (Connen Doyle جي جاسوسي ناول تان ترجمو)

سنڌبر فوريڊ ۽ مرٽن (انگريزي ناول جو ترجمو)

غلامي کان مٿي چاڙهو (Brooken T. Washington جو Up from Salavory ناول جو ترجمو)

مرزا صاحب جي لکيتن تي جيڪڏهن گهري نظر وجهنداسين ته معلوم ٿيندو ته مرزا صاحب سنڌي قوم جي ماضي حال ۽ مستقبل کي نظر ۾ رکندي پنهنجي لکيتن جا موضوع چونڊيا ۽ پنهنجي قوم جي مستقبل سنوارڻ لاءِ انهن ۾ اصلاحي پهلو چونڊي ڪم آندا ته جيئن مستقبل ۾ هيءَ قوم ڪنهن طرح سجاڳ ٿي. پنهنجي وڃايل ورثي کي حاصل ڪري دنيا ۾ ترقي جي راهن کي تلاش ڪري ۽ پنهنجي قوم کي وڏي مقام تي پهچائي. انهيءَ ڏس ۾ سندس پهريون ناول زينت هو جيڪو خود ساخت ناول آهي. هن ناول جو موضوع اصلاحي آهي. هن ناول ۾ پنهنجي قوم جي انهن بي سود بيڪار

ريتن رسمن رواجن کي ڪڍي نون سڌريل رستن کي اختيار ڪرڻ. پراڻين قدرن کي ڇڏي نون قدرن کي اختيار ڪرڻ جو درس ڏيئي ۽ عملي طور تي هڪ خاندان جي زندگي پيش ڪري هڪ مثالي ناول پيش ڪيو آهي. ناول زينت پهريون اصلوڪو ناول هو جيڪو انگريزن جي دور ۾ لکيو ويو. جنهن ۾ انگريزن جي حڪومت ۽ انگريزن جي تهذيب جي خلاف مرزا صاحب پنهنجا خيال پيش ڪيا ۽ سنڌين ۾ آزادي جي جذبي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ناول زيبت ۾ مرزا صاحب لکي ٿو:

"جيڪي قومون هندستان ۾ پيدا ٿيون آهن يا هتي گهڻو رهيون آهن سي ته چائنديون آهن ته اسين آسمان مان لٿيون آهيون ۽ ڏيهي ماڻهو رڳو خسيس نوڪري جا لائق آهن جڏهن ته هتي جي صاحبلوڪن جو اهو خيال آهي ته مندمن جو انهيءَ ڪان وڌ" (ناول زينت ص 234 سنڌي ادبي بورڊ 1962ع)

وري ٻئي هنڌ لکي ٿو ته:

"جيڪڏهن نوڪري ڪري ها. ته سرڪار سان هن کي وڏي آبرو جهڙي جڳهه ملي ها. پر هن نوڪري کان عار ٿي ڪيو ۽ پاڻ کي گذريل حڪومت جو نمڪخوار ڄاڻي خانگي گذارڻ تي فخر ٿي سمجهائين. (ناول زينت ص 14)

ساڳي موضوع تي مرزا صاحب انگريزي تان ترجمو ڪيل ناول عوام ڪان متي چاڙهو (Up from Salavery) آهي. هن ناول ۾ مرزا صاحب عام ماڻهن ۾ جدوجهد ۽ ترقي ڪرڻ جي رجحان پيدا ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪئي آهي ۽ ناول ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو:

"انهيءَ جي پڙهڻ مان معلوم ٿيندو ته ڪيئن هڪڙو غريب مسڪين گمنام غلام ڇوڪرو پاڻ کي سڌاري

وڏائي اوج ۽ وڏي درجي تي رسيو ۽ مشهور وڏن مائٽ
سان وچي مٿ پيو. اميد ڪجي ٿي تہ هن ڪتاب جي
پڙهڻ سان غريب ۽ محنتي ماڻهن کي مٿي ترقي ڪرڻ جي
همت ۽ ترغيب ايندي. (ناول غلامي کان مٿي چاڙهو. نئين
سنڌي لئبرري 1918ع)

انهي ڪانسواءِ مرزا صاحب پنهنجي ناول زينت ۾ انهي وقت جي اقتصادي، معاشرتي، تهذيبي، اخلاقي، اصلاح جا نوان قدر ۽ نوان رستا ٻڌايا، جيئن لکي ٿو تہ:

"اهو هڪ نئون رنگيل خيالي قصو آهي. جنهن ۾ زماني جي
گردش ۽ حال چال جو بيان گهرو اصطلاح ۾ ڏنل آهي.
هن ۾ سنڌ جي سڌريل گهرن جي هلت چلت جو بيان، جو
اڪثر هن زماني ۾ ڏسڻ ۾ ايندو آهي. سو چڱي طرح
ڏيکاريل آهي". (ناول زينت – ص 1-2)

وڏيڪ لکي ٿو

"هو ٻئي نئين زماني جا ماڻهو هئا، نئون چلتو ڏنو هئائون،
ان بابت ڪتابن ۾ پڙهيو هئائون، چڱن چڱن ماڻهن کان
ٻڌو هئائون تنهنڪري اهڙين ڳالهين بابت هنن پنهي جي
هڪڙي راءِ هئي، ان موجب پاڻ ۾ پڪو نهراءُ ڪيائون تہ
اها شادي جا ٿيندي، سا هو نئين سڌريل رت پنيان ڪن ۽
اڳوڻا رستا ڇڏي ڏين (ناول زينت 20)

مٿين حوالن مان اهو بلڪل واضح ٿئي ٿو تہ مرزا صاحب جو هرهڪ ڪتاب عام ماڻهن جي اصلاح لاءِ لکيل هو. سندس هر ڪتاب نوان موضوع ۽ نوان عنوان پيش ڪري ٿو. ساڳي ريت ناول "گلن جي ٽوڪري" ۾ عورت جي افساني ڪيفيت کي پيش ڪندي، عورت جي ڪردار جو هڪ نفسياتي تجزيو پيش ڪري ٿو. هو لکي ٿو:

"سو وري آهي اها چوڪري جا ڪنهن نامناسب خيال دل ۾ اچڻ ڪري لڄي ٿئي ۽ جنهن جو شرم ڪان منهن ڳاڙهو ٿي وڃي. جا لاءِ جو انهيءَ ڪري هوءَ پاڻ سنڀاليندي ۽ خوف خطري ۾ نه پوندي جي ڳل حياءَ ڪان ڳاڙها ٿا ٿين. تن جي ڳاڙهاڻ گهٽي تائين جتاءَ ڪندي ۽ هن ڪي ڪنهن به خسيس بيحيائي جهڙي خيال تي لڄ جي ڳاڙهاڻ ڳلن تي نٿي اچي. سي سگهوئي ڦڪا ٿيندا وقت ڪان اڳي قبر ۾ پوندا".

مرزا صاحب نه رڳو معاشرتي اصلاح پر ديني ۽ مذهبي اصلاح لاءِ پنهنجي لکڻين ۾ ڪوشش ڪئي آهي. جنهن جو مثال ناول "ڪامل انسان" آهي. هن ناول ۾ هڪ ڪامل انسان جون سڀ وصفون بيان ٿيل آهن ۽ هي ناول هڪ شخص جي زندگي تي ٻڌل آهي. جنهن ۾ ديني ۽ مذهبي پرچار ٿيل آهي.

مرزا صاحب پنهنجي سڀني لکڻين ۾ معاشري جي هر فرد جي اصلاح لاءِ ڪوشش ڪئي ۽ معاشرتي. اخلاقي ۽ مذهبي لحاظ ڪان پنهنجي سماج کي سڌارڻ لاءِ جاکوڙ ڪئي. سندس اصلاح جي دائري ۾ مرد، عورتون ۽ ٻار شامل هئا جيئن اڳي لکي آيا آهيون ته مرزا صاحب نه رڳو وڏن لاءِ پر ٻارن لاءِ به ڪافي ڪتاب لکيا جن جو موضوع به اخلاقي. مذهبي ۽ اصلاحي هو. اهڙي ريت ٻارن ۽ مردن ۽ عورتن لاءِ ڪتاب لکي هڪ طرف سنڌي ادب کي مالامال ڪيو ته ٻئي سماجي سڌاري لاءِ راهون ٻڌايون. اهي راهون هڪ طرف عورت ٻئي طرف مرد ٽئين طرف ٻارن جي لاءِ هيون.

مرزا صاحب پنهنجي زندگي جي ماضي. حال ۽ مستقبل جي هر پهلو کي ناول زينت ۾ سهڻي انداز ۾ پيش ڪيو آهي. جنهن ۾ سندس خاندان جو سنڌ ۾ اچڻ. سندس پيدائش. سندس تعليم و تربيت سندس شادي. بمبئي وڃڻ. اتي تعليم حاصل ڪرڻ. واپس اچڻ ۽ سرڪاري نوڪري ڪرڻ ۽

رناير ٿين ۽ آخر زندگي گذارڻ کي پيش ڪيو آهي. اهڙي ريت سندس ماضي جيڪو هن ناول لکڻ کان اڳي گذاريو ۽ سندس زندگي جيڪا هن کي مستقبل ۾ گذارڻي هئي. انهي بابت سندس سوچيل مسئلا ۽ رٿيل ڳالهين کي پيش ڪيو آهي. انهن کي ناول ۾ جاڻائي جڏيو.

"زينت جي ڪردار جي جائزي وٺڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته مرزا صاحب جو ڪردار علي رضا جي ڪردار سان. زينت جي شخصيت سندس ماءُ. ڀيڻ ۽ ڀهرئين گهرواري جي شخصيت مان چونڊيل آهي. حامد علي جي شخصيت سندس سالي محمد يعقوب جي شخصيت سان مشابهت رکي ٿي. علي رضا جي پٽن جا ڪردار سندس پائٽين جي ڪردارن سان ڪي قدر ملن ٿا. نوڪرياڻي بختاور جو ڪردار سندس گهر جي نوڪرياڻي دائي زعفران سان مشابهت رکي ٿو.

جيڪڏهن ناول نگاري جي تاريخ تي نظر وجهنداسين ته اهي ڪي ٿورا ناول ملندا جن ۾ ناول نگار پنهنجي زندگيءَ کي هوبهو پيش ڪيو هجي. پر جي ڪنهن ناول نگار پنهنجي زندگي تي پيش ڪيو آهي ته به فقط ماضي کي نه ڪي مستقبل کي. مرزا قليچ بيگ نه رڳو پنهنجي ماضي کي پر مستقبل کي اهڙي خوبصورت انداز ۾ ادا ڪيو آهي جو اهو هڪ مثالي ناول ٿي پيو آهي.

مرزا قليچ بيگ سنڌي ادب جي هر شاخ تي تجربا ڪيا ۽ حيرت انگيز ڪاميابي حاصل ڪئي. پر سندس اصلوڪن لکيتن ۾ ناول زينت پنهنجو مٽ پاڻ آهي ۽ هن ناول جي سنڌي ادب ۾ ڪلاسڪ حيثيت آهي.

ڊاڪٽر محمد يوسف پنهور

# قليچ سنڌي ناٽڪ جو باني

شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جو سال 1880ع ۾ جڏهن سنڌي زبان جو پهريون راڳ ناٽڪ "ليليٰ مجنون" ڇپجي پڌرو ٿيو هو تڏهن هتي سنڌ ۾ ڪابه سنڌي ناٽڪ منڊلي موجود نہ هئي. ان ڄاڻ لاءِ سنڌي ڊرامي جي اوسر بابت جيترو ٿورو گهڻو ڇپيل مواد پڙهبو تہ معلوم ٿئي ٿو تہ هتي سنڌ ۾ پهرين سنڌ ناٽڪ منڊلي 1894ع ڌاري برپا ٿي هئي. جو نالو "ڊي-جي- سنڌ ڪاليج ايميچوئرس ڊراميٽڪ سوسائٽي ڪراچي" هو. جيڪا پوءِ اڳتي هلي "سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊليءَ جي نالي سان مشهور ٿي هئي. مطلب تہ انهيءَ عرصي کان چوڏهن پندرهن سال اڳ جڏهن اڃا سنڌي اسٽيج ڊرامي جا اهڃاڻ ئي اکين آڏو نہ آيا هئا تڏهن قليچ جي تخيل ۽ عمل جي رسائيءَ جي اها اعليٰ پختگي هئي جو هُن اسٽيج تي پيش ڪرڻ لاءِ هڪ بهترين راڳ ناٽڪ "ليليٰ مجنون" لکيو هو.

سنڌي ڊرامي جي انهي اوائلي تاريخي پس منظر مان معلوم ٿو ٿئي تہ هتي سنڌ ۾ اسٽيج تي اڃا سنڌي ڊرامو پيش ٿي نہ ٿيو هو يا ٻين لفظن ۾ جڏهن ان کيتر ۾ ڪجهہ بہ نہ هو تہ اتي انهيءَ راڳ- ناٽڪ "ليليٰ مجنون" جو شايع ٿيڻ پنهنجيءَ جاءِ تي هڪ وڏي جَس جوڳي ڳالهہ آهي. ان لحاظ کان سنڌي ڊرامي جا جيڪي محقق اها راءِ پيش ڪن ٿا تہ. "قليچ سنڌي ناٽڪ جو شيڪسپيئر آهي". سا ڪي قدر ڪاڻ واري ساهميءَ ۾ هڪ توريل تشبيه ٿي ڀائنجي ڇاڪاڻ تہ وليم شيڪسپيئر ناٽڪ نويس جي حيثيت کان پهرين پروفيشنل ٿيٽر ۾ پردو کڻندڙ (Curtain Raiser) هو. شيڪسپيئر انهي

حيثيت سان اسٽيج تي نہ رڳو ان دور جا مشهور ڊراما پيس پيندي ڏنا هئا بلڪ انهن ڊرامن جي پيشڪش ۾ پين ٿيٽريڪل پهلوئن توڙي پيچيدگين جو تمام ويجهو مشاهدو پڻ ڪيو هو. جڏهن تہ ان جي پيٽ ۾ قليچ جي ناٽڪ نويسي جي شروعاتي دور ۾ سنڌي اسٽيج ڊرامي اڃا جنم ئي نہ ورتو هو. ان مان پليءَ پٽ پروڙ ٿي پوي تہ قليچ جي تخليقي عمل جي قوت توڙي رسائي ڪيتري قدر وڏيڪ هئي. تڏهن تہ قليچ "ڪين" مان "ڪيچ" ڪري سنڌي اسٽيج ڊرامي جو اهڙو بختو بنياد رکيو جو اهو اڳتي هلي وڏي عروج تي پهتو هو.

ها باقي ساڳئي وقت بنا دليل جي هٺ ٺوڪي راءِ قائم ڪري قليچ کي سنڌي اسٽيج ڊرامي جي اولين سان گڏ آخرين سنگ ميل مڃڻ مبالغي کان خالي نہ سمجهيو ويندو. ڇاڪاڻ تہ ماضي بعيد ۾ سنڌي اسٽيج ڊرامي جي ميدان ۾ ڪيترن ئي پاڻ موکيندڙ ناٽڪ نويسن قليچ کي پنهنجو آدرش بنائي يا پنهنجي سر ڪوشان رهي تخليق توڙي عمل جي مظاهري سان نہ رڳو پنهنجو پاڻ مڃرايو هو پر گڏوگڏ تخليقي ۽ عملي سرمايي سان هن ميدان ۾ مخصوص مرتبو بہ ماڻيو هو. جيئن خانچند دريانيءَ سنڌي اصلوڪي وڏي ناٽڪ ۽ منگهارام ملڪاڻيءَ سنڌي اصلوڪي ننڍي ناٽڪ (ايڪانڪي) ۾ پنهنجو نالو ڇڏي ويا آهن.

اهو ان ڪري بہ هو جو سنڌي ناٽڪ کي ترقي ڏيارڻ لاءِ قليچ پرپور انداز سان انهيءَ دور جي نوجوان ناٽڪ نويسن جي نہ رڳو همت افزائي پر گڏوگڏ رهنمائي پڻ ڪئي هئي. تڏهن تہ مشهور سنڌي ناٽڪ نويس خانچند دريانيءَ جي انيڪ ناٽڪن جا ديباچا مرزا قليچ بيگ جي دستخط سان ڇپيل آهن. اهڙيءَ ريت دريانيءَ جي قليچ جيڪا حوصلہ افزائي ڪئي هئي سا اِن حڪايت سان مشابهت ٿي رکي جيئن سچل لاءِ پنائيءَ جو قول آهي تہ. جيڪا ديگڙي پاڻ چاڙهي اٿن تنهنجو ڍڪڻ اهو نينگر (سچل) لاهيندو". پين لفظن ۾ ائين ڪئي سمجهڻ گهرجي تہ جيئن سچل جي پنائيءَ ۽ دريانيءَ جي

قليچ رهبري ڪئي سا هڪ طرح جنڪ هلندڙ دور جي ايندڙ بئي دور ڪي ڏنل پليڪار هئي. سو اُن دور ۾ خانچند درياڻيءَ جي علاوه ٻين بہ ڪيترن ئي هندو سنڌي ناٽڪ نويسن جي ڪتابن جا قليچ بيگ صاحب جا لکيل ديباچا پڙهي قبول ڪرڻو ٿو پوي تہ "قليچ دور" يعني تہ سنڌي ناٽڪ جي پهرئين دور جي اها سنڌي ناٽڪ جي ايندڙ دور ڪي اُڏرياڻ هئي.

حقيقت ۾ قليچ جو دور سنڌي اسٽيج ڊرامي جو هڪ مثالي دور مڃيو وڃي ٿو. جتي جڏهن بہ ڪو ڊرامو اسٽيج ڪرڻ لاءِ لکيو ويندو هو سو ڀهريائين ڇپرايو ويندو هو. انهيءَ ڇپيل ڊرامي کي اڳواٽ پڙهي ناظرين سال جو ڳچ حصو انتظار ۾ رهي وڏي اشتياق سان پوءِ وڃي ڊرامي جي پيشڪش اسٽيج تي ڏسندا هئا. اڳواٽ پڙهي محظوظ ٿيڻ جي باوجود انهيءَ ڊرامي جي نماءَ جو اهو حال هوندو هو جو مقرر تاريخ تي جڏهن اهو ڇپيل ڊرامو اسٽيج تي پيش ٿيندو هو تہ ماڻهن جا انبوهہ وڃي اهو ناٽڪ ڏسندا هئا.

سنڌي ادب جي ان "قليچ دور" ۾ حيدرآباد شهر جي ادبي ماحول ۾ اسٽيج ڊرامي کي وڏو اوج عطا ٿيل هو. حيدرآباد ۾ قليچ جو گهر هئڻ ڪري اهو اعزاز حيدرآباد شهر کي نصيب هو جو اڪثر ناٽڪ نويس قليچ ادبي شمع جا پروانا ٿيو اسٽيج ڊرامي جي کيتر ۾ ڀرپور حصو وٺندا هئا. اهو ان ڪري بہ هو جو انهي زماني ۾ اسٽيج ڊراما نہ تہ سگٽي ناماچاريءَ لاءِ لکيا ويندا هئا ۽ نہ ئي وري ذاتي فائدي لاءِ اُهي ناٽڪ اسٽيج تي پيش ڪيا ويندا هئا. بلڪہ ناٽڪ نويس ۽ اداڪار ڪنهن نہ ڪنهن فلاحي مقصد کي آڏو رکي ڊراما پيش ڪندا هئا. اِن ڏس ۾ هڪ ڀيري منگهارام ملڪاڻي پنهنجي ڪاليج شاگرديءَ جي دور ۾ جڏهن ڊي- جي- سنڌ ڪاليج ڊرامينڪ سوسائٽي ڪراچي جي سهائتا لاءِ ڪراچيءَ مان ٿندي نوڙهي حيدرآباد ۾ مرزا قليچ بيگ صاحب وٽ ڪهي آيو هو تہ ڪو ڊرامو ڏيو تہ اسٽيج تي پيش ڪريون. جنهن لاءِ خُود پروفيسر منگهارام ملڪاڻي صاحب پنهنجي ڪتاب سنڌي نثر جي تاريخ ۾ لکيو آهي تہ: مرزا صاحب

ڪيڪار ڪري "شهزادو بهرام" ڊرامي جي دستخطي نسخو ڪڍي منهنجي حوالي ڪيو ته ٻلي وجي ڇپايو. ڪري ڏيڪاريو ۽ سوسائٽيءَ کي زنده رکو. اِهو هو مرزا قليچ بيگ صاحب جو سنڌي اسٽيج ڊرامي سان دلي لڳاءُ جيڪو بي لوث ۽ بي مثال هو.

اهوئي خاص سبب هوجو قليچ جا لکيل اسٽيج ڊراما ڪنهن هڪ مخصوص دور تائين مقبول رهي بعد ۾ جهڪا ٿيڻ بدران سدائين اسٽيج تي ساڳئي ئي ڪاميابيءَ سان پيش ٿيندا رهيا آهن. قليچ جي اهڙن مقبول ڊرامن مان "انڪوائري آفيسر" به هڪ اهڙو مثالي ڊرامو آهي. جيڪو هن دور ۾ اوتري مقبوليت سان پيش ٿيندو ٿو رهي جيتري قدر اهو پهريون ڀيرو اٽڪل هڪ صدي اڳ 1896ع ۾ اسٽيج تي پيش ٿيو هو.

ساڳيءَ ريت قليچ جي پهرئين منظوم ڊرامي "ليليٰ مجنون" جو تخليقي ڪاوش جي صداقت به سنڌي ناٽڪ جي سؤسالہ جشن 1980ع ۾ پهرئين ئي رات اسٽيج تي عملي طور عيان ٿي جيڪو جشن جي افتتاحي تقريب واري رات قليچ جي "انڪوائري آفيسر" ناٽڪ کان پهريائين اسٽيج تي پيش ٿيو هو. هي راڳ ناٽڪ ايتريقدر ته ڪامياب ٿيو هو جو هن جشن جي افتتاحي تقريب جي مهمان خصوصي حاجي مرزا اسد بيگ (شمس العلماءِ مرزا قليچ جو فرزند) هي ناٽڪ ڏسي اهو اظهار خيال ڪيو هو ته. "اسان جي والد بزرگوار شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ مرحوم سن 1880ع ۾ "ليليٰ مجنون" ناٽڪ لکي سنڌ ۾ ناٽڪ جي فن جي شروعات ڪئي هئي. مونکي اهو معلوم ڪري ڏاڍي خوشي ٿي آهي ته "ليليٰ مجنون" ناٽڪ هڪ سو سال گذرڻ کانپوءِ اڄ پهريون ڀيرو اسٽيج تي پيش ٿيو آهي. هي راڳ -ناٽڪ. پنهنجين بي انتها خوبين جي باوجود هڪ سؤ سالن جي ماضيءَ واري طويل دور ۾. جڏهن اسٽيج ڊرامو حيدرآباد. ڪراچي. شڪارپور ۽ لاڙڪاڻي ۾ عروج تي هو ته به ڪڏهن اسٽيج تي پيش نه ڪيو ويو. سو ساڳيو راڳ- ناٽڪ هڪ مڪمل صدي گذرڻ بعد اڄ رات 30 ڊسمبر 1980ع تي گورنمينٽ زبيده گرلس ڪاليج حيدرآباد جي هن ڊراما هال ۾ سنڌي ناٽڪ جي سو سالہ

جشن جي افتتاحي تقريب ۾ بهرين رات پيش ڪيو ويو آهي تنهن جي ڪاميابيءَ تي پيش ڪندڙن کي صد آفرين هجي."

مذڪوره سنڌي ڊراما جي سؤ سالہ جشن جي تاريخي تقريب ٻن راتين (30-31 ڊسمبر 1980ع ۽ پهرئين جنوري 1981ع) تائين گورنمينٽ زبيده ڪاليج حيدرآباد جي اسٽيج تي منعقد ٿي هئي جنهن جو سرپرست محترم عبدالله جي. ميمڻ (سابق ڪمشنر حيدرآباد ڊويزن ۽ سابق چيئرمين مهراڻ آرٽس ڪائونسل حيدرآباد) هو. هن يادگار تقريب ۾ سنڌي اسٽيج ڊرامي جي هڪ سئو سالہ طويل تاريخي پس منظر کي ڪاميابيءَ سان اسٽيج تي عملي طور پيش ڪرڻ ۾ جناب حميد سنڌي (سابق پرنسپال پبلڪ اسڪول حيدرآباد)، جناب علي محمد چنہ (سابق ڊائريڪٽر انفارميشن سنڌ)، جناب مراد علي مرزا (سابق پروگرام مئنيجر ريڊيو پاڪستان حيدرآباد) ۽ بنده راقم الحروف جون اڻٿڪ ۽ سهڪاري ڪوششون ثمر آور ثابت ٿيون. سنڌي ڊرامي جي هن تاريخي تقريب لاءِ جناب غلام نبي آگرو (سابق سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو سنڌ) جي نظرداري هيٺ شايع ٿيل سووينئير "سنڌي ناٽڪ صدي 1880-1980ع" ۾ ڇپيل راقم الحروف جي سنڌي ناٽڪ بابت پنجاهہ صفحن تي مشتمل هڪ مفصل تحقيقي مقالي ۾ ڄاڻايل آهي تہ سنڌي ناٽڪ جا ٽي دور مڃيا وڃن ٿا. جيڪي هڪ ٻئي سان " ڪڙو منجهہ ڪڙي" جيان لاڳاپيل آهن. انهن ۾ قليچ جو دور سنڌ اسٽيج ڊرامي جو پهريون دور ليکيو وڃي ٿو. مگر پوءِ وارن، ٻنهي ۽ ٽئين دور ۾ بہ قليچ جا ڊراما پنهنجي جامع افاديت ۽ سدا بهار عملي ڪشش جي باعث ساڳيءَ مقبوليت سان پيش ٿيندا ٿي رهيا. ان ڏس ۾ سنڌي اسٽيج ڊرامي جي اوسر جو اڀياس ڪندي هونئن تہ گهڻيون ئي ناٽڪ منڊليون معلوم ٿين ٿيون جيڪي وقت بہ وقت قليچ جا ڊراما پيش ڪنديون ٿي رهيون. مگر انهن ۾ ماضي بعيد ۾ سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي ڪراچي، حيدرآباد پليئرس ڪلب، حيدرآباد نيشنل ڪاليج ڊرامينڪ سوسائٽي ۽ پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان بعد ماضي قريب ۾ سنڌي ٿيئٽرس حيدرآباد ۽ پريات آرٽ سرڪل حيدرآباد. مشهور مڃيون وڃن ٿيون.

عبدالقيوم صائب

# ٻه تقريرون

شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جي نيڪ نالي کان ڪير واقف ڪونهي. هن جيڪي سنڌي ادب جا گهڙا ڀريا سي ايستائين پيا ڳائبا جيستائين سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌ جو وجود هوندو. هن صاحب نه رڳو ڪتاب لکي سنڌي ٻوليءَ کي مالامال ڪيو پر ٻيون به ڪيتريون خدمتون سرنجام ڏيئي سنڌ ۾ ڀانُ پئي موڪيو. سنڌ وارن به ڪيس وقت بوقت عزت ۽ مان ڏيئي ٻانُ وٽ گهرائي پنهنجي مجلسن جو مور بڻايو. جن ۾ مرزا صاحب تقريرن جي ذريعي شعر و ادب جي ڪافي آبياري پئي ڪئي آهي. هتي انهن تقريرن مان ابتدائي ٻن تقريرن تي روشني وجهجي ٿي. اتفاق سان اهي ٻئي تقريرون شعر ۽ شاعريءَ بابت آهن. جن مان ٻهرئين تقرير هُن. سنڌي ساهت سوسائٽي. حيدرآباد جي پهرئين ساليانيءَ جلسي منعقده 1914ع ۾ ٻي تقرير بزم مشاعره لاڙڪاڻو جي پهرئين ڪانفرنس منعقده 1921ع جي صدر جي حيثيت ۾ ڪئي. اهي ٻئي تقريرون هن جي ڪتاب "تحريرون ۽ تقريرون" ۾ شامل آهن.

(1)

**سنڌي شعر**

تاريخ 18 ۽ 19 آڪٽوبر 1914ع تي، سنڌي ساهت سوسائٽي حيدرآباد جو پهريون ساليانو جلسو، هو مسنيد عال ۾ گهرايو ويو. جنهن جي صدارت شمس العلماء مرزا قليچ بيگ کي ڏني ويئي سندس سوسائٽيءَ وارن پوءِ اها تقرير ڪتابڙي جي صورت ۾ "سنڌي شعر"جي عنوان سان

ڇاپائي پڌري ڪئي، جنهن جي مهاڳ ۾ لکيو ويو آهي، "هيءَ سندس تقرير جا هينئر اسين ڇپايون ٿا. سا مرزا صاحب. اسان جي ٻهرئين جلسي لاءِ تيار ڪئي هئي؛ پر پهرئين ڏينهن، مجلس ۾ ماڻهن جا هٿا انبوه. ۽ مرزا صاحب جو آواز به آهي ذرا نفيس: تنهن ڪري حاضرين جتو نه پڌي سگهن ها ۽ مزو نه وٺي سگهن ها؛ تنهن ڪري، رسالي ۾ ڪتاب ڇپايو انئونس ته خوب اسان جا پڙهندڙ لاڀ وٺن". هن عبارت مان ظاهر ٿيو ٿئي ته مرزا صاحب جلسي ۾ اها تقرير ڪري/ پڙهي ڪونه سگهيو هو. جا پوءِ ڪتابي صورت ۾ ڇاپائي پڌري ڪئي وئي ۽ تازو تقريرون ۽ تحريرن ۾ "سنڌي شعر جي قديم حالت ۽ پوءِ جو سڌارو ۽ انهيءَ جو. ٻين ملڪن جي شعر جي حالت سان مقابلو" جي ڏکهي سري سان شامل ڪئي وئي آهي. انهيءَ تقرير ۾ شعر جي تنقيص و تعريف جو بيان ڪري ان جي ارتقا تي روشني وجهندي ٻڌايو ويو آهي ته "قرآن شريف ۾ شاعر، گمراهن جا مهندار ۽ ڪاهن ۽ مجنونن وانگي شمار ڪيل آهن. ۽ نندڻيل آهن. ۽ حديث شريف ۾ ڪوڙ ۽ شيطان جا مريد ۽ جادوگر سڏيل آهن". ٻئي پاسي وري هيءَ ڳالهه ڪئي وئي آهي ته "اسان جي پيغمبر صلعم جن کي، شعر گهڻو پسند هوندو هو. انهيءَ جي شاهد هيءَ حديث آهي: 'كانَ الشعر أحب رسول الله من كثيرالكلام'. ياڻ شعر نه جوندا هئا. نه به ٻين کي شعر جوڙ لاءِ حڪم ڪندا هئا ۽ ٻڌندا هئا ۽ انهيءَ جي تعريف ڪندا هئا؛ مطربن کي انعام به ڏيندا هئا." ان مان ظاهر آهي ته عمومي طور تي شاعرن کي ته نندڻيو ويو آهي پر جڳي شعر کي پسند ڪيو ويو آهي. ان ڪري مرزا صاحب پنهنجي راءِ ڏيندي جيئو آهي، "حقيقت هيءَ آهي ته شعر جي چڱائي يا بڇڙائي يا ان جو روا ناروا هئڻ، منحصر آهي. انهيءَ جي مضمون تي. جو مضمون خدا جي حڪمن جي برخلاف آهي، يا جو انسان جي دل ۾. شيطاني يا نفساني خيال پيدا ڪري ٿو ۽ اخلاقي نور گهٽائي ٿو. سو خراب آهي". هن جو اهو خيال به هن حديث 'الشعر كلام حسنة حسن و قبيحة قبيح' يعني شعر هڪ ڪلام آهي.

طور تي منسوب ٿي ويل آهي. تنهن ڪري اهو لکڻ تہ "اسان وٽ، سنڌ ۾، جو اڳي آمدن نامي ۽ ڪريما سان گڏ دوايو ۽ سے وايو پڙهندا هئا. سو بہ امير خسروء جو آهي، شروع هيئن ٿئي ٿو:-

خالق باري سرجنهار - واحد ايک بدا ڪرتار

(۽ آخري بيت)

مولوي صاحب سرن پناه- گدابهڪاري خسرو شاه.

بہ صحيح ڪونهي.

منهنجي هن لکڻ جو مطلب صرف ايترو آهي تہ اهڙين ڳالهين کي نظرانداز ڪري قليج بيگ جي مذڪوره تقرير کي پڙهبو تہ اها نهايت معلومات افزا معلوم ٿيندي، جنهن جي اڄ بہ پنهنجي جاء تي اهميت آهي.

(2)

هاڻي اسين قليج بيگ جي ٻي تقرير جيڪا هن لاڙڪاڻہ ڪانفرنس ۾ ڪئي، تنهن ڏانهن اچون ٿا. اها ڪانفرنس 25 ۽ 26 ڊسمبر 1921ع تي منعقد ٿي هئي، يعني حيدرآباد واري تقرير کان پورن ستن سالن بعد. جيڪا "شعر جو شرف ۽ شان" جي عنوان سان "تقريرون ۽ تحريرون" ڪتاب ۾ شامل آهي.

انهيء تقرير ۾ جا ٻهرئين ڳالهہ ڪئي وئي آهي، سا هيء آهي تہ عالم ۽ شاعر ٻنهي کي ساڳئي سطح تي آڻي ٻيهارڻ ڪانپوء شاعر کي ڪجهہ مٿيرو ڪري ٻيهاريو ويو آهي. هن لکيو آهي:

"اگرچہ انهيء طرح، علم ۽ شعر برابر آهن، تڏهن بہ شعر ۾ علم کان خاصيت زياده آهي. اها آهي موزونيت"... ۽ ان لاء دليل ڏيندي فرمائي ٿو "اڳئين زماني ۾ ماڻهو، شاعرن کي، وڏو عالم ڄاڻندا هئا. بلڪ ڄاڻندا هئا تہ عالم کي، علم، ظاهري تعليم مان ٿو ٿئي ۽ شاعر کي خدائي. اها بہ حقيقت آهي تہ شاعرن کي، ماڻهو، اهڙي عزت ڏيندا هئا. جهڙي عالمن کي، بلڪ زياده: ڇا لاء تہ هو، ٻنهي کي، نبي يا اولياء يا ڪو فوق البشر بزرگ

شطحيات لاءِ ايترو چوڻ ڪافي آهي تہ ان جي چوڻ وارا يا خالق، جڏهن هوش ۾ هوندا آهن تہ پاڻ بہ ان ڪان انڪاري هوندا آهن ۽ پوءِ ان ڪي ايڏي اهميت ڏيڻ مان قليچ بيگ اسان جي شاعرن ڪي ڪيڏانهن وٺي وڃڻ ٿو گهري؟ آيا پيرپرستيءَ ڏانهن جنهن جو سچو مانداڻ بنيادي طرح شطحيت تي رکيل آهي، يا مذهب بيزاريءَ ڏانهن جيڪا باطنيت جو هڪ اهم جزو آهي.

ان بعد هن شاعرن جي خاصيتن، ذهن ۽ ذڪاوت جو ذڪر ڪندي لکيو آهي:

" ڪيترن شاعرن، تمام تڪڙو ۽ حد ڪان گهڻو شعر چيو آهي. نہ فقط فراغت ۽ اڪيلائيءَ ۾، پر گوڙ گڙ ٻڙ ۽ مشڪلات ۾ مصيبت ۾ بہ. ڪن، هڪدم، مناسب موقعي يا طلب ۽ فرمائش تي، عمدو شعر چٽي ڏيکاريو آهي. ڪن، مرڻ وقت يا بيهوشيءَ ۽ ننڊ ۾ شعر چيو آهي، يا هاتفي ۽ غيبي مدد سان، عجيب لفظ يا شعر، آڻي موجود ڪيا آهن. جي ٻيءَ طرح، جيڪر مشڪل، بلڪ محال، خيال ۾ اچي سگهن. ڪن، تہ اوليائن واري پيشنگوئي بہ ڪئي آهي يا دعا ۽ پِٽ جو اثر بہ ڏيکاريو اٿن. ڪن وري لفظي ۽ معنوي صنعتون ۽ نازڪ ۽ ظرافت جهڙا خيال بہ آندا آهن، جي ٻڌي، عقل چرخ ٿيو وڃي!".

هت هي جيڪي خاصيتون بيان ڪيون آهن، تن جا مثال گهڻو ڪري فارسي شاعريءَ مان آڻي ڪنا ڪيا آهن. جن جو گهڻو ٿو واسطو بادشاهن ۽ آمرن سان رهيو آهي. مثال فردوسيءَ ۽ محمود غزنويءَ جو شاهنامي جي لکڻ بابت واقعو حالانڪ ان تي محمود شيرانيءَ وڏي تحقيق ڪري ثابت ڪيو آهي تہ اهو واقعو جيئن بيان ڪيو وڃي ٿو، تيئن ٿيوئي ڪينهي ۽ اها ترتيب ڏنل هجو. شاهنامي جي مختلف شاهن بابت چيل بيتن تي مشتمل آهي، جن کي پوءِ ترتيب ڏني هي، افسانو جوڙيو ويو آهي، چاڪاڻ جو ايران جا شيعا بنيادي طرح محمود غزنويءَ جي خلاف رهيا آهن ۽ اڄ تائين آهن.

يا انهن شاعرن جا مثال ڏنا آهن. جن پنهنجي موت جي قطعه تاريخ پاڻ لکي آهي. جهڙوڪ مولوي آصفي، جهانگير بادشاهه جو پٽ شهريار، لطف الله نيشاپوري، نظام الملڪ طوسي ۽ مرزا مظهر جانِ جانان وغيره.

هن شاعرن جيٰ هاتفي يا غيبي مدد جا مثال وري قرآن شريف ۽ حديث مان قطعه تاريخ طور کنيل جملن مان ڏنا آهن. جيڪي ڪنهن به طرح هاتفي يا غيبي مدد چئي نٿا سگهجن؛ ڇو جو جيڪي ماڻهو قطعه تاريخ لکڻ تي دسترس رکن ٿا تن جو انهن ڳالهين ڏانهن خيال اڳ ئي هوندو آهي يا ڪي جمله اتفاق سان ذهن تي ايندا اٿن. تنهن ڪري هاتفي يا غيبي چوڻ خوش فهميءَ کان وڌ ڪا به حيثيت نٿي رکي. باقي رهيو خدا جي درگاهه ۾ ڪنهن شاعر جي ڪلام جو مقبول ٿيڻ جي سند ڏيڻ يا پيش ڪرڻ صرف عقيدت تي مبني آهي ۽ بس؛ جي ائين آهي ته پوءِ جزا ۽ سزا جو سمورو اسلامي فلسفو ڊهي اچي پٽ تي ٿو پوي. ازانسواءِ شاعرن جو بي نقطي ڪلام چوڻ هن جي قادرالڪلامي ۽ صنعتِ بي نقطه تي دسترس جا سهڻا مثال آهن. ساڳي طرح ٻين صنعتن جهڙوڪ اهڙا شعر جي ٻن بحرن ۾ پڙهي سگهجن، صنعت ذوقافيتين، صنعتِ مقلوب وغيره جا مثال به ڏاڍا سهڻا ڏنا اٿس جن جو واسطو صنايع و بدايع سان آهي.

هن وڌيڪ لکيو آهي ته "انهن کانسواءِ به ڪن شاعرن جون عجيب خاصيتون ۽ عادتون ۽ طبيعتون پئي رهيون آهن. اُهي ٻيءَ خلق کان نياريون آهن. مثلاً گهڻا اڪثر خشڪ دماغ، شوخ طبع، زورد رنج ۽ بي پرواهه ٿيندا آهن. ٿوريءَ ڳالهه تي طبيعت بگڙي پوندن ته پوءِ، نه عزيز خويش جو لحاظ رکندا، نه استاد ۽ بادشاهه جو." اسانجي بزرگ اديب شاعر مرزا قليچ بيگ هيءَ جا ڳالهه ڪئي آهي، تنهن ۾ شاعرن جي ڪهڙي تخصيص يا خاصيت آهي. اهي خاصيتون ته ماڻهن ۾ عام جام ڏسبيون آهن پوءِ ان ڪي شاعرن جي خاصيت، قابليت ۽ لياقت جي زمري ۾ آڻڻ سان ڪهڙو سود پرايو اٿس يا شاعرن کي ڪهڙو سهڻو سبق ٿو ڏئي. اهڙيون ڳالهيون ڪرڻ وقت جي

زيان ڪرڻ کان وڌيڪ ڪا بہ حيثيت ڪونہ ٿيون رکن. قليچ بيگ لکي ٿو: "ہي هڪڙي عجب خاصيت، شاعرن ۾ ٿي گذري آهي، جو ديوانا ٿي رهيا آهن، جيئن احمد چام، بهلول ۽ سرمد." ڇا- ديوانگي يا چريائي ڪا خاصيت آهي ڇا. جيڪا هتي شاعرن تي ٿڦي ويئي آهي؟ سنڌيءَ ۾ عام طور تي ڇيو ويندو آهي تہ چرين کهڙا ڇت. اهڙن ماڻهن تصوف جو ويس ڍڪي يا ولي سڏارائي الائي ڇا ڇا ڇيو آهي تہ پوءِ اها ڳالهہ وري شاعرن جي خاصيت تي ڇا؟ هڪ ٻي ڏک ۾ ان ريت شاعرن کي ساراهڻ ۽ لوئڻ ڪهڙي دانشمندي آهي! اهڙين ڳالهين جي ڪري هيءَ تقرير تہ هڪ عام رواجي تقرير ٿي پئي آهي.

آخر ۾ مرزا صاحب سنڌ ڏانهن موٽندي چوي ٿو، "پڇاڙيءَ ۾، خاص سنڌ بابت ڪي چوندس. قديم سنڌ ۾ نهايت عمدا فارسي شاعر ٿي گذريا آهن؛... پوين مان بہ هالن جو آخوند محمد قاسم هو. انهيءَ کان پوءِ، فارسي طرز ۽ بحرن تي، سنڌيءَ ۾ شعر چوڻ جو رواج، سيد ثابت علي شاهہ وڌو." ہر هو 1914ع واري تقرير "سنڌي شعر" ۾ چئي چڪو آهي، "انهيءَ مان معلوم ٿيندو، تہ هينئر، اسان جي زماني ۾، جيڪو سنڌي شعر چوڻ ۾ اچي ٿو، سو ٻن قسمن جو آهي. هڪڙو اوائل واري نج سنڌي شعر جي طرز يا نموني تي؛ يعني بيتن ۽ ڪافين ۾، ۽ اهو آهي، شاهہ صاحب جي تتبع يا پيرويءَ تي؛ ۽ ٻيو آهي پارسي شعر جي طرز تي، يعني مثنوين، قصيدن، غزلن وغيره ۾، ۽ اهو آهي تتبع، ثابت علي شاهہ جي شعر جو. انهن ٻنهي قسمن جي شعر جا استاد اهي ہہ صاحب آهن."

مٿين حوالن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ثابت علي شاهہ، آخوند قاسم کان پوءِ فارسي طرز ۽ بحرن تي، سنڌيءَ ۾ شعر چوڻ جو رواج وڌو. منهنجي خيال ۾ اها ڳالهہ بہ تحقيق طلب آهي. هتي ان ڳالهہ کي بہ نظرانداز ڪيو ويو تہ سچل سرمست جيڪو فارسيءَ ۾ صاحب ديوان آهي ۽ هن جو "ديوان آشڪارا" مشهور آهہ تنهن سنڌيءَ ۾ ڪيترائي غزل، موزون ڪيا آهن جن کي عام طور تي ڪافيون جي عنوان هيٺ پيش ڪيو پئي ويو آهي. رهيو سوال تہ

ڇا. سنڌ جي شاعرن، فارسي طرز تي سنڌي شاعري ڪندي ثابت علي شاهہ جو تتبع يا پيروي ڪئي آهي يا اهو فقط قليچ بيگ جو خيال آهي؟؟ آئون قليچ بيگ جي انهيءَ خيال سان متفق ڪونہ آهيان ڇاڪاڻ جو ثابت علي شاهہ جو زور مرثيہ گوئيءَ تي آهي ۽ هو مشهور بہ انهيءَ صنف ۾ آهي. جيڪا شاعري عام طور تي شيعا فرقي ۾ رائج آهي. تنهن ڪري ائين ڪئي چئجي تہ سنڌ ۾ مرثيہ گو شاعرن، ثابت علي شاهہ جي تتبع تي شاعري ڪئي تہ مناسب ٿيندو؛ باقي عام شاعرن جو سڌو سنئون لاڳاپو فارسي، عربي ۽ اردوءَ سان رهيو آهي. انهن ثابت علي شاهہ جو تتبع ڪونہ ڪيو آهي. بلڪ سڌو سنئون فارسيءَ ۽ عربي مان اثر ورتو ۽ شاعري ڪئي آهي.

هن تقرير ۾ قليچ بيگ، جيڪا تمام سهڻي ڳالهہ ڪئي اهي سا هيءَ آهي تہ: "انهيءَ نسبت ۾، انهن فارسي شاعرن جي پيروي ڪندڙن کي، هيتري خبرداري ضروري ڪرڻ گهرجي، تہ خوشامد، مسخري، مبالغو، هجو ڪرڻ، يعني تيز طبيعت ٿيڻ.... اهي جيڪي عيب مٿي ڏيکاريا ويا آهن، تن کان پاسو ڪرڻ گهرجي. اڳئين زماني ۾، اخلاق، مٿئين طرز جا هٺا ۽ هاٺي پيا آهن. مثلاً: خراب گار جهڙا لفظ. اڳي عيب کان سواءِ ڪم آڻيندا ۽ وڏن شاعرن ۾ عام آهن؛ پر هينئر، اهو عيب آهي. مذهبي تعصب ۽ هجوَ، جا اڳي عام ۽ روا هئي، سا بہ هاڻي روا رکي نٿي سگهجي. شيخ سعديءَ جهڙو اخلاقي شاعر بہ، گندن حرفن ۽ خراب عشقي مضمون ڪم آڻڻ کان نہ رهيو: پر هينئر اهو، سڀ ناروا آهي. انهيءَ ڪان، اسان کي، هن زماني ۾ گوشو ڪرڻ گهرجي."

هتي هڪ ٻيرو وري قليچ بيگ باطني مضمون ڏانهن ورايو آهي. هو لکي ٿو: "....۽ باطني مضمون جو وري هي حال آهي تہ اڪثر اخلاقي ۽ تعليمي مضمون کي ڇڏي، عشقي ۽ صوفيانا اصطلاح ۽ مضمون ڪم ۾ ٿا آڻين. جنهن جي حقيقت، شايد هو، پاڻ بہ پوريءَ طرح نٿا سمجهن. گهڻو ڪري انهيءَ جو سبب هي آهي، تہ هن وقت ۾، هندن ۽ مسلمانن جو، پاڻ ۾ اتحاد ۽ رابطو زياده ٿيندو وڃي، سو انهيءَ نظر تي، هاڻوڪو ظاهري صوفي

مذهب بہ، جتي ڪٿي، زور وٺندو وڃي. انهيءَ پردي ۾ ڪيترائي غير شرعي ۽ نامناسب ڪم ڪرڻ ۾ تا اچن ۽ نامناسب ڪلام چوڻ ۾ تا اچن. انهن تي مست ٿيو. هندو ماڻهو، مسلمان مرشدن جا ۽ مسلمان، هندو فقيرن جا مريد ۽ معتقد ٿيندا وڃن. انهيءَ طرح، پير پرستي ۽ شرڪ پسندي، ملڪ ۾ زياده ٿيندي وڃي. هينئر ڪيترائي ماڻهو صوفي ويس ۾ رهي، مريد ۽ پالڪا بہ گڏ ڪن تا ۽ پيسو بہ ڪمائين ٿا. منصور وانگي، خدا، يا خدا جا اوتار سڏائيندا وتن ۽ مجذوب صوفين واران اصطلاح ۽ شعر بہ چوندا وتن، جن جا مثال، مون متي شطحيات ۾ ڏنا آهن. اهڙن صوفي مشرب ۽ اهڙن صوفيانہ شعرن جي گهٽي سنڀال ڪرڻ گهرجي. پهرين، ضروري علميت حاصل ڪري، پوءِ اهو شوق ۽ ڌنڌو اختيار ڪرڻ گهرجي." هن ڳالهہ بابت آءٌ اڳ ئي پنهنجو خيال ظاهر ڪري آيو آهيان.

حقيقت ۾ قليچ بيگ جون هي ٻئي تقريرون معلومات ۽ سنڌي شعر جي ارتقائي تاريخ جي لحاظ سان پڻ اهم آهن. هن فارسي شاعرن جي ذهن ۽ ذڪاوت جو ذڪر ڪرڻ ۾ بہ ڪشادہ دليءَ کان ڪم ورتو آهي. اهو بہ ڏيکاريو اٿس تہ سنڌي شعر قديم زماني ۾ ڏوهيڙن (لوڙائو بيتن) جي صورت مان ترقي ڪري ڪافين ۽ واين ڪان ٿيندو، عربي ۽ فارسيءَ جي واٽ وٺي اچي انگريزي دور جي ٻي قافيہ موزون شاعريءَ تائين پهچڻ سان گڏ، انگريزي ٽيونن تي، ڏيهي راڳ جوڙڻ تائين جو سفر طئي ڪري چڪو آهي.

مرزا صاحب پنهنجي پهرئين تقرير (1914ع) ۾، شعر سنڌي سان سنڌي ٻوليءَ کي بہ سلهاڙيو آهي. هو لکي ٿو:

"سنڌي ٻولي ۽ شعر جو بہ، ساڳيو اهوئي حال آهي. پهرين، ستين صديءَ ۾، آرين يعني برهمڻ ۽ ٻڌ ڌرم جا راجا هئا. ڏهين صديءَ تائين، سيميٽڪ يعني عرب ۽ عجم جا حاڪم آيا. پوءِ مونگل ۽ مغل آيا. پوءِ وري بہ موٽي آرين حاڪم آيا، يعني انگريز. انهن سڀني طبقن ۽ حڪومتن جو اثر، سنڌ جي ٻوليءَ ۽ شعر تي رهيو. ڀاشا وانگي، پهرين انهيءَ ۾، سنسڪرت ۽

پراڪرت لفظ پيا؛ پوءِ عربي، سرائڪي لفظ پيا؛ پڇاڙيءَ ۾ انگريزي لفظ به اچي پيا".

ان ريت شعر بابت پڻ ٻڌايو اٿس؛

"جيڪو سنڌي شعر، بهرين چوڻ ۾ آيو، سو ٻين ملڪن جي شعر وانگي، قصن ۽ جنگين بابت هو ۽ اڪثر، اڻ پڙهيلن ماڻهن جو چيل هو ۽ اهو، ڀٽ يا چارڻ يا مڱڻهار چوندا هئا ۽ ڳائي، پنندا وتندا هئا. جيئن انگريزن ۾ بارڊ ڪندا هئا ۽ اجا تائين به، سرندائي، اهي چوندا وتندا آهن.

"اهو، اڪوٽي نج سنڌي شعر جو نمونو، ڪلهوڙن جي صاحبيءَ ۽ ميرن جي صاحبيءَ جي اڌ تائين هليو. پوءِ انهيءَ ۾، ڦير گهير ٿيڻ لڳي. مير ڪرم علي خان جي راڄ ڌاري، يعني ارڙهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ڌاري، پارسي ٻولي، گهڻي رواج ۾ اچڻ لڳي. ايران جا قابل ماڻهو، سنڌ ۾ اچڻ لڳا ۽ پارسي غزل، قصيدا، مسدس وغيره، رواج ۾ اچڻ لڳا. پارسي شعر جي بحرن ۽ وزنن تي، خود مير صاحب ۽ ٻيا ڪي سگهڙ ماڻهو، شعر چوڻ لڳا.

"انهيءَ وقت کان وٺي، سنڌي عشقيه يا مدحيه شعر، پارسي وزنن تي شروع ٿيو، جو اڄ تائين هليو اچي".

"انهيءَ طرح، انگريزي ناٽڪن جي ڪتابن جي طرز تي هينئر، هندستان ۾، بلئنڪ ورس جو رواج پيو آهي. يعني بي قافيه وزندار شعر جو، ۽ ڪيترن انگريزي نيونن تي، ڏيهي راڳ چوڻ ۾ اچن ٿا، جي سڀ چڱا ٿا لڳن".

مطلب ته مرزا صاحب، ٿوري ۾ سنڌي ٻولي ۽ شعر جي تاريخ ڏئي ويو آهي. هن جي اها ڪوشش ۽ محنت به ساراهڻ جوڳي آهي.

## مددي ڪتاب


1- تقريرون ۽ تحريرون، از قليچ بيگ.

2- سنڌي شعر، از قليچ بيگ

3- دعوت نامو (ڪانفرنس، 1914ع)

4- اسانجون ناچيز خدمتون از خادم لاڙڪاڻوي (اديب سنڌ - فيبروري ۽ مارچ 1953ع).

ڊاڪٽر نور افروز خواجہ

# سائو پن يا ڪارو پنو

## (اڀياس)

مرزا قليچ بيگ پنهنجي ذاتي زندگيءَ جو احوال "سائو پن يا ڪارو پنو" جي عنوان سان 1923ع ۾ لکيو. جيڪو سنڌي ادبي بورڊ 1965ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. هي ڪتاب مرزا صاحب پنهنجي حياتيءَ جي مختلف پهلوئن تي هڪ بردبار ۽ جرئتمند نقاد وانگر ويهي لکيو هو. پنهنجي خود نوشتہ سوانح حيات جي لکڻ جو سبب بيان ڪندي لکي ٿو تہ:

> "جو حال حبيبان سو پيش پريان! درويش جو تحفو آهي، سائو پَن، قليچ جي اعمال جو دفتر ڪارو ٿي چڪو؛ جنهن ڪري سنڌس منهن سياهہ ۽ ڏاڙهي سفيد آهي. هو هڪ عجيب احمق ٿو ڏسجي، جنهن پنهنجي سوانح ۾ پنهنجي تعريف ۽ گلا، نيڪي ۽ بدي، پنهنجي هٿ سان ويهي لکي آهي، هن پنهنجي خود نوشتہ سوانح حيات، پنهنجن دوستن جي خواهش موجب لکي آهي. جنهن کي پڙهي، خلق جي دل تہ خوش ٿيندي، پر سندس دل قتيل آهي". (1)

مرزا صاحب جي هن سوانح حيات پڙهڻ سان ان دور جا سياسي، سماجي ۽ معاشرتي حالات معلوم ٿين ٿا. هن آتم ڪهاڻيءَ ۾ سندس حياتيءَ، سندس خيالات سندس ارادن ۽ سوچن، زندگيءَ جي عملن ۽ عادتن، تعليم، تربيت ۽ تصنيفن وغيره جي باري ۾ پين کي معلومات ملي ٿي. جيئن پاڻ هڪ انگريز عالم جو حوالو ڏيندي لکي ٿو تہ:

"وڏن ۽ چڱن ماڻهن جو تاريخي احوال، نهايت مفيد ۽ ڪمائتو آهي. بلڪ پاڪ ڪتابن جي مٽ آهي. چالاڪ جو انهن مان، شريفن وانگي حياتي گذارڻ، اعليٰ درجي جي خيالن ڪرڻ، پنهنجي توڙي پاڻ جهڙن ٻين انسانن جي ڀلائيءَ لاءِ دل ۽ جان سان ڪوشش ڪرڻ ۽ پاڻ ۾ پڪي ارادي اورچائي، خود ياوريءَ ۽ خود عزتيءَ ۽ خود اعتباريءَ جي گڻن پيدا ڪرڻ جي تعليم حاصل ٿئي ٿي". [(2)]

مرزا صاحب جو هيءُ ڪتاب ٻارهن بابن ۾ ورهايل آهي. هرهڪ باب جي ترتيب هن ريت آهي:

باب پهرئين ۾ هُن پنهنجي اصل نسل ۽ وڏن جو ذڪر ڪيو آهي، هن جو والد مرزا فريدون بيگ، اصل ۾ جارجيا جي هڪ امير خاندان مان هو. جڏهن جارجيا تي ترڪن قبضو ڪيو، تڏهن فريدون بيگ، جنهن جو پهرين نالو "سدني" هو، ننڍپڻ ۾ ئي ترڪن جو غلام ٿي، اچي عراق ۾ وڪاڻو هو. مرزا خسرو بيگ هن کي عراق مان خريد ڪري سنڌ ۾ آندو ۽ هت اچي هن کي آزاد ڪري، سندس تعليم ۽ تربيت حاصل ڪرڻ جو انتظام ڪيو ۽ پوءِ هن سان پنهنجيءَ ڌيءَ جي شادي ڪرايائين. لهاذا مرزا خسرو بيگ، مرزا صاحب جو نانو هو. هو فارسي زبان جو وڏو عالم هو، جنهن جو ذڪر مرزا صاحب تفصيل سان هن باب ۾ ڪيو آهي. انهيءَ کان علاوه هن باب ۾ مرزا صاحب جي پنهنجن ستن ڀائرن ۽ ٻن ڀينرن جو به تفصيل سان ذڪر ڪيل آهي.

هن باب ۾ مرزا صاحب پنهنجي پيدائش 4 محرم 1280هجري / 1853ع ۾ حيدرآباد ۾ ٽنڊي ٺوڙهي ۾ ڄاڻائي آهي ۽ ننڍپڻ جي تعليم آخوند شفيع محمد جي مڪتب ۾ حاصل ڪئي، جتي قرآن پاڪ ۽ فارسي زبان سکيائين. ان کان پوءِ آخوند ولي محمد جي مڪتب ۾ فارسي ۾ مهارت

حاصل ڪيائين ۽ پوءِ سرڪاري اسڪول ۾ سنڌي ۽ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ۾ انگريزي تعليم حاصل ڪيائين. هتي مرزا صاحب کي نهايت ئي ذهين ۽ قابل استاد مليا. جن سندس شخصيت کي وڌيڪ اڀاريو هو. انهيءَ ئي عرصي ۾ هُن اتي ترڪي، مرهٽي، گجراتي، پارسي، بلوچي، براهوئي، پشتو، اردو، سنسڪرت ۽ انگريزي وغيره تقريباً ٻارهن زبانن ۾ مهارت حاصل ڪئي هئي. ان کان پوءِ الفنسٽن ڪاليج بمبئيءَ مان بي-اي پاس ڪري آيو ۽ جڊيشنل امتحان پاس ڪري شڪارپور ۾ مختيارڪار مقرر ٿيو ۽ جلدي ڊپٽي ڪليڪٽر ۽ سينئر ڊپٽي ڪليڪٽر ٿيو. سندس محنت، جفاڪشيءَ ۽ ايمانداريءَ جي ڪري نوڪري دوران انگريز سرڪار طرفان، "قيصر هند" جو خطاب "چاندي وارو ميڊل" ٻہ مليو. ۽ نوڪريءَ دوران ڪيس، "ميرٽ سرٽيفڪيٽ" مليو هو. مرزا صاحب اهو تفصيلي احوال پنهنجي هن ڪتاب جي باب پهرئين، ٻئي ۽ ٽئين ۽ چوٿين ۾ ڏنو آهي.

هن بابن ۾ هُن پنهنجي ننڍپڻ، جواني، ابتدائي تعليم، اعليٰ تعليم ۽ نوڪريءَ دوران مختلف ماحول جو ذڪر ڪيو آهي. باب پنجين ۾ هن پنهنجي پيريءَ ۽ گوشہ نشينيءَ جو ذڪر ڪيو آهي. جنهن ۾ هو لکي ٿو تہ سرڪاري نوڪري ڇڏڻ کان پوءِ پينشن وٺڻ بعد ڇئن قسمن جي مشغوليءَ هئي. پهرين ٻارن ٻچن جي پرورش ۽ تعليم. ٻي خلق جي سڌاري، فائدي ۽ مدد وٺڻ جي. خاص علم ۽ تعليم سان واسطو رکڻ. ٽين ڪتابن لکڻ ۽ شعر ٺاهڻ، چوٿين پنهنجي جان جي بهتري ۽ الله تعاليٰ جي عبادت ۽ بندگيءَ جي. هن خلق جي خدمت جي باري ۾ تفصيلي احوال ڏنو آهي.

باب ڇهين ۾ مرزا صاحب پنهنجي دور جي ڪن معّزز شخصيتن ۽ پنهنجن دوستن جو احوال پيش ڪيو آهي. جن ۾ هن پنهنجي پيءُ ۽ ناني جي دوستن کان سواءِ، پنهنجي اسڪول، ڪاليج ۽ نوڪريءَ واري زماني جي ساٿين ۽ دوستن ۽ استادن وغيره جو ذڪر تفصيل سان ڏنو آهي. انهن

شخصيتن ۾ مير حسن علي خان (حسن)، آغا زين العابدين، آغا صادق علي شاهه، ديوان ڪوڙومل چندن مل، ديوان تاراچند شوقيرام، ديوان جهمٽمل، ديوان چوهڙ مل، سيد قطب علي شاهه، سيد ثابت علي شاهه (ثاني)، آخوند محمد قاسم، مرزا لطف الله، پروفيسر ڪئنيڊي، پروفيسر ٽيلي وغيره جو ذڪر خاص اهميت رکي ٿو.

باب ستين ۾ مرزا صاحب جي ڪيل ڪمن ۽ انهن جي قدرشناسي، سرڪاري ۽ خانگي ڪمن ڪان سواءِ لکڻ پڙهڻ ۽ مختلف عهدن، حاصل ڪيل انعام و اڪرام ۽ ايوارڊ وغيره جو سڄو احوال مليو ٿو. جن جو ذڪر پاڻ هنن لفظن ۾ ڪري ٿو:

"سرڪاري نوڪريءَ جي عرصي ۾ گهڻن وقتن تي وڏا ۽ مشڪل واه ڪٽايا هوندم، ۽ مشڪل ڪنڊ ٻڌايا هوندم، جيئن تہ ڪشمور بند جهڙا. سخت وقتن ۾ سعي سان معافيون ڏسي، انصاف روءِ فيصلا ڪيا هوندم. جن مان جهڙا، زميندار تهڙا بالا آفيسر خوش ٿيا هوندا. ڪيترين ضروري وارداتن تي حاضر رهيو هوندس، ڪيترا مشڪل تڪرار ۽ معاملا بلوچن جي جرڳي ۾ يا مئجسٽريٽي ڪورٽن جي رستي فيصلا ڪيا هوندم. ڪيترا اسڪول ۽ ڪتب کوليا يا کولايا هوندم. رستن تي وڻ ۽ باغ رکايا هوندم، مشڪل مشڪل تڪرن ۽ ڄبلن جي چوٽين تائين وڃي حد نشان ڏسي، قائم ڪيا هوندم. ملٽري کاتي جي آفيسرن ۽ لشڪرن کي آسائش سان پنهنجي ڊويزن مان لنگهائي پار ڪيو هوندم وغيره...."[3]

اهي تہ هئا مرزا صاحب جا سرڪاري ڪم، جن لاءِ گورنرن، ڪمشنرن ۽ ڪليڪٽرن سندس تعريف ۽ قدرشناسي پئي ڪئي، پر سندس خانگي ڪمن ۾ خلق کي علمي، اخلاقي ۽ روحاني فائدو پهچائڻ، ڪتاب لکڻ

۽ ترجمو ڪرڻ، جن ۾ مذهبي ڪتاب، مضمون، ناٽڪ ۽ ناول وغيره ڪان سواءِ شعر چوڻ، تقريرون ڪرڻ ۽ لکڻ سندس خاص مشغلو هو. جنهن لاءِ ڪيس پين ايواردن ڪان سواءِ ڪمشنر صاحب طرفان سوني واچ، سرڪار طرفان پنج سئو ايڪڙ زمين ۽ پهرين جنوريءَ 1924ع تي "شمس العلماءُ" جو خطاب ڪين مليو.

هن ڪتاب جي باب انين، نائين ۽ ڏهين ۾ مرزا صاحب، پنهنجون عادتون، خواهشون، خيال ۽ رايا پيش ڪيا آهن جن ۾ سندس هلت چلت، عادات، اخلاق، خوراڪ، پوشاڪ، جانورن تي رحم ڪرڻ، سادگي، صبر، قناعت، توڪل، بي طمعي، نفس سان جنگ، توڪل، بي طمعي، مصيبت ۽ تڪليف جي وقت ۾ ٻين جي مدد ڪرڻ" زڪوات ڏيڻ، نماز پڙهڻ، خيرات ڪرڻ، هٺ ۽ غرور، تڪبر ۽ وڏائي کان پاسو ڪرڻ، علم ۽ ادب جو شوق، شعر چوڻ ۽ تصوف جي تفصيلي بيان ڪان سواءِ ٻين مذهبن تي بنا ڪنهن تعصب ۽ بغض جي ڪيترائي ڪتاب لکڻ سندس خاص مشغلو هو. هو پاڻ انهيءَ جي باري ۾ وضاحت ڪندي هيئن لکي ٿو:

> "آئون شيعو بہ آهيان، جو اسين مرزا شيعا آهيون، يعني جعفري يا اثناعشري. سُني بہ آهيان، جو سنڌ ۾ رهندي بابو سنين سان گڏ نماز بہ پڙهندو هو. آئون سيني مذهبن جو آهيان ۽ سيني مذهبن جا اصول ڄاڻان ٿو ۽ انهن تي ڪتاب بہ لکيا آهن ۽ سيني سان بنا ڪنهن تعصب جي رهندو آهيان". [4]

ان ڪان علاوه ماءُ پيءُ، ڀائرن ۽ ڀينرن، عزيزن قريبن سان محبت، اخلاق ۽ پيار سان پيش اچڻ، غريبن، يتيمن ۽ بي واهن جي مدد ڪرڻ، شڪار ڪرڻ نفس سان جنگ ڪرڻ ڪان علاوه، پنهنجي پوشاڪ وغيره جو بہ خاص خيال رکندو هو. پنهنجي علم و ادب جي شوق جي باري ۾ هو هن ريت لکي ٿو تہ:

"لکڻ پڙهڻ جو شوق ننڍي هوندي کان مون کي هوندو هو... جيئن علم زياده حاصل ٿيندو ويو، تيئن ڪتابن گڏ ڪرڻ جو به شوق پيدا ٿيو... اسان جي وڏن جا قيمتي ۽ عمدا ڪتاب هئا، سي مون خاص طرح پنهنجي لاءِ قابو ڪيا، بلڪ انگريزي، عربي، فارسي، اردو ۽ ترڪي ۽ ٻين ٻولين جا ڪتاب به گڏ ڪرڻ ۽ پڙهڻ لڳس. ڪراچيءَ جي لئبريرين ۾ وڃي ڪتاب پڙهندو هوس... اڪثر علم، حڪمت، فلسفي، اخلاق ۽ مذهبن جا ڪتاب پسند ايندا آهن". (5)

مرزا صاحب پنهنجن ڪتابن لکڻ بابت پنهنجي راءِ هن ريت ڏي ٿو ته:

" ڪتاب لکڻ جو شوق نالي يا مشهورائي يا پئسي جي فائدي لاءِ نه هوندو آهي. خاص مطلب ٿي هوندا آهن: هڪڙو اهو جو فراغت جي وقت ۾ هڪڙي چڱي ۽ مفيد مشغولي رهندي آهي ۽ اجايو وقت نه ويندو آهي، ۽ اجاين ڳالهين ۽ حرڪتن ڪرڻ کان بچجي ٿو. ٻيو اهو ته ڪتابن لکڻ لاءِ ٻهرين چڱن ڪتابن کي غور ۽ ڌيان سان وري وري پڙهڻ جو وجهه ملي ٿو. جنهنڪري علمي مايو زياده ٿئي ٿو. ٽيون اهو ته چڱن ڪتابن لکڻ مان ٻين ماڻهن کي فائدي رسائڻ جو وجهه ملي ٿو. اها به هڪڙي خيرات يا زڪوات آهي، ڪيتري قدر به پنهنجي علميت هجي ته به ضرور ڪي گهٽ علميت يا واقفيت وارا ماڻهو هوندا، تن کي فائدو رسائڻ ۽ مدد ڏيڻ به فرض آهي". (6)

مرزا صاحب جي نظريي مطابق اهاعلم جي زڪوات آهي، جيئن مال ۽ دولت تي زڪوات واجب آهي، تيئن علم به هڪ سچي دولت آهي ۽ جيڪي

ڪتاب هن وٽ موجود هئا. اِنهن کي هو هڪ اهم خزانو سمجهي، انهيءَ جي حفاظت ڪندو رهندو هو. مرزا صاحب هميشه ڪتابن کي پنهنجو دوست، همدرد ۽ ساٿي سمجهندو هو. هو هڪڙي ئي وقت تي ٽي ڪتاب لکڻ شروع ڪندو هو. هڪ صبح جو لکندو هو، ٻيو ٻنپهرن جو ۽ ٽيون رات جو ويهي لکندو هو. ان کان سواءِ مرزا صاحب هر موقعي ۽ مناسبت آهر شعر به چوندو رهندو هو. هن هر موضوع جهڙوڪ سندس پيدائش، عادتن، جواني، پيري، پنهنجي وقت گذارڻ، مذهب، زندگيءَ جي مختلف حالتن، اڪيلائي، شادي، اولاد جي ڳڻتي ۽ فڪر، زال جي فطرت، آخرت، توبهه زاري، عبادت، الله ۽ اُن جي رسول جي حمد، نعت، مناجات وغيره. تقريباً هر موضوع تي شعر چيو آهي. جنهن جو تفصيلي ذڪر مثالن سان سندس ڪتاب ۾ ملي ٿو. سندس ڪلام مان به ٽي مثال پيش ڪجن ٿا:

**مان ڇڱي:**

(1) "خوش دل جي رهين ته فڪر سڀ ڇڏ لاهي،
باقي جي توسان ٽين ته پوءِ فنا ۾ ڪاهي،
راحت جي گهرين جڳ ۾ ته ڪر مات ادا،
جو مات نمونو نيستيءَ جو آهي". (7)

(2) ڏاهو سو جو دير گفتگو ۾ لائي،
بڪ بڪ جو گهڻي ڪري خطا سو کائي،
مجلس ۾ ادا تون سک ادب حقي کان،
جيسين نه پڇن، ان کي نه ٿو ڳالهائي. (8)

(3) اي يارو ٻچو! قدر سڃاڻو منهنجو،
هوندو نه هتي سدائين ٽاڻو منهنجو،
شوخيءَ سان به جيڪا آءٌ چڱائي ٿو چوانو،
احسان اهو پاڻ تي ڄاڻو منهنجو.

اُن کان پوءِ باب ٻارهين ۾ مرزا صاحب پنهنجي باري ۾ ۽ سندس ڪتب جي باري ۾، جيڪي مختلف ماڻهن جا رايا آهن، سي پيش ڪيا آهن.

انهن ۾ جي ايف گولڊ سمٿ، وامن آباجي، موڊڪ، جي مور، مرزا حيرت، وليم ورڊس ورٿ، ميجر جنرل جي ڊبليو بيول، اي. سي ميوسن، ديوان نولراءِ هيرانند، اي- ايم- ايچ فلٽن، ديوان تارا چند شوقيرام، ايچ- بي- جيڪب، ڊاڪٽر گربخشاڻي، جارج شرٽ، ديوان ڏيارام گدومل، اردلي مارٽن، آرجائلس، ايچ-ايم- جيمس، اي جائلس، ڊبليو- اين- جي- رائيٽ وغيره کان علاوه 'نيو ٽائمس' اخبار، 'الحق' اخبار ۽ 'الحقيقت' اخبار وغيره جا حوالا بہ پيش ڪيل آهن ۽ آخر ۾ مرزا صاحب جي مضمونن، ڪتابن، تحريرن، تقريرن ۽ پريسن وغيره کان سواءِ مرزا صاحب جي ڊائري يا روزنامچي جو انتخاب بہ ڏنو ويو آهي. مرزا صاحب جي لکيل ڪتابن ۾ انگريزي ۽ ٻين ٻولين تان ترجمو ڪيل ڪتابن جي فهرست، انگريزيءَ ۾ لکيل ڪتابن، مذهب، فلسفي ۽ اخلاقيات جي موضوعن تي سنڌيءَ ۾ سندس لکيل ڪتاب ناٽڪ مثلاً: خورشيد، نورجهان، نادر شاهہ، شڪنتلا ۽ بڪاولي وغيره ۽ سندس لکيل قصا ۽ ناول مثلاً: زينت، راحيل، شيطان جي ناني، عجيب الماس ۽ وامق ۽ عذرا وغيره ۽ علمي، ادبي ۽ تنقيدي ڪتاب مثلاً: سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، سنڌي شعر جي تاريخ، شاهہ ڀٽائيءَ جو احوال، ديوان گل، ثابت علي شاهہ جو احوال، شاهہ جو رسالو، سنڌي گرامر، علم نحو، علم بديع، سنڌ جي تاريخ، سنڌ جي جاگرافي، قديم سنڌ وغيره کان سواءِ زناني تعليم تي ڪتاب، پردي جي پابندي ختم ڪرڻ تي ڪتاب، شعر جا ڪتاب ۽ متفرقہ موضوعن ۽ مضمونن تي ڪتابن جي لسٽ شامل ملي ٿي. انهيءَ کان علاوه مرزا صاحب جا ڪيترائي نصيحت آموز نڪتا بہ هن ڪتاب مان ملن ٿا، مثلاً: جيئن هو لکي ٿو تہ:

(1) "وڏو ماڻهو اهو آهي، جنهن ۾ گهٽو ماڻهپو هجي، جنهن ماڻهوءَ ۾ ماڻهپو ڪونهي، تنهن کي فقط ماڻهو سڏڻ ۾ غلط آهي، وڏ ماڻهپي تہ پري ٿي".[9]

(2) "اِنسان اهو آهي، جنهن ۾ انسانيت هجي، نہ تہ اهو فقط عام ساهوارو يا بہ پيرو جانور ٿيو". (10)

حاصل مطلب تہ مرزا صاحب جي هن سڄي دور ۾ سنڌي ماڻهن جو نون نون علمن سان واهپو ٿيو. انگريزي ادب جي اڀياس ۾ قومي امنگ پيدا ڪئي. ماڻهن کي پنهنجي ڪمزورين جو احساس ٿيو. هن دور ۾ دنيا جون سياسي، سماجي ۽ اقتصادي حالتون بگڙيون، جن برصغير جون سياسي، سماجي ۽ اقتصادي حالتون بگڙيون، جن برصغير جي ٻين علائقن وانگر سنڌ کي بہ متاثر ڪيو. اسان کي مرزا صاحب جي هن ڪتاب، "سائو پن يا ڪارو پنو" مان ٿي سنڌس دور جي سياسي، سماجي، علمي، ادبي ۽ تعليمي ماحول جو تفصيلي احوال ملي ٿو.

حوالا


1- مرزا اجمل بيگ: تمهيد؛ سائو پن يا ڪارو پنو، حيدرآباد سنڌ ادبي بورڊ، 1965ع، ص - 12.

2- ايضاً - ص - 14.

3- ايضاً - ص - 78.

4- ايضاً - ص - 96.

5- ايضاً - ص - 121.

6- ايضاً - ص - 123.

7- ايضاً - ص - 174.

8- ايضاً - ص - 171.

9- ايضاً - ص - 15.

10- ايضاً - ص - 15.

ڊاڪٽر هدايت پريم

# مرزا قليچ بيگ جي ڪلام ۾ تصوف

سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جو اهم ترين موضوع تصوف رهيو آهي. سنڌي ٻوليءَ جا قادرالڪلام شاعر جهڙوڪ قاضي قادن، شاهه ڪريم، شاهه لطف الله قادري، شاهه عنايت ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ سچل سرمست، سنڌ جا صوفي بزرگ ٿي گذريا آهن. سندن ڪلام ۾ تصوف جا باريڪ نڪتا بيان ڪيل آهن، سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جا اثرات سنڌيءَ جي سمورن شاعرن تي پيا آهن، اهڙي طرح سنڌ جي عظيم سپوت، شاعر ۽ اديب شمس العلماء مرزا قليچ بيگ تصوف جي باري ۾ پنهنجي ڪلام ۾ جا بجا بيان ڪيو آهي. ان سلسلي ۾ سندس هڪ اهم موضوع عشق الاهي بہ رهيو آهي. اها حقيقت آهي تہ مرزا قليچ بيگ هڪڙو سچو صوفي ۽ عاشق الله جو هو، روحانيت، تصوف ۽ عشق حقيقي جي اپٽار ۾ مرزا صاحب پنهنجي شعر ۾ چيو آهي:

اڄي دنيا ۾ عشق ٿيو نروار،
ظاهري باطني سندس اطوار،
وحدت آئي وڌائين ڪثرت ۾،
جسم ۾ جان ڪيو اچي اظهار.

(قليچ)

عشق ري جي ڪو روح ويندو هتان
ٿيندو بيشڪ حق اڳيان سو شرمسار.

(قليچ)

ديوان قليچ ۾ ہي هنڌ فرمايو اٿائين:

عشق جو مظهر آهي جڳ هي عيان،
سڀڪو آهي ڪمال ۾ يڪسان.
جيڪي مذهب چون ٿا ٻاهتر،
حق ٿا ڳولهين سڀ پرستش سان.
فرق سالڪ نہ مذهبن ۾ ڏسن،
ڪثر اسلام وٽ نہ هڪ پئي ڪان.
آهي ايمان ۾ لڪل نت ڪفر،
آهي ايمان ڪفر ۾ پنهان.
ڪافر آهي تہ ڪاري ڪافر کي جو،
مشرڪ آهي، رکي جو نج ايمان.
چڙهيو چوٽيءَ تي سچ بہ صحرا ۾،
پاڇو گم ٿيو، رهيو نہ ان جو نشان.
منزئي بود ۽ نمود آهي هتي،
بود حق آهي ۽ نمود جهان.
هڪڙو وحدت ٿيو ۽ پيو پيو ڪثرت،
شوق هڪ مان ۽ ذوق اچي پئي مان.
آخر اول ۾، اول آخر ۾،
ٿيو عيان ۾ نهان، ۽ نهان ۾ عيان.
عقل فڪر ۽ قياس ڇئي ٿو قليچ،
نہ سڃاڻي خدا، خدا ڏاران.

(قليچ)

مرزا قليچ بيگ لاءِ محمد صديق مسافر لکي ٿو تہ:

مرزا صاحب کي روحاني مجلسن جو ايڏو ذوق هوندو هو جو ڪتراڻي پيرا شاه يتائي عليه رحمت جي درگاه تي توڙي درازن جي مجلس ۾

جڏهن فقير روحاني ڪلامن جي موج لڳائيندا هئا. تڏهن مرزا صاحب ڪي وجد ۽ حال اچيو ويندو هو. آڌيءَ رات جو ساز تي روحاني ڪلام ڳائي پنهنجو سوز تازو ڪرڻ ۽ ڪفني پائي مالڪ سان محو رهڻ به مرزا صاحب جو دستورالعمل هو.[1]

پنهنجي سوانح "سائو پن يا ڪارو پنو" ۾ "آءٌ ڇا ۽ ڪير آهيان" جي عنوان واري شعر ۾ چيو اٿائين:

آءٌ روح آهيان، ويس ۾ ماڻهوءَ جي گذاريان،
حيوان به آءٌ، پڻ پڪي پر ڪنهن نه ڏاريان،
هت جيئري قليچ، آهيان آءٌ حيوان ۽ ماڻهو،
تي روح مرڻ بعد، ملائڪ جان مان تنواريان.

(قليچ)

مرزا قليچ بيگ پنهنجن صوفيانه خيالن جي باري ۾ لکيو آهي:

اڪثر منهنجو شعر جدا جدا مضمونن تي آهي، ليڪن اسلامي مذهبي مضمون تي، اگرچه ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين لاءِ قرآن، حديث ۽ فقه جي بنياد تي مضمون ڏنا ويا آهن. تڏهن به حڪمت ۽ فلسفي وارن مضمونن تي اڪثر تصوف جي بنياد تي لکيو اٿم. جيتوڻيڪ وڏن وڏن بزرگن تصوف جا اصول بيان ڪيا آهن ۽ اهي شريعت جا پابند رهيا آهن ته به عام شريعت وارا انهن تي اعتراض آڻيندا آهن، بلڪه انهن کي ڪافر يا غير شرعي ڪمن ڪرڻ ۽ ڳالهين ٻڌائڻ وارا سڏيندا آهن تنهنڪري اهڙي تهمت کان آءٌ به آزاد نه آهيان.[2]

مرزا صاحب جو تصوف جي باري ۾ سندس نظريو هن بيت مان پڌرو آهي:

ڇو حسن جي بازار ۾ پيو سير ڪرين؟
دلبر پنهنجو پاڻ لڪو لايو وتين،

غـيـرت نـہ اٿـئي، شـرم نـٿـو توکي اچي،
هُو تـوکي ڏسي ۽ تـون ڀين کي پيـو ڏسين.

(قليچ)

مـرزا قليچ بيگ جي شـاعـريءَ ۾ خـصـوصـي طور غـزل ۾ سـندس انفرادي رنگ نمايان آهي. هن جي ڪلام جا مکيہ موضوع تصوف، تفلسف، اخلاق، دينيات، قومي جوش و خروش، حب الوطني، پند و نصايح ۽ حڪمت ۽ معرفت جا باريڪ ۽ دقيق مسئلا آهن.[3]

ديوان قليچ ۾ هڪ هنڌ فرمايو اٿائين:

ڪل ٿـيـو ڪين مـان، عـالم ٿـيـو عـدم مـان سـہ
نڪتي وحدت منجهان ڪثرت، ٿيو ظلمت منجهان نو.
اونهو ڪن "ڪُن" جو ٿيو نقطو "فيڪون" ٿيو دريا.[4]

حضـرت شـاهہ عـبداللطيف ڀٽائيءَ جي هن بيت جي اصل روح کان متاثر ٿي قليچ مٿيون شعر چيو آهي:

وحـدتان ڪـثـرت ٿي، ڪـثـرت وحـدت ڪل،
حق حـقـيـقي هيـڪـڙو، ٻولي ٻي م ڀل،
هو هلاچـو هل، باالله سندو سـچـئين.

(شاهہ)

وحدت ۽ ڪثرت جي موضوع تي قليچ بيگ صـاحب هڪ مڪمل غزل هن ريت چيو آهي:

جڳ انـدر نور تـنهـنجي ڪيـو اظهـار،
تو بنا پيـو اچي نہ منجـهـہ ديدار.
روشـنـي سج جي هڪ، هزارين گـهـر،
تـو ڪـري اخـتـلاف در، ديـوار.
تـيـو عـدد اصل هڪ، ڳـڻـڻ ۾ فـقط،
پر ٿـئي سـو شـمـار ۾ تـو هزار.

بحر هڪ آهي، مختلف موجون،
سمجهي سوئي، لنگهي جو لهريون پار.
مختلف صورتون جڏهن ڏسجن،
تڏهن نظر ۾ اچن سيئي اغيار.
پر حقيقت جي جي ڪندين تون نظر،
ته ٿيو بيو نه غير ڪو، ري يار.
جاءِ گفتار جي نه آهي "قليچ"،
آهي حڪمت جو هيءُ عجب اسرار.

(قليچ)

شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ بيان ڪيل صوفيانه نڪتن کان مرزا قليچ بيگ صاحب گهڻوئي متاثر ٿيو آهي، شاه جا ٻه بيت هن ريت آهن:

پاڻهين ڏئي سنهيڙا، پاڻهين اي سلطان،
پاڻ ڪَرَ پاڻ لهي، پاڻ سڃاڻي پاڻ.
پاڻهين پسي پاڻ پاڻ ڪي، پاڻهي محبوب،
پاڻهين خلقي خوب، پاڻهين طالب تنجو.

(شاھ)

ساڳي معنيٰ ۽ مفهوم وارو شعر مرزا صاحب هن طرح چيو آهي
پنهنجو پاڻ عاشق آهي ۽ معشوق،
پاڻ پنهنجو طبيب، پڻ بيمار.

(قليچ)

صوفيانه مسلڪ ۾ "حقيقت" به رندي راھ جي هڪ اهم منزل آهي، طريقت، شريعت، حقيقت ۽ معرفت لاءِ شاه لطيف هي ٽي بيت فرمايا آهن:

1- مون کي مون پرين، ٻڌي وڌو تار ۾،
اپا اٿين چون، مڃڻ پاند-پسائين،

2- پيو جو پاتار، سو ڪيئن پسڻ ڪان پالهو رهي،
سالڪ مون سيڪار، ڪو په اهين پاند جو.
3- ڪر طريقت تڪيو، شريعت سڃاڻ،
هنيون حقيقت هير تون، ماڳ معرفت ڄاڻ،
هوءِ ثابوتي ساڻ، تہ پسڻان پالهو رهين.

(شاهہ)

مرزا قليچ بيگ "حقيقت سمجهڻ مشڪل" جي عنوان سان غزل جوڙيو آهي، سو هت پيش ڪجي ٿو:

خودي نہ تو ڇڏي، توکي خدا جي ڪهڙي خبر؟
ڇڏيئي نہ ڪِبر، پوئي ڪبريا جي ڪهڙي خبر؟
ڪدي جي ڪانہ ڪدورت تو قلب پنهنجي مان،
تہ توکي صوفي صاف صفا جي ڪهڙي خبر؟
ٿي فاني دار تي منصور جان نہ ٿئين باقي،
فنا ڏٺي بنا، توکي بقا جي ڪهڙي خبر؟
جو 'لا' سان ڪين ڪنو پهچي ڪيئن سو 'اِلا' کي،
جو مبتلا ناهي، تنهن کي بَلا جي ڪهڙي خبر؟
جي ابتدا کان تون دنيا ۾ نت رهئين محدود،
تہ توکي عالَم بي انتها جي ڪهڙي خبر؟
تون دردمند جو بيدرد! قدر ڇا ڄاڻين،
نہ جنهن کي درد، انهيءَ کي دوا جي ڪهڙي خبر؟
"قليچ"! آهي چيو شاه نعمت الله سچ،
"ولي ڏٺي نہ، پوئي اوليا جي ڪهڙي خبر؟

(قليچ)

مرزا قليچ بيگ جي ڪلام ۾ آيل صوفيانہ نڪتن مان بخوبي اندازو ٿئي ٿو تہ هو صاحب تصوف جو وڏو ڄاڻو هو ۽ خاص طور شاه لطيف جي صوفيانہ فڪر کان گهڻوئي متاثر هو.

# حوالا


1- محمد صديق مسافر، قرب قليچ. آگر پبليشنگ ايجنسي حيدرآباد، 1997ع. ص - 72

2- مرزا قليچ بيگ، سائو پن يا ڪارو پنو، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1988ع. ص - 124

3- اجمل بيگ مرزا، مقدمو، ديوان قليچ، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1956ع. ص - 50

4- مرزا قليچ بيگ، ديوان قليچ، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1956ع. ص - 24.

ڊاڪٽر قمرجهان مرزا

# مرزا قليچ بيگ جي اولاد جون ادبي خدمتون

مرزا صاحب جي علمي ادبي حيثيت کان تہ اسان سڀ بخوبي واقف آهيون، پر سندس اولاد جي علمي ادبي ڪارنامن کان هرڪو واقف نہ هوندو. هت سندس اولاد جو تعارف ۽ سندن علمي ڪارنامن جو مختصر جائزو پيش ڪجي ٿو.

مرزا قليچ بيگ ٽي شاديون ڪيون. پهرين شادي 25 ڊسمبر 1888ع تي سردار بهادر شيخ اسماعيل جي نياڻي سان ڪيائين.[1] جنهن مان 1889ع ۾ کيس هڪ نياڻي ڄائي، جنهنجو نالو فخرالنساء رکيائين. سن 1891ع ۾ مرزا صاحب کي فرزند پيدا ٿيو. جنهنجو نالو مرزا نادر بيگ رکيائين. نادر بيگ جي پويان هڪ نياڻي پيدا ٿيس جا ننڍپڻ ۾ ئي گذاري ويئي. ان جي پويان هڪ فرزند پيدا ٿيس جنهنجو نالو مرزا بابر بيگ رکيائين. جو پڻ ٿورڙو وڏيرڙو ٿي گذاري ويو. ان جي پويان وري هڪ نياڻي ٿيس جا ننڍپڻ ۾ ئي گذاري ويئي. نياڻي پويان وري فرزند ٿيس، جنهنجو نالو مرزا اختر بيگ رکيائين، يعني تہ پهرين گهر مان زنده سلامتي ٿي اولاد رهيس هڪ نياڻي فخرالنساء ٻہ فرزند، هڪ مرزا نادر بيگ ۽ ٻيو مرزا اختر بيگ. مرزا صاحب جي هيءَ گهرواري سن 1904ع ۾ 19 مارچ تي وفات ڪري ويئي. وفات کان اڳ هڪ نياڻي پيدا ٿيس پر اها بہ وفات ڪري ويئي.[2]

مرزا صاحب جي پهرين زال شاديءَ کان پوءِ 15 سال اڍائي مهينا زنده رهي، وفات وقت سندس عمر 33 ورهيہ هئي. جيئن تہ مرزا صاحب خود هڪ وڏو عالم، اديب ۽ دانشور هو. تنهن ڪري هن پنهنجي اولاد جي

تربيت نهايت بهترين طريقي سان ڪئي، ٽنهي ڀارن کي تعليم ڏيارپائين، سندس ٽئي ڀار فارسي، اردو، سنڌي، انگريزي زبانن جا ڄاڻو هئا. نياڻي کي تہ علم و هنر سان آراستہ ڪري سندس شادي ڪرائي ڇڏيائين باقي ٻنهي فرزندن مان مرزا نادر بيگ علم و ادب ۾ پنهنجو مقام حاصل ڪيو ۽ انگلنڊ مان بئريسٽريءَ جي ڊگري پڻ ڪئي آيو. ان سان گڏ شعر و سخن ۾ بہ وڏو حصو هئس. هو بهترين شاعر ۽ بهترين افسانا نگار هو. مئجسٽريٽيءَ جي عهدي تي بہ ڪامياب رهيو ۽ ماڻهن سان انصاف ڪيائين. سندس علمي ادبي خدمتن متعلق. سندس خاندان جي هڪ فرد مرزا نصير بيگ هڪ بهترين ڪتاب لکيو آهي ۽ مون پڻ مٿس هڪ مقالو لکيو جيڪو ڀنائي نمبر 2 ۾ شايع ٿيو. هتي سندس ڪجهہ تصنيفات جو ذڪر ڪجي ٿو.

مرزا نادر بيگ جت ذهين عقلمند بئريسٽر هو. اٿ شعر و سخن ۽ علم و ادب ۾ پڻ پنهنجو مٽ پاڻ هو. هن افساني جهڙي نئين صنف تي بہ طبع آزمائي ڪئي. سندس افسانن جا عنوان هيٺين ريت آهن.

(1) مس رستم جي - سال 1944ع.

(2) عينڪ جو آزار - مارچ 1934ع.

(3) ماءُ جي محبت - سال 1934ع.

(4) ماءُ جو قهر - جون 1934ع.

(5) قرض مقراض محبت است - 1934ع.

هي سڀ افسانا سنڌو رسالي ۾ ڇپيا. اڻ کان علاوہ گوناگون مضمون مختلف مخزنن ۾ پڻ ڇپبا رهيا. سندس ڪجهہ ڇپيل ڪتابن جا عنوان هيٺين ريت آهن:

(1) رائفلس.

(2) محبوب ڪربلا.

(3) جينٽل مين ڊاڪو.

(4) تناسخ ۽ اسلام

مرزا نادر بيگ ٿياسافي تي پڻ ڪيترائي مضمون لکيا. اُن کان علاوه شاعريءَ جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪيائين. سندس شعر نهايت عمده آهي. سندس (ڪليات نادر) نهايت بهترين سنڌي ۽ اردو ڪلام جو مجموعو آهي جو سندس پوين وٽ محفوظ آهي.

**مرزا اختر بيگ:**

هن فرزند کي پڻ مرزا قليچ بيگ تعليم ڏياري مگر هي اڳتي وڌي نه سگهيو ۽ نه علم و ادب ۾ ڪجهه ڪري سگهيو. سونهن سوڀيا ۾ مرزا اختر بيگ مٿيرو هو. ذهين به هو. پر ادب ڏانهن لاڙو نه هئس. مرزا قليچ بيگ پنهنجي هن فرزند جي باري ۾ لکي ٿو ته: "پيو پٽ اختر بيگ وڏيڪ پڙهي نه سگهيو. ميٽرڪيوليشن جي ڪلاس مان نڪري ميڊيڪل اسڪول ۾ ويو ۽ پوءِ ٽيڪنيڪل اسڪول ۾ ويو ۽ پوءِ نيٺ وڃي پوليس کاتي ۾ سب انسپيڪٽر ٿيو. سال کن کانپوءِ اها جاءِ ڇڏي ريلوي ڊپارٽمينٽ ۾ رهيو. آخر هاڻ ڪليڪٽر صاحب، حيدرآباد جي آفيس ۾ ڪلارڪ آهي."(3)

مرزا اختر بيگ جو اولاد هينئر وڏن عهدن تي آهي ۽ نهايت مالدار ۽ سکيا ستابا آهن.

مرزا قليچ بيگ پنهنجي ٻي شاديءَ جي باري ۾ پنهنجي سوانح حيات، "سائو پن يا ڪارو پنو" ۾ لکي ٿو ته: "زال جي وفات کان پوءِ هميشه اُپاٽڪو ٿي گذاريم. آخر منهنجي اها حالت ڏسي ادي مرزا صادق علي بيگ ۽ سردار محمد يعقوب وري شادي ڪرڻ لاءِ صلاح ڏني. ڪراچيءَ ۾ ۽ بمبئيءَ ۾ هڪڙي ٻن هنڌن تي چڱو شاديءَ جو بندوبست ٿي ٿي سگهيو. جو اهي سڌريل ۽ خانداني گهر هئا ۽ پئسي وارا به هئا. جيتوڻيڪ منهنجي پهرين زال به ڌارين مان هئي، پر تڏهن به وڏي عمر جي ڪري ۽ پهرين زال جي ٻارن موجود هئڻ جي ڪري، مون خيال ڪري مناسب سمجهيو ته هاڻي ڌارين مان شادي ڪرڻ غلط آهي، متان منهنجي مرڻ کانپوءِ هوءِ وري پنهنجن

مائٽن ۾ هلي وڃي يا اڳين پارن سان ناسازي ڪري ۽ پنهنجي خاندان مان ڪا زال مون سان يا منهنجي پارن سان همدردي ڪرڻ واري ٿيندي. تنهن ڪري پڪ ڪير تہ پنهنجن مان شادي ڪجي. آخر پنهنجي ماروٽ مرزا قزلباش جي نياڻي سان شاديءَ جو ٺهراءُ ٿيو ۽ سن1907ع جي مئي مهيني ۾ منهنجي شادي ٿي ۽ اسين ٻئي وري بہ هڪ ٻئي جي محبت ۽ سنگت ۾ خوش گذارڻ لڳاسين تہ اوچتوئي ٻئي سال سن 1908ع مئي مهيني ۾ اِها زال بہ هڪڙو پٽ ڄڻي ويہ ۾ مري ويئي. انهيءَ زال سان بہ گهڻي محبت هئم. انهيءَ ڪري ٻيو تازو صدمو پهتم. پار پلجي وڏو ٿيو. جنهنجو نالو همايون بيگ آهي، جو هائي اسڪول ۾ ٿو پڙهي. انهيءَ زال جي نسبت ۾ بہ پنهنجي ڪتاب سودائي خام ۾ ڪئي شعر ڏنا آهن.[4]

**مرزا همايون بيگ:**

مرزا صاحب جو هي فرزند ايترو تہ حسين هو جو سندس حسن جي واڪاڻ سندس دؤر جي هر انهيءَ ماڻهو واتان ٻڌي وڃي ٿي. جنهن کيس ڏٺو هو. جهڙو هو سهڻو تهڙو نفيس لباس زيب تن ڪندو هو. علم و ادب ۾ بہ مرزا پنهنجي علم ۽ قلم جون جولانيون ڏيکاريون آهن. سندس تخلص 'فائق' هو. هن فرزند مرزا قليچ بيگ جي ڪتاب "حيات قليچ" جي تاليف پاڻ ڪئي ۽ ڇپارايائين. مرزا همايون کي سنڌي، سرائڪي، فارسي ۽ اردو ٻولين تي دسترس حاصل هئي. سندس "ديوان" "ڪليات همايون" سندس فرزند وٽ قلمي صورت ۾ موجود آهي. شاعري ۾ مرزا صاحب هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي آهي. يعني رباعي، غزل، مخمس، مسدس ۽ ڪافيون وغيره.

سندس ڪلام ۾ مداح مناجات، نعت، مرثيہ، نوحہ وغيره تمام گهڻي انداز ۾ آهن.

اردو ۾ بہ ڪيترائي سلام ۽ مرثيہ چيا اٿس، جيڪي مير آنيس ۽ دبير جو مقابلو ڪري سگهن ٿا.

سندس ڪلام جو نمونو:

ٽل: ٿــا ســــيني ســـرجن ســــور، اِلاالله پل پل، پون پور،
بند: هڪڙي مون سان عمر ڪئي، جنهن جهلي وڌم زنجير،
ٻيـو قـيـد ڪيـو قـسـمت آ ڪوٽن، مـون ڪي آ تقـدير،
آءُ مـوٽي مـلان وجي تـاريلن سـان ٿـر ڪـهڙي دسـتـور،
اِلاالله پل، پل پون پور.
فــــائق من ٻڌي هو داتا درد وندي جــــون دانهــــون،
عـرض اگـهـائج آقـا منهنجـو آءُ تـہ ٻڌئين ٿي ٻانهـون،
ڏونـدي مــنـهـنـجـي پـار اُڪـارج پـرور ڪـرِ پــور،
اِلاالله پل، پل پون پور.

هڪ ٻئي سنڌي ڪلام مان آخري بند:

جي تنهنجـــو پيءُ ٿــيـــو قليچ تـہ ڇـا ٿــيــو فــائق،
ڪجهــہ آپٺي گـهوٽ تـہ خـاصـو ٿـئـي خـمـار آجـا.[6]

مـرزا صـاحب جي شـاعـري جـا مـوضـوع گـوناگـون آهن:- يعني الله پاڪ، رسول الله صلي الله عليه وسلم کان وٺي آئمہ معصومين تائين ۽ ٻين سيني پلارن بزرگن جي شان ۾ مدح سرائي ڪئي اٿس.

مٿئين موضوعن کان علاوه عمر مارئي، سسئي پنهون ڪي بہ پنهنجي ڪلام جو موضوع بنايو اٿس، دنيا جي بي ثابتي، گل و بلبل، مئي ساغر، محبوبڻ متوالي ڪي پڻ پنهنجي شاعريءَ جو موضوع بنايو اٿس.

مرزا همايون بيگ جي اردو نهايت پختہ آهي، لفظن جو امتزاج پڻ عمده اٿس.

**شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ جي ٽين شادي:** مرزا صاحب پنهنجي ڪتاب "سائو پن يا ڪارو پنو" ۾ لکي ٿو تہ: "بي زال جي مرڻ ڪانپوءِ وري بہ منهنجو حال خراب ٿيڻ لڳو ۽ بيمار ٿي پيس تنهن ڪري سيني عزيزن صلاح ڏني تہ اڪيلائي کي ختم ڪرڻ لاءِ شادي ڪر. اهڙيءَ طرح

سن 1909ع جي نومبر مهيني ۾ وري بہ مرزا ڪلب علي مرحوم جي نياڻيءَ سان شادي ڪير.[7]

ٽين گهر مان مرزا قليچ بيگ کي اٺ پٽ ۽ ٻہ نياڻيون پيدا ٿيون.

نومبر 1910ع ذوالقعد مهيني ۾ هن گهر مان ڪيس پهرين نياڻي ڄائي. جنهنجو نالو دلشاد رکيائين. هن نياڻي کي اسڪول ۾ تعليم ڏياريائين چيو وڃي ٿو تہ دلشاد بيگم هڪ سٺي شاعره هئي. سندس تخلص عاصي هو.[8] دلشاد بيگم جو ڪلام سندس اولاد وٽ موجود آهي. دلشاد بيگم جي پويان 18 سيپٽمبر 1913ع ۾ مرزا صاحب کي فرزند پيدا ٿيو. جنهنجو نالو مرزا اسد بيگ رکيائين. مرزا اسد بيگ نهايت خوبرو ۽ خوش اخلاق انسان هو. پيريءَ ۾ بہ هن جو حسن نمايان هو. مرزا اسد بيگ چڱو پڑهيل لکيل علم و ادب جو ڄاڻو هو. هو شاهہ لطيف سائين کان متاثر هو. صبح جو قرآن پاڪ پڙهڻ کان پوءِ شاهہ جو رسالو پڙهندو هو. سخنور ۽ سخن سنج هو. سٺو شاعر هو. مرزا بخش علي خان ۽ مرزا اسد بيگ ٻئي گهاٽا دوست هئا. اڪثر مرزا بخش علي جي بينڪ تي مرزا اسد بيگ ۽ خود مرزا بخش علي ٻئي گڏجي شعر جوڙيندا هئا. اهي شعر ڪڏهن اردو زبان ۾ جوڙيندا هئا تہ ڪڏهن سنڌي زبان ۾ جوڙيندا هئا.

مرزا اسد بيگ صاحب جو "ديوان اسد" سندس اولاد وٽ موجود آهي. مرزا اسد بيگ صاحب جي وڏي نياڻي فيروزه مرزا ادب ۾ چڱو ڪردار ادا ڪري رهي آهي. اجا فارسي ڪتابن جا ترجمہ ٻئي ڪري، پنهنجي والد جي ڪلام کي پڻ سهيڙي پئي.

مرزا اسد بيگ جي پويان مرزا صاحب کي هڪ نياڻي 26 جولاءِ 1915ع تي پيدا ٿي. هن جو نالو شهزاد بيگم رکيائين. مرزا صاحب ڌيئن توڙي پٽن کي هڪ نظر سان ڏسندو هو. تعليم جي باري ۾ بہ سندس خيال هو تہ ڌيئون توڙي پٽ هڪجهڙي تعليم وٺن سو هن نياڻيءَ کي بہ تعليم جي زيور سان آراستہ ڪيائين.

شهزاد بيگم پيٺن توڙي پاڻرن ۾ نهايت اعليٰ پائي جي شاعره هئي. سندس تخلص "مخمور" هو. ننڍپڻ ۾ ئي اردو، سنڌي ۽ فارسي ۾ شعر چوندي هئي. شهزاد بيگم شعر ۾ پنهنجو استاد پنهنجي پيءُ نادر بيگ کي ڪيو هو. سندس ڪيترائي خط نادر بيگ مرزا جي نالي لکيل آهن. جن ۾ محترمہ پنهنجي شعر کي درست ڪرڻ لاءِ لکيو هو. هوءَ گهڻو ڪري مرزا نادر بيگ جي صحبت ۾ رهندي هئي.

شهزاد بيگم پنهنجي ننڍي ڀاءُ مرزا اجمل بيگ جي شاعريءَ ۾ استاد هئي. مرزا اجمل بيگ پنهنجي شعر کي صحيح ڪرائڻ لاءِ اڪثر پنهنجي ڀيڻ کي ڏيندو هو. شهزاد بيگم جو سمورو ڪلام قلمي صورت ۾ سندس فرزند مرزا نذير حسين وٽ موجود آهي. سمورو ڪلام مختلف موضوعن تي آهي. نهايت پختہ ۽ اعليٰ درجي جا شعر چيا اٿس. سندس نعت، مداحون، منقبتون، مرثيہ، سلام، گوناگون چيل آهن. تخلص جو استعمال مفڪر تي ڪيو آٿس، سندس ڪجهہ ڪلام نموني طور ڏجي ٿو.

پهرين بند: اسان جو پيشوا رهبر محمد مصطفيٰ آهي،
وصي انجو منهنجو علي الامرتضيٰ آهي.

آخري بند: ڪرين ڇو غم آلم مخمور تي دلگير اي نادان،
تہ ڇا آقا نہ ٿيو تنهنجو شهيدِ ڪربلا آهي.

**مدام**

(1) قدرت جي قلم جي هِيءَ تحرير نرالي هئي،
نقاش نرالو هو، تصوير نرالي هئي.

(2) حُر گرچہ هو عاصي پر سائل تي جو هو آيو،
دلگير نرالو هو توقير نرالي هئي.

آخري بند: آهيان آءٌ اياز مولا محمود آهين بيشڪ،
مخمور جي معافيءَ جي هي ريت نرالي هئي.

**مرزا افضل بيگ**

شهزاد بيگم جي پويان مرزا صاحب کي 25 مئي مطابق 3- شعبان سن 1335 هہ ۾ فرزند پيدا ٿيو. جنهن جو نالو مرزا افضل بيگ رکيائين. هو شاعر يا اديب نہ هو. پر ديني عالم ٿيو. هن ڪيترائي ديني ڪتاب لکيا. ٽنڊي ٺوڙهي واري مسجد جو پيش امام هو. هر جمعي تي واعظ ڪندو هو. اڪثر ديني عالمن کي سڏائيندو هو.

**مرزا اڪمل بيگ**

مرزا افضل بيگ جي پويان مرزا صاحب کي 30 اپريل 1336هہ ۾ وري ہہ فرزند پيدا ٿيو. جنهنجو نالو آڪمل بيگ رکيائين. هو سنو شاعر هو. ڪيترائي شعر سنڌيءَ ۾ جوڙيائين. اڪثر مشاعرن ۽ ادبي محفلن ۾ ويندو هو. هن ۾ شعر و سخن جا جوهر تمام گهڻا هئا. پر پنهنجين پريشانين سبب پنهنجي شخصيت نہ مڃرائي سگهيو. سندس ڪلام جو مجموعو سندس اولاد وٽ موجود آهي.

**مرزا اجمل بيگ:**

مرزا اڪمل بيگ جي پويان مرزا صاحب کي 21 ابريل - مطابق 12 رجب سن 1339هہ ۾ مرزا اجمل بيگ بيدا ٿيو. اجمل واقع آجمل هو. هو ادب جي دنيا جو تراشيل هيرو ثابت ٿيو. هو نهايت قابل انسان بهترين ليکڪ ۽ اعليٰ پائي جو شاعر هو. جهڙو سهڻو تهڙو هو من مهڻو. خوش پوش خوش گفتار سند ، شخصيت نهايت عمده هئي. هن کي سنڌي، اردو، فارسي، انگريزي پولين تي مهارت حاصل هئي.

يانڻ گهڻو ڪري سنڌيءَ ۾ شاعري ڪئي اٿائين. سنڌي شعر ۾ سندس ڪوبہ مٽ نہ آهي اهڙو تہ اعليٰ ڪلام اٿس جو ٻڌڻ وارا حيرت ۾ اچيو وڃن.

لفظ ۽ تمثيلن جو ماهر هو. سندس ڪلام نهايت دل لبائيندڙ آهي. سندس تخلص فاضل هو. پر ڪٿي آجمل بہ استعمال ڪيو اٿس.

هت سندس تصنيفن جو مختصر ذڪر ڪجي ٿو:

(1) ديوان فاضل - 1936ع ۾ ڇپيل.

(2) ديوان اجمل - 1937ع ۾ ڇپيل.

(3) شاهنامہ عرب عرف تاريخ اسلام منظوم هي ڪتاب ڇهن جلدن تي مشتمل آهي. جنهن مان چوٿون حصو 1964-65ع ۾ اول ڇپيو.

(4) "قرب قلندر" رسالي ۾ غزليات قلندر جو منظوم ترجمو معنيٰ ۽ سمجهاڻيون (ڇپيل) ڏنل آهن.

(5) شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جو سر سارنگ مڪمل شرح معنيٰ ۽ سمجهاڻين سميت (ڇپيل).

(6) گنجينہ آدب.

(7) ديوان قاسم.

(8) انتخاب گلستان بوستان.

(9) رباعيات فاضل.

(10) رباعيات اجمل.

(11) مقدمہ قليچ براءِ ديوان قليچ (ڇپيل)

(12) نيو اٽلس جاگرافي (اردو) ڇپيل، پنجن حصن ۾.

(13) هسٽري آف انگلنڊ - سنڌي ۾ ڇپيل.

(14) فزيڪل اينڊ پوليٽيڪل جاگرافي آف دي ورلڊ (سنڌي) ۾.

(15) ٽرپل انگلش ڊڪشنري اردو، سنڌي، انگريزي (ڇپيل).

مرزا اجمل بيگ عروضي شاعريءَ ڪندو هو. پاڻ هرهڪ صنف تي طبع آزمائي ڪئي اٿس. مثلاً: رباعي، غزل، قصيدو، مثنوي، مخمس، بيت وغيره. موضوع جي لحاظ کان بہ گوناگون موضوعن تي شاعري ڪئي اٿس. يعني اسلامي، اخلاقي، معاشرتي، اصلاحي کان وٺي گل و بلبل، مئي و ساغر وغيره وغيره. هيٺ سندس ڪلام جو نمونو ڏجي ٿو:

**عنوان: بيداري**

(1) پڌي آواز هي بس، تي خطا ويو حوصلو منهنجو،
لڳو مون کي ڪرڻ بيچين هر هر ولولو منهنجو.
(2) چيو تي دل "فاضل" آهي، هي باداش ناداني،
چراڪاري عاقل، ڪه باز آيد پشيماني.
(3) در و ديوار تي چانيل، فقط تقصير منهنجي هئي،
ڦرڻ هر هر لڳو هي بيت جڻ تصوير منهنجي هئي.
(4) اجا جي تون رهين غافل ته توتي ڪو عتاب ايندو،
وڏو ڪو انقلاب ايندو، وڏو ڪو انقلاب ايندو.

**مرزا ادهم بيگ عرف حاجي بابا:**

مرزا اجمل بيگ جي پويان قليچ بيگ کي 21 جولاءِ مطابق 5 ذوالحج سن 1341هه ۾ مرزا آدهم بيگ ڄائو. هي حال حيات آهي. مرزا قليچ بيگ جي پٽن مان بس آخري نشاني آهي. هي نه شاعري آهي نه اديب، بلڪه تمام سادو ۽ درويش انسان آهي..

**مرزا ارشد بيگ عرف جاني بابا:**

مرزا ادهم جي پويان 9 ذوالحج سن 1343هه تي مرزا صاحب کي ارسد بيگ ڄائو. ڇڳو پڙهيولکيو. شاعر يا عالم نه هو پر مشاعرن ۾ ويندو هو. نهايت حسين انسان هو. هي ڀڻ ڀري جواني ۾ 5 ٻار ۽ هڪ بيوه ڇڏي دارالبقا ڏانهن راهي ٿيو.

**اصغر بيگ عرف علي بابا:**

جاني بابا جي پيدائش کان پوءِ مرزا صاحب کي 16 جولاءِ 16 محرم سن 1345هه ۾ اصغر بيگ پيدا ٿيو. هو 14 ورهين جي ڄمار ۾ گذاري ويو.

**مرزا اطهر بيگ عرف طاهر بابا:**

10 جون، محرم سن 1348هه ۾ مرزا صاحب کي آخري فرزند مرزا اطهر بيگ پيدا ٿيو. هي به شاعر يا اديب نه هو. پر علم و ادب سان چاهه

هئس. ادبي محفلن ۾ شرڪت ڪندو هو. راڄ جا فيصلا ڪندو هو. ڪجھ سال اڳ هن دنيا مان ڪوچ ڪري ويو.

مرزا قليچ بيگ ڏهين جون 1929ع 1348هه ۾ گذاري ويو. مٿين تاريخ مان ظاهر ٿئي ٿو تہ مرزا صاحب کي آخري فرزند سندس حياتي جي آخري سال ۾ ڄائو هو.

شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ جي ٽين گهرواري مان ڪيس 10 ٻار ٿيا. سيئي ٻار سندس حياتيءَ ۾ ننڍڙا هئا.

## حوالا

1- مرزا قليچ بيگ: سائو پن يا ڪارو پنو، سنڌي ادبي بورڊ 1988ع ص - 52.
2- مرزا قليچ بيگ: سائو پن يا ڪارو پنو. ص - 61.
3- مرزا قليچ بيگ: سائو پن يا ڪارو پنو. ص - 64.
4- مرزا قليچ بيگ: سائو پن يا ڪارو پنو. ص - 62.
5- مرزا همايون بيگ: ڪليات همايون. قلمي مسودو.
6- مرزا همايون بيگ: ڪليات همايون- قلمي مسودو.
7- مرزا قليچ بيگ: سائو پن يا ڪارو پنو. ص - 62.
8- روايت نذير حسين مرزا، ساڪن ٽنڊو ٺوڙهو.

ڊاڪٽر تهمينه مفتي

# مرزا قليچ بيگ بحيثيت آکاڻي نويس

قصن ۽ آکاڻين جو رواج اوڀر ۽ اولهه ۾ يڪسان نظر اچي ٿو. هن صنف قديمدور کان وٺي ويندي موجوده دور تائين انساني ذهن کي پاڻ ڏانهن متوجهه رکيو آهي، توڙي کڻي اها قصي، لوڪ ڪهاڻي يا جديد ڪهاڻي جي روپ ۾ ڇو نه هجي. انساني ذهن ان مان هميشه فيض حاصل ڪيو آهي. آکاڻي قديم ۽ جديد سماجن ۾ ارتقا (Evolution) جو آئينو آهي. ان ۾ ٿيندڙ سماجي تبديلين کي پرکي سگهجي ٿو. قدرن ۽ روايتن جي پائمالي ۽ ان جي مضبوطي ۽ انسان جي نفسياتي لاڙن کي جانچي سگهجي ٿو. سنڌي ڪهاڻي پڻ ان لحاظ کان اهم آهي، جو اها انساني جذبات ۽ احساس جي نمائندگي ڪري ٿي. مرزا قليچ بيگ (1855-1929) سنڌي ادب جي اهم شخصيت آهي. انگريزن جي قبضي کان پوءِ سنڌي ادب ۾ واڌارو ٿيو ۽ انگريزيءَ جو اثر پڻ ٿيو. ان جي نتيجي ۾ ادب جون جديد صنفون رائج ٿيون ۽ ترجمان ٿيا. افسانو يا ڪهاڻيءَ سنڌي ادب ۾ گهڻي مقبوليت حاصل ڪئي. ابتدائي ڪهاڻيون هندي، اردو، بنگالي ۽ فارسيءَ تان ترجمو ڪيون ويون. سڀ کان پهرئين نثر ۾ ڇپيل سنڌي ڪهاڻيون ديوناگري ۾ لکيل آهن. جن کي ڪيپٽن جارج اسٽئڪ پنهنجي سنڌي گرامر (1849ع) ۾ درج ڪيو آهي.[1] جن کي ظاهر ڪرڻ وارو ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي آهي.

هونئن ته جديد ڪهاڻي ٻن مهاڀاري جنگين جي وچ واري دور ۾ زور ورتو. جنهن ۾ سماجي شعورجي سجاڳي جو اظهار ملي ٿو. چمڙا پوش جون ڪهاڻيون (1923ع ڄيٺمل پرسرام) ان جو مثال آهن. سنڌي ڪهاڻي تي

ڪيترن ئي طبع آزمائي ڪئي جن مان هڪ مرزا صاحب آهي. پاڻ سرڪاري عهدي تي رهيو. سندس زندگي مسلسل عمل هئي. سنڌي نثر جي حوالي سندس گهڻيون ئي ڪاوشون آهن. جن کي وساري نٿو سگهجي. بحيثيت ابتدائي ڪهاڻيڪار ترجمه نويس ناول نويس ۽ ڊراما نويس جي ادب ۾ سندس حيثيت اهم آهي.

ادب جا محقق شريف بيگم کي پهريون جديد افسانو تسليم ڪن ٿا. هن ڪهاڻي جو ذڪر پراڻين مستند ادبي تاريخن ۾ نظر نٿو اچي. هن ڪهاڻي جو حوالو رڳو رانجهن خان جي ڪتاب "سنڌي افسانو" ۾ ملي ٿو، هن ڪهاڻي جي حوالي سان چئي سگهجي ٿو ته هن ڪهاڻي جو ڪوبه تفصيلي حوالو ڪونهي. ڪهڙي اخبار يا رسالي ۾ ڇپي؟ رڳو سال (1914ع) ڏنل آهي، رانجهن خان جي ڪتاب ۾ ڪنهن به حوالي جي فهرست ڪانه ڏني ويئي آهي، جنهن مان خبر پوي ته رانجهن خان ڪٿان مدد حاصل ڪئي؟ ڪهاڻي جي هڪ ڪردار "اسين" جي باري ۾ لکيو اٿس ته هو هڪ اخبار نويس آهي، جيڪو پنهنجي محنت سان سماج ۾ اهم رتبو حاصل ڪري ٿو.[2] بهرحال هن ڪهاڻي بابت وڌيڪ کوجنا جي ضرورت آهي.

بحيثيت ترجمه نويس جي به مرزا قليچ بيگ جي اهميت ان ڪري آهي جو هن ڪيترائي ڪتاب انگريزيءَ مان سنڌي ۾ ترجمو ڪيا، جنهن جي وسيلي سنڌي ادب ۾ نوان رجحان ۽ تحريڪ جو اثر واضح نظر اچي ٿو. مرزا صاحب جي Lambs Tales from Shakspear جو ترجمو "دلپسند قصا" جي نالي سان ٻن ڀاڱن ۾ ڪيو ڪادمبري (1916ع) ۾ "دل جو آرام" ۽ "عجيب دوا" انگريزي تان (1916ع) دل وندرائيندڙ ڳالهيون (1918ع) ۾ هندستان جون ديسي آکاڻيون (1919ع) گلابي جوڙو حسينا ۽ ساوتري (1926ع) ڪريس يوناني تاريخ ڳالهه (1923ع) ۾ شهزادي محبوب جي آکاڻي (شيخ چلي) تان انگريزي ۾ سنڌي ۾ ترجمو ۽ هڪڙي سگهڙ زال جيڪا

ڪيو پر تنهن هوندي بہ عشقيہ موضوع هڪ عام موضوع آهي، جنهن ۾ پڙهندڙن جي دلچسپي هميشہ رهي آهي. اهو موضوع ڪجهہ سنڌ ڌرتي جي حوالي سان آيو. جيڪو رومانوي فضا ۽ ماحول لوڪ ڪهاڻين ۾ نشانبر آهي.

عشقيہ موضوع ابتدائي صورت ۾ عام محبت ۾ فراق جو بنياد بنيا ۽ پوءِ (Romance) کي وسيع مفهوم ۾ ورتو ويو. جنهن ۾ انسان جي مجموعي حيثيت ۽ ان جي وقار ۽ سورهيائي کي پڻ پيش ڪيو ويو ۽ اها ادب ۾ هڪ تحريڪ جي صورت ۾ نمودار ٿي. سنڌي ادب ۾ مرزا قليچ بيگ جو نالو هن ضمن ۾ نهايت ئي اهميت سان اچي ٿو. سندس ڪهاڻيون تصوراتي آهن جن جو سرو قديم داستانن ۾ ملي ٿو. ڪهاڻين ۾ انساني عمل جي ڪشمڪش جي اپٽار ٿيل آهي. اهي رجحان رومانوي تحريڪ جي ابتدائي اثرات کي ظاهر ڪن ٿا. سندس ڪهاڻين جو مواد اڻ ڏٺل دنيا مان آهي. ڪي ڪهاڻيون انگريزيءَ تان بہ ورتل اٿس. جيئن ناول ۽ ڊراما ترجمو ڪيائين، اها ڳالهہ ڪهاڻين سان بہ لاڳو آهي.

مرزا صاحب جون ڪهاڻيون رومانوي فضا ۽ ماحول تي ٻڌل آهن، جنهن ۾ خاص طور تي ان وقت جي سماج جي صورت بلڪل چٽي ڏسي سگهجي ٿي. پراڻن قدرن ۽ سماجي زندگي جو اندازو ڪري سگهجي ٿو. سندس ذهني وابستگي جو لاڙو جاگيرداري نظام سان بہ اڪثر هم آهنگ آهي. سندس لکيل ڪهاڻين "شهزادي قدمبرگ ۽ عجيب آڪاٽيون"، "وامق ۽ عذرا" عشقيہ موضوع تي آهن. مٿي ڏنل پهرئين ڪهاڻي مان چند سٽون هي آهن:

"جڏهن شهزادي سنيري سهي پنهنجي تنبوءَ کان ٻاهر نڪتي، تڏهن سندس هٿ ۾ هڪڙو گلاب جو گل هو. هن جوان شهزاديءَ ڏي نهاري نهاري، گل ڪٽي پنهنجن ڏندن ۾ جهليو پوءِ ڪٽي پنهنجي ڪن جي پٺيان

هنيائين، پوءِ وري اهو پنهنجي پيرن تي ڪٽي رکيائين. اهو سڀ جوان شهزادي پنهنجي تنبوءَ مان جتائي ويٺي ڏٺو. پوءِ هوءَ پنهنجي پالڪي ۾ چڙهي ويٺي ۽ نوڪر پالڪي کڻي اتي هليا. شهزادو ڏاڍو غمگين ٿيو. شهزاديءَ جو حسن ۽ جمال دل تان لٿس نٿي."(6)

هن ڪهاڻي جي ستن ۾ سموري ڪهاڻيءَ ۾ تجسس ۽ رومانوي ڪيفيت جو اظهار تمام دلچسپ ۽ سهڻي نموني ۾ ڪيل آهي. "لبا خان درزي ۽ خليفو ڪهنگ" ٻه ڊگهيرو قصو آهي جنهن کي بابن ۾ تقسيم ڪيو ويو آهي. لبا خان درزي آهي جيڪو پاڻ کي شهزادو سمجهي ٿو. ڪهاڻيءَ کي دلچسپ واقعن سان سينگاريو ويو آهي "عجيب طلسم"، "ٻه جاڙا پاڻر" جستجو ۽ تجسس وارو ماحول رکن ٿيون ڪهاڻي "نيلو پکي" انگريزيءَ تان ورتل آهي. مرزا صاحب انگريزي ادب کان گهڻو متاثر لڳي ٿو. ڪهاڻين ۾ جن، جنڙين، جادو ۽ طلسم ديو ۽ پرين بابت ۽ انهن جي انسانن سان تعلق جي باري ۾ ذڪر ٿيل آهي. اهي ڪردار صدين کان آڳاٽي سماج ۽ انساني وهمن ۽ وسوسن جا نمائندا آهن.(7) سندس ڪهاڻين ۾ سنڌي ماحول ۽ سماج جو ذڪر نٿو ملي. تقريباً سمورين ڪهاڻين ۾ اهو رويو نظر اچي ٿو. مرزا صاحب ڪهاڻين ۾ بادشاهي نظام ۽ جاگيرداري نظام هيٺ هلندڙ سماج جو گهڻو ذڪر ڪيو آهي، جنهن ۾نوابن ۽ نواب زادن جو گهڻو ذڪر ملي ٿو. سندس ذهني لاڙو مغل، ايراني ۽ ترڪي تهذيبن ڏانهن آهي، جنهن مان اسان کي ٻين سماجن جي اٿي ويهڻي جي ڄاڻ پوي ٿي.

"شيطان جي ناني" عورتن جي قديم تصور کي اجاگر ڪري ٿي، جنهن ۾ عورت کي ٺڳي ۽ فريب جي علامت طور ڏٺو ويندو آهي. ستن شهزادن جي آکاڻي ۽ ٻيون ڪهاڻيون فرار جي ڪيفيت بيان ڪن ٿيون. مرزا صاحب ڪهاڻين ۾ رومانوي ڪيفيت کي فوقيت ڏني آهي. هنن ڪهاڻين جي علمي ۽ ادبي حيثيت ايڏي اهميت واري نه آهي. جهڙي حقيقت نگاري تي مشتمل ادب جي آهي، پر تنهن هوندي به انساني ڪوشش، عقل ذهانت ۽

عشقيه واردات جو اهڙو سلسلونظر اچي ٿو. جيڪو اهڙين ڪهاڻين ۽ قصن کي حقيقت نگاري کان جدا ڪري بيهاري ٿو ۽ تصوراتي ادب جي هڪ تصور ۽ خيال ابري ٿو.

مرزا قليچ بيگ جي ڪهاڻين ۾ ڪا به نئين هيئت يا فن نظر نٿو اچي. ڪهاڻين جو انداز بيانيه آهي ۽ ڪٿي ڪٿي مرزا صاحب سڌو سنئون پڙهندڙن کي مخاطب ڪري ٿو. سندس ڪهاڻين جي ٻولي سهڻي ۽ دلچسپ آهي. داستان جهڙو رنگين رنگ رکندڙ هي ڪهاڻيون سنسني خيز واقعن ۽ عشق جي جذبات سان پُر آهن. قديم سماج جي نمائندگي ڪندڙ هي ڪهاڻيون دلچسپي جو عنصر رکن ٿيون. هنن ڪهاڻين ۾ سنڌي سماج جيڪو ان وقت ٻج ڊاهه واري مرحلي مان گذري رهيو هو ۽ نوان نظريا ۽ نئون فڪر سنڌي علم ۽ ادب تي پنهنجو اثر وجهي رهيا هئا. تن جو چٽو عڪس ڏسي سگهجي ٿو. سنڌي ادب ۾ روايتي ۽ جديد اسلوب جي جهلڪ پڻ نظر اچي ٿي.

هڪ ٻي اهم ڳالهه هي آهي ته سندس لکيل انهن ڪهاڻين کي ادبي بورڊ خاص ٻارن لاءِ سمجهي شايع ڪيو آهي، پر حقيقت ۾ اهي ڪهاڻيون عشقيه موضوع رکن ٿيون جن ۾ شهزادي قدمبرگ، وامق ۽ عذراڪي ٻارن لاءِ ڇاٽايو ويو آهي. ٻارن لاءِ مرزا صاحب پڻ لکيو جن ۾ ٻاراڻا گل ڦل (1981ع) پهريل اکيون ۽ پوريل اکيون. ٻائي راڻي ۽ ٻائي وزير جي عنوان سان لکيل آهن.

ابتدائي نثر نگارن ۾ مرزا صاحب نمايان حيثيت ۽ اهم مقام رکي ٿو. حقيقت اها آهي ته مرزا صاحب سنڌي ادب جي جيڪا خدمت ڪئي سا لکڻ واري نه آهي. بلڪه ادب جي تاريخ ۾ سندس نالو وڏي اهميت وارو آهي. مختلف ادبي صنفن تي طبع آزمائي ڪيائين. مرزا صاحب سنڌي ادب جو هڪ روشن نالو آهي. جنهن جي روشني ۾ ادب جا پانڌيئڙا پنهنجو سفر طئي ڪندا.

## حوالا

1- ڊاڪٽر. مرليڌر. جيتلي "اوائلي شايع ٿيل سنڌي لوڪ ڪهاڻيون "مهاڳ. سنڌ تحقيقي بورڊ حيدرآباد. 1990ع. ص - 7.

2- ميمڻ. رانجهڻ خان "سنڌي افسانو" 1966ع. ص - 14. 15. 16.

3- ملڪاڻي. منگهارام "سنڌي نثر جي تاريخ" زيب ادبي مرڪز حيدرآباد. ص - 7. 8. 38. 46.

4- جوتيجو. عبدالجبار ڊاڪٽر "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" زيب ادبي مرڪز حيدرآباد. ص - 177. 1983ع.

5- ملڪاڻي. منگهارام - سنڌي نثر جي تاريخ- زيب ادبي مرڪز حيدرآباد. ص - 46.

6- مرزا قليچ بيگ "شهزادي قدمبرگ" سنڌي ادبي بورڊ. 1980ع. ص - 4.

7- بلوچ. نبي بخش خان ڊاڪٽر "سنڌي لوڪ ڪهاڻيون" جلد 1. سنڌي ادبي بورڊ . 1960ع. ص - 1.

## مددي ڪتاب


1- مرزا قليچ بيگ. "شهزادي قدمبرگ" سنڌي ادبي بورڊ. 1980ع.

2- مرزا قليچ بيگ. "شهزادي محبوب جو آڪاڻي". بلوتسڪي پريس حيدرآباد.

3- مرزا قليچ بيگ. "هڪڙي سگهڙ زال" سنڌي ساهت سوسائٽي ڪراچي.

4- مرزا قليچ بيگ. رستم. سنڌي ادبي بورڊ.

5- مرزا قليچ بيگ. شيطان جي ناني. سنڌي ادبي بورڊ.

6- مرزا قليچ بيگ. پٽيل اکيون پوريل اکيون. سنڌي ادب بورڊ.

7- مرزا قليچ بيگ. ٻائي وائي ۽ ٻائي وزير. سنڌي ادبي بورڊ.

ڊاڪٽر انور فگار هَڪڙو

# مرزا قليچ بيگ شڪارپور ۾

سنڌ جو مشهور شهر شڪارپور، تاريخ ۾ ڪيترن ئي رخن کان انفرادي حيثيت رکندڙ آهي. هر دور ۾ ان جي خوشحالي ۽ خوبصورتي هنڌين ماڳين واکاڻيل آهي. جاگرافيائي لحاظ کان شڪارپور نهايت ئي اهميت جوڳي جاءِ تي آباد آهي. اهي ئي ڪارڻ هئا، جو انگريزن سنڌ تي قابض ٿيڻ کان پوءِ شڪارپور کي ضلعي هيڊ ڪوارٽر جي حيثيت ڏني. هن شهر ۾ تعليمي، واپاري، ادبي، سياسي ۽ انتظامي لحاظ کان ڪيترائي اڪابر ايندا رهيا. جن شهر جي مان ۽ مرتبي کي گهڻو واکاڻيو. انگريزن پنهنجي رپورٽن، يادگيرين ۽ ٻين ڪيترن ئي ڪتابن ۾ شڪارپور بابت جيڪي رايا ڏنا آهن سي ڪنهن به پڙهندڙ کان ڳجها ڪين آهن. ڪيترن، عالمن، اديبن ۽ شاعرن کي هن شهر ۾ رهڻ جو موقعو مليو ۽ خود انهن جو شڪارپور سان مختلف رخن کان هڪ تعلق رهيو. اسان جي سنڌي ادب جو ابو مرزا قليچ بيگ به سن 1891ع ۾ شڪاربور ۾ ائڪٽنگ ڊيپوٽي ڪليڪٽر ٿي سٽي مئجسٽريٽ جي اعليٰ عهدي تي فائز رهيو. شڪاربور سان سندس جيڪا به وابستگي رهي آهي، ان متعلق جدا جدا عنوانن هيٺ مختصر طرح سان گفتگو ڪجي ٿي.

**مرزا صاحب جي شڪارپور ۾ ملازمت:**

مرزا قليچ بيگ جي سوانح عمري "سائو پن يا ڪارو پنو" جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته پاڻ سن 1891ع ۾ شڪارپور ۾ ائڪٽنگ ڊيپوٽي ڪليڪٽر ٿي سٽي مئجسٽريٽ جي اعليٰ عهدي تي فائز رهيو.[1] مرزا صاحب لکي ٿو ته: اهو سال 1889ع هو انهي سال مون ڊپارٽمينٽل امتحان

هو. ان ڏس ۾ تاريخ سنڌ ڪلهوڙا دور جو مصنف لکي ٿو تہ: "پنوهرن واري شڪارپور دادو ضلعي ۾ آهي، جنهن کي ميان يار محمد حڪومت جو مرڪز بنائي، منس 'خداآباد' نالو رکيو. هي وضاحت انهي ڪري ضروري آهي تہ عام مشهور 'شڪارپور'. جا وڏي مدت تائين ايران، خراسان ۽ ترڪستان سان ۽ پاڪ هنڌ جي تجارت جو مرڪز بڻي رهي".[8] ان جو مطلب تہ موجوده شڪارپور تي نہ ڪڏهن پنوهرن جو راڄ رهيو ۽ نہ منس خداآباد نالو پيو.

**مرزا صاحب جا شڪارپورين سان لاڳاپا:**

**خانبهادر قادرداد خان:**

خان بهادر قادرداد خان پٺاڻ جو تعلق شڪارپور جي ڪاڪڙ خاندان سان هو. سندس وڏا سوداگريء سانگي قنڌار مان لڏي شڪارپور آيا. قادرداد خان جو والد واپار سانگي دهلي ويجي رهيو هو تہ واٽ تي چورن کيس شهيد ڪري ڇڏيو. اهڙي طرح قادرداد خان ننڍپڻ ۾ ئي يتيم ٿي پيو. کيس والده ۽ مامي پالي نپائي وڏو ڪيو. فارسي جي تعليم حاصل ڪري ملازمت ڪيائين. پنهنجي محنت سان مختيارڪار جي عهدي تي پهتو ۽ پوء ڊپٽي ڪليڪٽر ٿيو. کيس انگريز سرڪار پاران اول 'خان بهادر' جو خطاب عطا ٿيو ۽ پوء 1894ع ۾ سي آئي اي جي اعزاز سان نوازيو ويو. 1894ع ۾ جڏهن نوشهري فيروز ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر هو، تڏهن سرڪار کيس رياست خيرپور ۾ وزيراعظم جي عهدي تي مقرر ڪيو. ان وقت نوشهري فيروز مان سندس عهدي جي چارج مرزا صاحب ورتي هئي. مرزا صاحب پنهنجي ڪتاب "رياست خيرپور" ۾ لکي ٿو تہ: "مرحوم قادرداد خان سان منهنجي گهڻي قدر واقفيت هئي، جو هو گهڻا ڏينهن منهنجي مامي مرزا علي محمد بيگ ڊپٽي ڪليڪٽر جي هٿ هيٺ مختيارڪار ٿي رهيو هو. جڏهن قادرداد خان نوشهري ڊويزن مان وزير مقرر ٿي ويو، تڏهن آءٌ سندس جاء تي نوشهري ۾ مقرر ٿيس. اگرچہ سندس هوندي منهنجو خيرپور وڃڻ نہ ٿيو، تڏهن بہ پين

گهڻن هنڌن تي گڏ هئاسين ۽ هڪ ٻئي سان سرڪاري ڪمن ۾ صلاح مصلحت ونندا هئاسين. اسان جو پاڻ ۾ دوستيءَ جو اهڙو رشتو هو، جو مير فيض محمد خان جي سائس ناسازي ٿين تي جڏهن مير صاحب مون کي وزير ٿيڻ لاءِ چيو تڏهن منهنجي ناڪار ڪرڻ جو هڪڙو سبب اهو به هو". (8الف)

قادرداد خان وڏي مان ۽ مرتبي وارو ماڻهو هو. انگريز سرڪار ۾ به سندس وقار ايترو قدر بلند هو، جو هڪ دفعي جڏهن بمبئي جو گورنر خيرپور ۾ آيو، تڏهن خان بهادر قادرداد خان بيمار هو. گورنر صاحب سنڌ جي ڪمشنر مسٽر جيمس کي پنهنجي پاران سندس طبع پرسيءَ لاءِ موڪليو هو.

جنوري 1903ع ۾ جڏهن دهلي دربار منعقد ٿي، تڏهن قادرداد خان مير فيض محمد خان سان گڏجي دهلي ويو ۽ اتي ئي 31 جنوري 1903ع تي وفات ڪري ويو.(9)

قادرداد خان جا مرزا صاحب سان دوستي جا ناتا هئا. مرزا صاحب پنهنجي سوانح عمريءَ ۾ ڪتي ڪتي سندس ذڪر ڪيو آهي.

**شيخ صادق علي انصاري:**

شيخ صادق علي ولد شيخ شير علي انصاري جا وڏا سهارنپور مان لڏي سنڌ ۾ آيا ۽ شڪارپور ۾ اچي آباد ٿيا. شيخ صادق علي مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪري، 17- آڪٽوبر 1873ع کان ملازمت ڪئي. پهريائين منشي مقرر ٿيو ۽ پوءِ 7- ڊسمبر 1881ع ۾ مختيارڪار مقرر ٿيو. 12- مئي 1888ع ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر ٿيو. 11- مئي 1907ع تي خيرپور رياست جو وزير مقرر ٿيو. سن 1911ع ۾ 'خان بهادر' جو خطاب مليس. شيخ صاحب خيرپور رياست ۾ فيض لئبرري، پريس ۽ جيم خاني جو بنياد وڌو. ڪوٽ ڏجي ۾ والي رياست جي رهڻ لاءِ خاص محل جوڙايائين. ڪراچي ۾ به هڪ پلاٽ خريد ڪري رياست لاءِ بنگلو اڏايائين. هو نهايت نيڪ دل ۽ ديندار انسان

هوءِ دارالعلوم ديوبند کي بہ هر سال ڪجهہ نہ ڪجهہ امداد موڪليندو هو، عمر جي آخري ايام ۾ بيمار رهڻ لڳو ۽ علاج لاءِ لاهور روانو ٿيو. جتي 19- اپريل 1912ع تي وفات ڪيائين. سندس لاش شڪارپور آندو ويو ۽ علوين جي قبرستان ۾ دفنايو ويو.[10]

شمس الدين بلبل ڪيس 'فخر قوم' سڏيندي، سندس وفات تي هينيون قطعو لکيو. جنهن مان سال وفات معلوم ٿئي ٿو.

واجب آيد تاکہ گريد خون زمين و آسمان،
بر وفاتِ شيخ ابن شيخ فياض زمان،
نام، اول صادق علي، صادق بہ قول و فعل بود،
صاف نيت صاف دل صافي نهان صافي عيان،
سال غوتش جست 'بلبل' هاتفم ازغيب گفت،
"رفت هاي هم حليو انسان و حاکم مهربان".

1330هہ

گفت سال وصال اوهاتف کہ بہ سروپا گذاشت،
"علم و عمل و هنر و عقل و بخت واثر و لطف شان"
ل م ن خ خ ث

1330

باز سالِ فوت او، پر سيدم از روح القدس،
زود گفتا: روح پاک شيخ راجنت مکان.

1912ع

يا رب از من اين دعا در دوستان آمين باد،
قصر عالي جائگاهش باد درباغ جنان،
واي برجائي قصائد و مدح گفتم مرثيہ،
باز ازل بلبل، ڪہ شنود کس نوائي داستان.[11]

مرزا صاحب جا شيخ صادق علي انصاري سان دوستي جا ناتا ملازمت جي حوالي سان هئا. مرزا صاحب جي ڪتاب "سائو پن يا ڪارو پنو" ۾ سندس ذڪر ملي ٿو.

**پير رفيع سرهندي:**

پير رفيع سرهندي خواجہ نظام الدين سرهنديءَ جو فرزند هو. فارسي جو ماهر ۽ ديني علوم جو وڏو ماهر هو. شڪارپور ميونسپل ڪميٽي جو ڪائونسلر بہ ٿي رهيو. فارسي شاعري جي حوالي سان گهڻو مشهور هو. خداداد خان جي فارسي تاريخ 'لب تاريخ سنڌ' تي قطعہ تاريخ لکيائين.

از عنايات خداي بحر و بر،
هم ز افضال رسول راهبر،
نسخه تاريخ لب گشته تمام،
از توجه خان بهادر نامور،
گشت ظاهر با هزاران رمزها،
هر طرف شد تهنيت ازاين خبر،
كرد دريا را درون كوزه اي،
آفرين بردانش والا گوهر،
چون خداداده مَت او را بخت و عام،
هر كجا آواز جا هش بيشتر،
كلك مرغوب آمده تاريخ لب.
1318هہ
هم "مخازن بخشش" آمد در نظر،
1900ع
"ازغواني مي" بخوان تاريخ لب،
1318هہ
اي رفيع الحق كه آمد مفتخر.[12]

**آخوند عبدالقادر "بيدل" پٺو:**

آخوند عبدالقادر 'بيدل' (1838ع - 1932ع) ولد محمد پناهہ پٺو. شڪارپور شهر جو مشهور شاعر ٿي گذريو آهي. وقت جي وڏن شاعرن سان سندس تعلقات گهرا رهيا. مير علي نواز علوي سان سندس دوستي گهاٽي گهري هئي. لاڙڪاڻي جي پهرين ادبي ڪانفرنس ۾ بہ شريڪ ٿيو هو. جنهن جي صدارت شمس العلماء مرزا قليچ بيگ ڪئي هئي.

آخوند عبدالقادر 'بيدل' جو فارسي ڪلام "مفروح القلوب" نالي فارسي اخبار ۾ شايع ٿيندو هو. جا انگريزن جي شروعاتي دور ۾ شمس العلماء مرزا مخلص علي علوي جي ادارت ۾ ڪراچي مان شايع ٿيندي هئي. سندس سنڌي غزل "سنڌ سڌار" اخبار ۾ شايع ٿيل آهي: مرزا صاحب سان سندس دوستي جا تعلقات هئا.

ستارو منهنجي قسمت جو اوهان جي مهرباني آ،
ٿو چمڪي چنڊ چوڏس جو. ان جي ڪامل ڪامراني آ.
سنڌ ۾ مٺ سونهن ۾ ساجن جڙيل ناهين جهانن ۾،
اوهين اول آهيو يوسف سنڌ ۾ هرگز نہ ثاني آ.
ڪيو 'بيدل' کي خوشدل دلاسي سان دليون دلبر،
درخشان ماه جان منهنجو ستارو آسماني آ.

**عبدالخالق وڪيل:**

ميان عبدالخالق وڪيل جو تعلق شڪارپور جي اعوان خاندان سان هو. مشهور فارسي گو شاعر محمد عارف 'صنعت' جو پٽ هو. 'صنعت' جو فارسي کان علاوه سنڌيءَ ۾ بہ گهڻو ڪلام هو. جو بي توجهي سبب محفوظ رهہ نہ سگهيو. ميان عبدالخالق صاحب ان جو باقي رهيل فارسي ڪلام سنواري ترتيب ڏيئي، "ديوان صنعت" جي نالي سان پڌرو ڪيو. انهيءَ ديوان جو پهريون ڇاپو سن 1895ع ۾ پوڪرداس تاجر ڪتب شڪارپور

باران اسلاميہ پريس لاهور مان ڇپائي منظر عام تي آندو ويو. 147 صفحن جو اهو ڪتاب اڄ بہ ڪن قديم لئبررين ۾ ڏسجي پيو. ساڳئي ديوان کي بعد ۾ مرحوم لطف الله بدوي نئين ترتيب سان "سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد" پاران ڇاپيو.

مرزا صاحب جا عبدالخالق اعوان سان دوستيءَ جا ناتا هئا. جنهن ڪري مرزا صاحب ڪيس پنهنجي سوانح عمري ۾ بہ ياد ڪيو آهي. (سائو پن يا ڪارو پنو، ص 75) ميان عبدالخالق ۽ مرزا صاحب وچ ۾ گهڻي خط و ڪتابت بہ هلندڙ هئي. ميان عبدالخالق جي هڪ خط جو مرزا صاحب فارسي ۾ منظم جواب ڏنو هو، جنهن مان سندن تعلقات جي پروڙ پوي ٿي.

مخلصا لطيف تو غايت ميکند،
زان دلم دايم دعايت ميکند.
نامئہ منظور تومارا رسيد،
حرف حرفش صد عنايت ميکند.
گر نہ يا ور آرد کس مارا چہ غم،
بهر مايادت کفايت ميکند.
دان يقين تا جا تمن اندر اين است،
شکر اين احسا نهايت ميکند.
ميد هد شعرِ تو سوز منوي،
کز جدائيهتا شکايت ميکند.
قسمت هرکس بدستِ قادر است،
هرکجا افت نهايت ميکند.
گرز تهر ڙي تابجو هي آمدم،
هر همان حامي حمايت ميکند.
ماغريبان را بود خانہ بدوش،
بحر و براز ماحکايت ميکند.

وقت خـوش مي بگذرد شکر خـداست،
گـردش گـردون رعـايت مـيکند.
صـحبتِ ياران عـجب نعـمت بدلے،
حـاليـا در دل سـرايت مـيکند.
وه زمن صـدبار اسکم را سـلام،
گـو دلم خـواهش برايت مـيکند.
هم دعـائي خـير اکـبر شـاه راه،
گـو دلم شـوق لقـايت مـيکند.
کن قـبـول اين چند مـصـرع از 'قليچ'
کـر عنـاياتت روايـت مـيکند.[13]

**مير علي نواز علوي:**

شڪارپور جي علوي سادات خاندان جو مشهور شاعري مير علي نواز (جنم 1851ع - وفات 2- فيبروري 1920ع) ولد مير فخرالدين علوي جو شمار سنڌ جي قابل طبيبن ۾ ٿئي ٿو. مير صاحب پنهنجي زماني جو وڏو عارف ۽ عالم هو. ڪيترا ڪتاب لکيائين. سندس ڪلام " ڪليات علوي" جي نالي سان پڌرو ٿي چڪو آهي. ان جو پهريون ڇاپو سندس حياتي ۾ ڇپيو. بعد ۾ ان کي محترم ڊاڪٽر نواز علي شوق صاحب ترتيب ڏيئي سن 1982ع ۾ " ڪافي پبليڪيشن ڪراچي" پاران ڇپايو. سن 1993ع ۾ ڊاڪٽر عبدالخالق راز سومري صاحب جي ترتيب سان "سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو" پاران ڇپايو ويو آهي.

مير علي نواز علوي ۽ مرزا صاحب جن جا پاڻ ۾ دوستيءَ جا گهرا ناتا هئا. مير صاحب جي هيٺين نعتيہ غزل جو جڏهن مرزا صاحب تتبع ڪيو، تڏهن ان جي مقطع ۾ کيس خراج پيش ڪيو. ملاحظہ ڪريو:

حسن تنهنجي جي ڪريان ڪهڙي ڪهاني جاني،
ڪونهي ڪونين ۾ تنهنجو پيو ثاني جاني،

اصل کان علوي آهي، خاص تنهنجي در جو غلام،
تنهنجي ٻانهپ جي منهنجي ڳل آهي ڳاني جاني.

(مير علي نواز علوي)

مٽ نہ مفتون ۽ علوي جي ٿيندين تون 'قليچ'
ڪانهي حاصل سا توکي طبع رواني جاني.

(مرزا قليچ بيگ)

**محمد شعبان:**

ميان محمد شعبان شڪارپور جي ميراڻي خاندان جو فرد هو. پنهنجي وقت ۾ وڏو ناماچار حاصل ڪيائين. هو خوشحال ۽ وڏي ملڪيت وارو هو. سندس زمينداري بہ تر ۾ مشهور هئي. انگريزن جي دور ۾ ايتري تعليم حاصل ڪيائين، جو وڪالت جهڙو پيشو اختيار ڪيائين. هن جو لائق فرزند ميان غلام قادر شعبان بہ پنهنجي اخلاق ۽ سهڻي سڀاءَ ڪري گهڻو مشهور هو. موسيقيءَ سان بہ گهرو لڳاءُ هوس. اڪثر شام جو استاد سينڌي کان ستار ٻڌندو هو.

ميان محمد شعبان جا مرزا صاحب سان دوستيءَ جا ناتا هئا. مرزا صاحب ڪيس پنهنجي تحرير ۾ ياد ڪيو آهي. (سائو پن يا ڪارو پنو. ص - 75)

**محمد حسين:**

محمد حسين صاحب شڪارپور شهر جي مغل خاندان جو فرد هو. پاڻ اعليٰ تعليم يافتہ هو. ميان محمد حسين جي خاندان جو تعلق حيدرآباد دکن جي مشهور آصف جاه گهراڻي سان هيو. پاڻ علمي لحاظ کان بہ مشهور هو ۽ وڪالت جي پيشي سان وابستہ هو. سندس فرزند آنريبل علي بخش بہ پنهنجي دور جو وڏو مشهور ماڻهو هو.

مرزا صاحب جا ساڻن سٺا تعلقات هئا. مرزا صاحب جڏهن بہ شڪارپور ايندو هو، تڏهن ميان محمد حسين سان ضرور ملاقي ٿيندو هو.

**پوڪرداس تاجر ڪتب شڪارپور پاران مرزا صاحب جي ڪتابن جي اشاعت**

پوڪرداس ٿانور داس ڪالرو سن 1868ع ۾ شڪارپور ۾ ڄائو هو. اوجهن ۽ اسڪولن مان ودیا ورتي. تعليم ڪاتي ۾ منشي مقرر ٿيو. سوڪي پوڪي ٻڳهار تي هٽ سيکي نہ سگهيو تہ ترت ئي ڪتب فروشي جو ڌنڌو اختيار ڪيائين. هن سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ جو سرچشمو "منشي پوڪرداس ٿانور داس تاجر ڪتب شڪارپور" جي نالي سان پهرين جنوري 1886ع تي جمعي جي ڏينهن "سٽي بازار" ۾ شروع ڪيو. ڪجهہ عرصي کان پوءِ هن سٽي بازار مان دڪان ڇڏي، اچي ڏڪ بازار ۾ للا گهنشي جي سامهون ڪاڀي پاسي ڪان (چوڙيگر بازار جي منهن ۾) وڏو دڪان ورتي، اچي واپار هلايو.

پير علي محمد راشدي صاحب لکي ٿو تہ: "جيڪڏهن سنڌي زبان اڄ تائين حيات آهي، تہ ان جو هڪ سبب پوڪرداس جو ڇاپخانو بہ آهي. ان ڇاپخاني جي وسيلي اڄ صديءَ تائين سنڌي ڪتاب ڇپبا رهيا. پوڪرداس جي حيثيت، سنڌي زبان جي تاريخ ۾ اهائي آهي، جا اردو زبان جي حالت ۾ لکنو واري منشي نولڪشور کي حاصل ٿي. سرڳواسيءَ سوين ڪتاب لکرايا ۽ هزارين جلد ڇپائي پڌرا ڪيا. سندس مقابلي ۾ سکر جي ماستر هريسنگهہ پوءِ ساڳيو ڪاروبار شروع ڪيو ۽ زبان جي وڏي خدمت ڪئي، پر پوڪرداس جو ڪاروبار وڌيڪ وسيع هو. سنڌي زبان جي ڪا بہ تاريخ اوستائين مڪمل ٿي ڪانہ سگهندي، جيستائين ان ۾ سنڌ جي انهن ٻن محسنن، يعني پوڪرداس ۽ هريسنگهہ جو ذڪر نہ هوندو."[14]

پوڪرداس سنڌي ٻولي ڪان علاوه فارسي، گرمکي، ديوناگري، سنسڪرت، ڪاٺياواڙي، عربي ۽ انگريزي ٻولين ۾ بہ ڪتاب ڇپايا. سن 1898ع ۾ پنهنجي ٻاڙي نوشهرو در شڪارپور ۾ "پوڪر پريس" قائم ڪيائين، جا ليٿو پريس هئي. بعد ۾ جڏهن هن ليٿو پريس ختم ڪري جديد پرنٽنگ پريس قائم ڪئي، تڏهن ان جو نالو "پوڪر پريس" مان بدلائي،

"سنڌ پرنٽنگ پريس نوشهرو در شڪاربور" رکيائين. شروعات ۾ پوڪرداس جا ڪتاب ليٿو گرافي ۾ ڇپيا هئا ۽ پوءِ جديد ٽائيپ ۾ پرنٽنگ پريسن مان ڇپبا رهيا. سندس ڪتاب جن پريسن مان ڇپيا، تن جا نالا هي آهن: "شڪارپور پريس"، "البرٽ پريس سکر"، "اريڊ اسٽيم پريس لاهور"، "اريه اسٽيم پريس لاهور"، "مفيد عام پريس لاهور"، "خادم التعليم اسٽيم پريس لاهور"، "هندستان پريس لاهور"، "نولڪشور پريس لاهور"، "رفاه عام اسٽيم پريس لاهور"، "اسلاميه پريس لاهور" ۽ "ڪاشي رام پريس لاهور".

پوڪرداس نهايت ئي خوش اخلاق ۽ ملنسار طبيعت جو مالڪ هو. هن جا شڪارپور کان علاوه پوري سنڌ ۽ هند ۾ جي اديبن، شاعرن، دانشورن، صحافين ۽ آفيسرن سان گهرا تعلقات هوندا هئا. هو پنهنجي تعلقات ۾ ڪڏهن به ڪمي آڻڻ نه گهرندو هو. سندس دڪان تي اديبن، شاعرن، صحافين، حڪيمن، عالمن ۽ آفيسرن جي اچ وڃ لڳي پيئي هوندي هئي. هو هر هڪ مصنف کي تصنيف جو معاوضو ادا ڪندو هو ۽ ڇپيل ڪتاب جون ڪجهه ڪاپيون به ڏيندو هو.

پوڪرداس جا سنڌ جي ناميارا اديب ۽ دانشور مرزا قليچ بيگ سان به گهرا لاڳاپا هئا. مرزا صاحب جڏهن به شڪارپور ايندو هو، تڏهن پوڪرداس سان سندس ملاقات ضرور ٿيندي هئي. پوڪرداس به گهڻو ڪري مرزا صاحب جي استقبال لاءِ "شڪارپور اسٽيشن" تي ويندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ته هو "شڪارپور اسٽيشن" بجاءِ "رڪ اسٽيشن" تي وڃي مرزا صاحب جو استقبال ڪندو هو ۽ اتان ساڻس گڏ شڪاربور ايندو هو.

پوڪرداس مرزا صاحب جا ڪيترائي ڪتاب ڇپايا. هن هيٺ هت آيل ڪتابن جو ذڪر ڪجي ٿو.

**احوال شاه عبداللطيف ڀٽائي:**

شمس اعلماءِ مرزا قليچ بيگ جي ڪتاب "احوال شاه عبداللطيف ڀٽائي" جو ٽئون ڇاپو، جيڪو مارچ 1972ع ۾ "ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز

حيدراباد" پاران ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. سو محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جن جو سنواريل آهي. نئين ڇاپي جي مهاڳ ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب ڪتاب بابت لکي ٿو ته: هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو غالباً "پوڪرداس تاجر ڪتب شڪارپور" (جنهن جو ديپاچي جي هيٺان نالو ڏنل آهي) 15- نومبر کان پوء سن 1897ع ۾ شايع ڪيو. ان بعد ٻيو ڇاپو 1905ع ۾ ۽ ٽيون ڇاپو 1910ع ۾ شايع ٿيو.[15] ڪتاب جي نئين ڇاپي ۾، ٻئي ۽ ٽئين ڇاپي جي سرورقن جا عڪس ڏنل آهن. جن مان خبر پوي ٿي ته ڪتاب جو ٻيو ڇاپولاهور جي "اسلاميه پريس" ۾ ڇپيو ۽ ٽيون ڇاپو وڪٽوريه پريس سکر ۾ ڇپيو.

**حشراة الارض:**

مرزا صاحب جو هي ڪتاب "پوڪرداس ٿانورداس تاجر ڪتب شڪارپور" پاران لاهور جي 'اسلاميه پريس' مان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو.

**پارسي زبان ۽ شعر جي تاريخ:**

مرزا صاحب جو هي ڪتاب سن 1900ع ۾ "پوڪزداس تاجر ڪتب شڪاربور" پارا لاهور جي "اسلاميه پريس" مان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو هو.

**ڏاڙهيارپي جبل جو سير:**

مرزا صاحب جو هي ڪتاب پڻ سن 1900ع ۾ "پوڪرداس تاجر ڪتب شڪارپور" پاران "مفيد عام پريس لاهور" مان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو هو.

**خام سوداني:**

هن ڪتاب ۾ مرزا صاحب جو فارسي، اردو ۽ سنڌي ڪلام آيل آهي، جو پاڻ وقت بوقت قلمبند ڪيو هئائين. ڪجهه ڪلام اهڙو به آهي، جو پاڻ پنهنجي ناٽڪن مان چونڊي به شامل ڪيو اٿس. ڪتاب جو پهريون ڇاپو ڪرائون سائيز ۾ 102 صفحن تي مشتمل آهي. اهو ڪتاب 1315هه ۾ "پوڪرداس تاجر ڪتب شڪارپور" پاران ڇپايو ويو هو. ڪتاب جو ٻيو

ڇاپيو "سودائي خام" جي نالي سان سن 1910ع ۾ پڻ ڇاپيو ويو. ڪتاب جو ٻيو ڇاپو 207 صفحن تي پکڙيل آهي.

**ڪرامات اوليا:**

مرزا صاحب جو هي ڪتاب سن 1911ع ۾ پوڪرداس تاجر ڪتب شڪارپور پاران "مفيد عام پريس لاهور" مان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو هو. 260 صفحن جو هي ڪتاب ٻن ڀاڱن تي مشتمل آهي. پهرين ڀاڱي ۾ سنڌ کان ٻاهر جي چوڏهن بزرگن جو احوال ڏنل آهي ۽ ٻئي ڀاڱي ۾ سنڌ جي ڇهن بزرگن جو ذڪر ڪيل آهي.

**شاهه جو رسالو:**

مرزا صاحب "شاهه جو رسالو" نومبر 1913ع ۾ حيدرآباد ۾ ترتيب ڏيئي مڪمل ڪيو. مرزا صاحب جو اهو ترتيب ڏنل "شاهه جو رسالو" "پوڪرداس تاجر ڪتب شڪارپور" پاران سکر جي عبدالعزيز محمد سليمان جي "وڪتوريا پريس" مان ساڳئي سال ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. مرزا صاحب رسالي جي منڍ ۾ لکي ٿو ته: "هن رسالي ۾ نوان بيت مڙيئي 846 ۽ ٻيون وايون 15 آهن". سمورو رسالو 922 صفحن تي مشتمل آهي. جنهن جي فهرست هن ريت آهي:

ڪلياڻ
يمن ڪلياڻ
کنڀات
سريراڳ
سامونڊي
سهڻي
سارنگ
ڪيڏارو
سسئي (آبري)
ٿيه اکري
معذوري

ديسي
كوهياري
حسيني
سورٺ
بيراڳ
هندي
ابيات مثنوي
هير رانجهو
بروو سنڌي
مومل راڻو
کاموڏي
رامڪلي
ٽيه اکري
رپ
ليلان چنيسر
بلاول
ڏهر
ڪاپاٽي
مت
پرياتي
گهاتو
سينهن ڪيڏارو
آسا
مارئي
ڍول مارئي
ڌناسري
پورب
ڪاموڏ
ڪارايل
بسنت و بهار.(16)

**راڌيل ناول:**

مرزا صاحب جو هي ترجمو ڪيل ناول سن 1914ع ۾ "پوڪرداس تاجر ڪتب شڪارپور" پاران ايڊورڊ پريس سکر مان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. هي ناول 142 صفحن تي مشتمل آهي.

**مومل راڻي جو قصو:**

مرزا صاحب جو هي گڏ ڪيل حفيظ وارو "مومل راڻي جو قصو" ڏھون ڀيرو سن 1947ع ۾ "پوڪرداس اينڊ سنس پبلشر ۽ بڪ سيلر شڪارپور" پاران ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. مرزا صاحب لکي ٿو تہ: هي قصو اصل هڪڙي غريب ماڻهوءَ لعلو نالي ذات تيوٽي، عرف حفيظ جو جوڙيل آهي. هو پاڻ اڻ پڙهيل ۽ اکين کان انڌو هو. پر سندس شعر ۾ ڏاڍي لسائي ۽ ميناج آهي. اگرچ ڪنهن ڪنهن هنڌ تڪ يا قافيہ، يا صحيح لفظن ۾ ٿوري گهٽي ڪجائي آهي، مگر جڏهن اهڙيون حالتون اڪثر سنڌي بولي ۾ پڙهيلن شاعرن وٽ بہ روا آهن، تڏهن هن جو گهٽو ڏوهہ ناهي.[17]

**ديوان قاسم:**

آخوند محمد قاسم هالائي ولد نعمت الله (1806ع - 1881) جي ديوان بابت ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو صاحب لکي ٿو تہ: "ديوان قاسم پهريون دفعو 1875ع ۾ ڇپيو ان کان پوءِ ٻيو ڀيرو ديوان مرزا قليچ بيگ ترتيب ڏنو."[18] مرزا صاحب جي ترتيب ڏنل "ديوان قاسم" کي سندس فرزند مرزا اسد بيگ صاحب سڌاري سنواري ڇپايو. مرزا صاحب جو ترتيب ڏنل "ديوان قاسم" سال 1936ع ۾ پهريون دفعو "پوڪرداس تانورداس اينڊ سنس" پاران "آرين اليڪٽرڪ پرنٽنگ پريس" مان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. هي ڪتاب 172 صفحن تي مشتمل آهي.

**روحاني تعليم:**

مرزا صاحب جو ڪتاب "روحاني تعليم، حاجتمنديءَ مان طاقت مندي" جي نالي سان "پوڪرداس تاجر ڪتب شڪارپور" "سنڌ پرنٽنگ

پريس نوشهري در شڪارپور" مان ڇپائي پڌرو ڪيو. هي ڪتاب 46 صفحن تي مشتمل آهي. انهن ڪتابن کان علاوه مسٽر پوڪرداس ٺانورداس تاجر ڪتب شڪارپور پاران مرزا صاحب جا هي ڪتاب پڻ ڇپائي پڌرا ڪيا ويا آهن. "حقائق الارواح"، "حالات الاوليا"، "مقات الاوليا"، "ميراث المومنين"، "سندباد جهازي"، "جانور" (تصويرن سان)، "پکي" (تصويرن سان)، "عالم آبي" (تصويرن سان)، "سرنڌ ساھ وارا" ۽ "عجائب غرائب" وغيره.

مضمون جي اختتام کان اڳ مرزا صاحب جو هڪ اردو قصيدو ڏجي ٿو، جو پاڻ لارڊريئي ۽ ڊيوڪ جي شڪارپور ۾ آمد وقت پيش ڪيو هئائين.

کہوں کیا آج ھم پر لطف و احسان آیا ہے،
ھزار اں شکر للہ رحمت رحمان آیا ہے.
خوشی اور خورمی سے اب ھمارا دل ھوا زندہ،
جہان بسرو ساماں میں سامان آیا ہے.
یقیں اب ھوگئے ھم آفتِ اندوہ سے ایمن،
ڈرومت درد سی ایدل کہ اب درمان آیا ہے.
ھمارا شاھزادہ ڈیوک آف کاناٹ باڈچیس،
کرم کرکے یہان باشوکت و باشان آیا ہے.
جناب لارڈ ریئی ساتھ لیڈی صاحب کی ھم،
قدم کر رنج اپنا داخل ایوان آیا ہے.
یہان تشریف لائے ھیں کمشنر اور کلکٹر ھم،
سوانکے یہی ھر ایك صاحب فرمان آیا ہے.
کرون کیا وصف ان کی عدل و دانش او شجاعت کی،
کہ عالم مدح خواں جوں بلبل بستان آیا ہے.(19)

## حوالا


1- مرزا قليچ بيگ: "سائو ٻن يا ڪارو پنو". "سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو" 1988ع. ص - 228.

2- ايضا. ص - 54.

3- ايضا. ص - 243.

غلام مصطفيٰ کهڙو

# شاهہ جو محقق -مرزا قليچ بيگ

مرزا قليچ بيگ سنڌي ادبي جي واڌاري لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو. جنهن جي ڪري ئي اڄ سنڌي ادب دنيا جي ادبن ۾ پنهنجي اهميت برقرار رکي سگهيو آهي. مرزا صاحب ئي سنڌي ادب ۾ ڊراما، ناول، تحقيق، ترجما، باغباني ۽ مختلف علوم ۽ فنون ۾ ڪيترين ئي صنفون پهريون دفعو متعارف ڪرايون. مرزا صاحب ٻين ٻولين جا لازوال ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري وڏو اهم ڪم ڪيو. لطيفيات ۾ بہ مرزا صاحب پهريون اديب آهي جنهن گهڻي محنت سان ڪيترائي بنيادي ڪتاب لکيا. جن جو اڀياس ئي اڄ جو موضوع آهي:

### 1- احوال شاهہ عبداللطيف ڀٽائي- 1887ع:

مرزا صاحب جو هيءُ ڪتاب هيل تائين پنج دفعا ڇپجي چڪو آهي. پهريون دفعو 1887ع ۾ ۽ آخري دفعو 1987ع ۾ ڇپيو. ڪتاب ۾ ڪل ڏهہ باب آهن جي هن ريت آهن:

باب پهريون: شاهہ لطيف ۽ سندس وڏا، شادي، فقيرن سان گهمڻ ۽ سندس تعليم.

باب ٻيو: شاهہ جي فقيرن سان هلت ۽ ڪن عالمن سان اٿڻ ويهڻ، مغل بيگ ۽ شاهہ. شادي، سندس پيري مريدي ۽ ڪجهہ روايتون ۽ ڪارگذاريون.

باب ٽيون: شاهہ جو زور وٺڻ، سيدن سان نور محمد ڪلهوڙي جو حسد پيدا ٿيڻ، شاهہ ڪريم جو قبو جوڙائڻ، ڀٽ وسائڻ، سندس والد جي وفات متعلق روايتون.

بيتن جي ڏکين لفظن جي معنيٰ بہ ڏني ويئي آهي. ڪل 300 پهاڪا ۽ چوڻيون گڏ ڪيون ويون آهن.

### 3- شاهہ جو رسالو 1913ع:

ڊاڪٽر ٽرمپ وارو شاهہ جو رسالو 1866ع ۾ ۽ سرڪار وارو شاهہ جو رسالو 1913ع ۾ شايع ٿيا. انهن بعد مرزا صاحب جو هيءُ رسالو 1913ع ۾ شايع ٿيو. جنهن ۾ صورتخطي سڌاري بيتن جو نمبر سرڪار واري رسالي وانگر قائم ڪيو ويو ۽ رسالي جي ڏکين لفظن جي معنيٰ الف - ب وار ۽ ان جي مفهوم جي فهرست ڌار ڏني وئي آهي. انهيءَ حوالي سان مرزا صاحب جو هيءُ رسالو نهايت ئي اهم آهي. مرزا صاحب جو رسالو 37 سرن تي مشتمل آهي.

### 4- لغاتِ لطيفي 1913ع:

مرزا صاحب جو هيءُ ڪتاب شاهہ جي رسالي جي مشڪل لفظن جي سُر وار معنيٰ تي مشتمل آهي. جيڪو 1913ع ۾ لکيو ويو. جنهن ۾ مرزا صاحب جي مرتب ڪيل رسالي جي 37 سرن جا الف - ب وار مشڪل لفظ قرآن جون آيتون ۽ حديثون وغيره ترتيب سان لکيا ويا آهن. هيءُ لغات رسالي جي ڏکن لفظن کي سمجهڻ لاءِ نهايت ئي ڪارائتي ثابت ٿي آهي.

### 5- شاهہ جي رسالي جي ڪنجي 1918ع:

مرزا صاحب هيءُ ڪتاب 1918ع ۾ لکيو. جنهن ۾ شاهہ جي رسالي کي سمجهڻ لاءِ ڪي ضروري سمجهاڻيون ڏنل آهي.

مرزا صاحب جي شاهہ تي پهرئين ڪتاب "احوال شاهہ عبداللطيف" ۾ زندگي. ڪلام توڙي راڳ متعلق معلومات ملي ٿي. البت هن سوانح جي ڪتاب جي پوئين اڌ جي ڇهن بابن ۾ شاهہ جي رسالي بابت سٺي ڇاڻ ڏنل آهي. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو تہ: "مرزا صاحب کي گهربو هو تہ جا تحقيق هن "احوال شاهہ عبداللطيف ڀٽائي" ۾ پيش ڪئي آهي. ان جي جهلڪ رسالي ۾ ڏي ها، ڇو جو رسالي کي انهيءَ تحقيق جي وڌيڪ ضرورت هئي".[1]

هن ڪتاب ۾ شامل رسالي بابت مواد، رسالي جي مقدمي ۾ اچي ها تہ بهتر ٿئي ها. ڇو جو رسالو مقدمي ۽ ذڪين لفظن جي معنائن کان سواءِ لکيو ويو آهي. ان کان پوءِ لغات لطيفيءَ جي نالي سان مرزا صاحب هڪ ٻيو ڪتاب ڇپايو. مرزا صاحب شايد شروع ۾ سوانح ۽ ڪلام کي گڏي انهيءَ ڪري لکي ڇڏيو جو مٿين ڪتاب ۽ رسالي لکڻ ۾ تقريباً 30 سالن جو عرصو اچي ويو هو. مرزا صاحب جي لکيل شاهہ جي سوانح بابت حقيقتن جي گهرائيءَ ۾ وڃڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ اهي مڪمل نہ آهن. جنهن بابت ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو تہ: "هن ڪتاب جا فقط پهريان پنج باب صفحي 75 تائين. شاهہ صاحب جي سوانح بابت آهن ۽ ڪتاب جو باقي پويون ۽ سوايو حصو شاهہ جي رسالي، ان جي سرن جي مضمون ۽ تصوف جي نڪتن جي سمجهاڻيءَ تي مشتمل آهي. شاهہ جي سوانح بابت ڏنل حڪايتون راوين جي نالن کانسواءِ ڏنل آهن. انهيءَ ڪري سَنَد ۽ تصديق خاطر لامحالہ سانگيءَ جي "لطائف لطيفيءَ" کي ڏسڻو پوندو."[2] پر ان سلسلي ۾ مرزا صاحب جي ڪوشش کان بہ انڪار ڪري نٿو سگهجي، جيڪي هن معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيون. ڊاڪٽر سورلي لکي ٿو تہ: "شاهہ عبداللطيف جي زندگيءَ جو باصلاحيت شاگرد مرزا قليچ بيگ آهي. سندس مستقل محنت ساراهہ جوڳي آهي. هيءُ هڪ خوشقسمت انسان هو جنهن انهن ماڻهن کان زباني روايتون ٻڌيون جن اهڙن ماڻهن کان اهي ٻول ٻڌا جن شاهہ لطيف کي زنده سلامت ڏٺو ۽ ان سان ڳالهايو."[3]

جيتريقدر مرزا صاحب جي انهيءَ ڪتاب جي اهميت جو سوال آهي تہ اهو پهريون ۽ بنيادي ڪتاب هو ۽ شاهہ تي لکندڙن جي لاءِ اهو نهايت ئي ڪارائتو ثابت ٿيو آهي. جنهن لاءِ ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو تہ: "شاهہ جي سوانح بابت ڊاڪٽر سورلي ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ لکيو تہ مرزا صاحب جي ڪتاب کي سامهون رکيو".[4] مرزا صاحب جي انهيءَ ڪتاب مان پتو پوي ٿو تہ شاهہ صاحب جوڳين ۽ لاهوتين سان ڪيئن وڃي گهمندو هو ۽ انهن مان

ڪيترو ٻرايائين. هو لکي ٿو تہ: "اهي ٿي ٺڪريون ۽ جايون هيون جن تي شاهہ لطيف ويس مٽائي هندن فقيرن سان گڏ ايندو هو. انهيءَ ڪرڻ ۾ سندس مطلب فقط اهو هو تہ هنن سان رلي ملي هنن جي هلت چلت ۽ مذهب جي خيالن ۽ رسمن مان واقف ٿيان. هن پنهنجي رسالي ۾ انهيءَ جا ڪيترائي بيان ۽ اشارا ڏنا آهن.[5] شاهہ لطيف هڪ هڏ ڏوکي ۽ همدرد انسان سان گڏوگڏ سماج سڌارڪ پڻ هو. جنهن جو مثال سندس وڏن ماڻهن ۽ حاڪمن سان رويئي بابت مرزا صاحب جي هن راءِ مان ملي ٿو تہ: "شاهہ صاحب حاڪمن ۽عملدارن جي پرواهہ ڪا نہ رکندو هو. مگر چوندو هو تہ: هنن سان رستو بچڙو نہ آهي. ڇا لاءِ جو مَنَ ڪنهن بي گناهہ کي ڇڏائجي يا تہ وري ڪنهن غريب جي امنج لاهجي".[6]

شاهہ لطيف جو سموري زندگيءَ ۾ راڳ سان لڳاءُ رهيو. ايتري حد تائين جو متس مولوين طرفان وڏا اعتراض بہ ٿيا پر پاڻ راڳ سان روحاني رشتو رکيو آيا. سندس زندگيءَ جو اهو هڪ اهڙو پهلو آهي جنهن تي لکڻ جي ضرورت اسي. ان سان سندس انسيتِ بابت ذڪر ڪنديءِ قليچ بيگ لکي ٿو تہ: "راڳ شاهہ جي روح ۾ سمايل هو. جياپو تہ راڳ تي هئس، پر موت بہ راڳ تي آيس. سڄي ڄمار ۾ هن کي اها وندر هوندي هئي. جو پاڻ جيڏا بہ ٿي ڇٽا گڏ ڪري ويهي ڳائيندو هو ۽ سرود وڄائيندو هو".[7] مرزا صاحب جي ڪتاب تي جڏهن اسان مختلف محققن جي راين کي پيٽيون ٿا ۽ گڏوگڏ مرزا صاحب جي سانگيءَ سان لاڳاپي ۽ مواد جي سلسلي ۾ وابستگي کي جاچيون ٿا تہ ڊاڪٽر بلوچ جو هيءُ رايو ڪنهن حد تائين مناسب لڳي ٿو تہ: "مير عبدالحسين سانگيءَ جو ڪتاب بنيادي ۽ مرزا صاحب جو هي ڪتاب ثانوي حيثيت رکي ٿو، مگر اهي ٻئي سڀ کان پهريائين ڪتاب آهن جن ۾ شاهہ صاحب جي سوانح بابت ڪنهن حد تائين تفصيلي معلومات ڏنل آهي".

ڊاڪٽر بلوچ جي مٿين راءِ جو بنياد سانگيءَ جي هيٺئين ذڪر تي منحصر آهي تہ: "مدت مديد کان پوءِ عاليشان مرزا قليچ بيگ فريدون بيگ

کي حضرت اولياءُ صاحب بابت ڪتاب لکڻ جو شوق جاڳيو ۽ راقم پڻ اهو ٻڌي وڏي خوشيءَ سان سندس مدد ڪئي، جيڪي ٻه معتبر روايتون مون وٽ ڪٺي هيون، سي مرزا صاحب تائين پهچايم ۽ مرزا صاحب ان مان انتخاب ڪري ٿوري تي اڪتفا ڪئي ۽ ٻه نسخا تيار ڪيائين، جن مان هڪ انگريزيءَ ۾ ۽ ٻيو سنڌيءَ ۾ آهي".[9]

مٿين راين مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته شاهه تي تحقيق لاءِ بنيادي ۽ تفصيلي معلومات جي لاءِ سانگيءَ جو ڪتاب "لطائف لطيفي" ۽ مرزا صاحب جو ڪتاب "احوال شاهه عبداللطيف" وڏي اهميت رکن ٿا.

مرزا صاحب پنهنجي پئي ڪتاب لطيفي لات ۾ شاهه جي بيتن ۽ وائين ۾ موجود ڪي ڀاڪا ۽ چوٽيون ڪم آيون آهن، تن کي ڪٺو ڪري ڪتابي صورت ڏئي هڪ اهم ڪم ڪيو آهي. مرزا صاحب مٿين ڪتاب لکڻ وقت بيتن جي حوالي سان ٻه نشاندهي ڪئي آهي. جنهن تي ڪلياڻ آڏواڻي، محمد عثمان ڏيپلائي ۽ ٻين منتخب رسالا پڌرا ڪيا. مرزا صاحب لکي ٿو ته: "چڱا بيت ته بيشمار آهن، انهن جي انتخاب لاءِ ڏار ڪتاب گهرجي، مگر جي مصرائون اڪثر ڀاڪن يا چوٽين وانگي ڪم اچن ٿيون، سي سرواڻ گڏ ڪري مون هتي ڏنيون آهن. اهي قريب ٿي سؤ آهن".[10] مٿين راءِ مان معلوم ٿئي ٿو ته شاهه جي ڪلام ۾ چوٽيون ۽ ڀاڪا اڳي ئي مرزا صاحب گڏ ڪري ڪتابي صورت ۾ ڇپائي پڌرا ڪيا آهن، وڌيڪ انهيءَ تي تحقيق ٿي سگهي ٿي پر بنيادي ڪم مرزا صاحب ڪري چڪو آهي.

مرزا صاحب جي شاهه تي ٺئين ڪتاب "شاهه جو رسالو" کي بنيادي حيثيت حاصل آهي ۽ ان تان پوءِ ڪيترن ئي محققن استفادو حاصل ڪيو آهي. گربخشاڻيءَ جي رسالي جي پوري رٿا مرزا صاحب جي رسالي تان ئي ورتل آهي. الياس عشقي لکي ٿو ته: "عجيب ڳالهه آهي ته جڏهن گربخشاڻيءَ جي شاهه جي رسالي جي نئين ۽ سهڻي ترتيب ۽ تعليقات ۽ تحقيقات جو ذڪر هلندو آهي ته ان جو سچو فائدو ان کي ئي پهچي ٿو ۽

ڪڏهن ڪو مرزا قليچ بيگ جي ان نرالي ترتيب جي اوائلي ۽ جديد انداز جو اعتراف نٿو ڪري، حالانڪ گربخشاڻي وارو رسالو مرزا صاحب واري ترتيب جي رٿا جو تفصيل آهي".[11] رسالي جو ڪم نهايت ئي نازڪ ۽ گهڻو محنت طلب آهي. اهوئي سبب آهي جو مرزا صاحب شاهه تي ٻهريون ڪتاب 1887ع ۾ لکيو ۽ ٻيو ڪتاب 1912ع ۾ ٽيون يعني هيءُ رسالو 1913ع ۾ لکيو. رسالي متعلق ڀيرو مل لکي ٿو ته: "سن 1900ع ۾ تعليم کاتي وارن رسالو ڇپائي پڌرو ڪيو ته مرزا صاحب اهو ٽرمپ واري رسالي ۽ بمبئي ڇاپي واري رسالي ۽ ڪن دستخط رسالن سان ڀيٽيو. مرزا صاحب کي انهيءَ ڪم ڪرڻ ۽ صحيح پڙهڻين هٿ ڪرڻ ۾ ٽيرهين ورهيه لڳي ويا".[12] مرزا صاحب جي رسالي ۾ 37 سر ڏنل آهن ۽ رسالي جا 5 ايڊيشن نڪري چڪا آهن. مرزا صاحب جي ان تي ڪيل محنت بجا طور تعريف جي قابل آهي. خاص طور تي شاهه جي رسالي جي ترتيب تي جيڪا جاکوڙ ڪئي وئي. انهيءَ سلسلي ۾ ڊاڪٽر سورلي جي هن راءِ جي گهڻي اهميت آهي ته: "پروفيسر گربخشاڻيءَ جي ترتيب ڏنل رسالي جو نئون ڇاپو هن شاعر ۽ سندس شاعريءَ متعلق سٺو علمي ادبي ڪتاب آهي. اهڙي قسم جي ڇڀاڳاڇا مرزا قليچ بيگ شروع ڪئي هئي. ڏيارام گدومل سگما ۽ ليلارام وطڻ مل به ساڳي ڪوشش ڪئي هئي پر اهي مرزا قليچ بيگ جي ٽيل تحقيقي ڪم کان وڌيڪ ڪم ڪري نه سگهيا".[13] مرزا صاحب کي ڀٽائيءَ جي رسالي تي اڃا وڌيڪ ڪم ڪرڻ جي خواهش هئي پر سنڌي ادب جي مختلف پهلوئن تي بي انتها محنت جي ڪري سندس ارادو رهجي ويل ٿو ڏسجي، ان هوندي به سندس مرتب ڪيل رسالي جي اهميت سين کان مٿاهين آهي. وفائي صاحب لکي ٿو ته: "مرزا قليچ بيگ سن 1913ع ۾ رسالي جو هڪ جامع نسخو جمع ڪيو. سندس ارادو هو ته مختلف نسخن ۾ جيڪي گهٽ وڌ ۽ پنهنجا پرايا شعر آهن تن سڀن کي هڪ هنڌ گڏ ڪري ڇڏي، جيڪڏهن هن دنيا ۾ رسالي جا سمورا نسخا ڪٺي ڪم ٿي وڃن ته به مرزا صاحب وارو رسالو سڀني جو ڪم ڏئي ۽ ايندڙ زماني ۾ تحقيق ڪندڙن لاءِ در ڪليو رهي".[14]

ويهجهزائيءَ ۾ پانهو خان شيخ، شاهه جو رسالو ترتيب ڏئي ڇڏيو آهي سندس رسالي ۾ گنج کان علاوه ٻين رسالن ۽ فقيرن کان هٿ آيل ٻيو مواد بہ شامل آهي. جنهن ۾ شاهه ۽ ٻين شاعرن جي ڪلام کي جدا پڻ ڪيو ويو آهي. مجموعي طور تي هن رسالي کي مڪمل چئي سگهبو. ان جي ٻي وڏي خوبي بيتن جي معنائن جي گهڻ رنگي آهي. هيءُ رسالو اڻ ڇپيل آهي ۽ هينئر ڇپجڻ جي مرحلي ۾ آهي. انهيءَ هوندي بہ مٿين راين جي روشنيءَ ۾ جيڪڏهن شاهه جي رسالن تي نظر وجهنداسون تہ معلوم ٿيندو تہ مرزا صاحب وارو رسالو شاهه تي تحقيق ڪندڙن لاءِ هميشہ رهنما ٿي رهيو ۽ آئنده جي لاءِ بہ هيءُ رسالو شاهه جي تحقيق ڪندڙن لاءِ رهنمائي ڪندو رهندو.

مرزا صاحب جو شاهه لطيف تي لکيل چوٿون ڪتاب لغات لطيفي آهي. لطيفيات ۾ هيءُ بہ هڪ بنيادي ڪتاب ليکجي ٿو. ان بابت ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو تہ: "مرزا صاحب ٻهريون عالم آهي جنهن شاهه سائينءَ جي رسالي جي هرهڪ شعر جي ڏکين لفظن جي معنيٰ لکي ۽ ان جو نالو "لغاتِ لطيفي" رکيائين".[15]

مرزا صاحب جي ڪتاب لغات لطيفيءَ جي ترتيب ۽ رٿا بہ گهڻي عرصي کان شروع ڪيل ٿي ڏسجي. ان ڪتاب جي ڇپجڻ کان 8 سال اڳ فيضياب ٿيندي ڀيرو مل لکي ٿو تہ: "1905ع ۾ معلوم ٿيم تہ مرزا قليچ بيگ صاحب. رسالي جون معنائون لکي تيار ڪيون آهن. هن صاحب منهنجي چوڻ تي پاڻ واريون معنائون ڇاپخاني ۾ موڪلڻ کان اڳ ۾ مهرباني ڪري مون ڏي ڏياري موڪليون".[16] هن ڪتاب جي خاص ڪري ان وقت وڏي اهميت محسوس ٿئي ٿي جيڪا مرزا صاحب پوري ڪئي هئي ۽ ان جي انداز تي ۽ پوءِ ٻين بہ لغات تيار ڪيون. ان سلسلي کي وڌائڻ لاءِ مجموعي طور تي مرزا صاحب "لغات قديمي" ۽ "فلالاجيڪل ڪيوراسٽيز" پڻ لکيا.

مرزا صاحب جو شاهه تي لکيل پنجون ڪتاب "شاهه جي رسالي جي ڪنجي" رسالي کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ نهايت ئي اهم ڪردار ادا ڪري ٿو.

شمشيرالحيدري

# مرزا صاحب جي ناول "زينت" تي هڪ تبصرو

شمس العلماء مرزا قليچ بيگ مرحوم کي "سنڌي نثر جو ابو" مڃيو ويو آهي. هن بزرگ اهڙي وقت ۾ سنڌي ٻوليءَ کي سهارو ڏنو، جڏهن ان سان اُنس ۽ وابستگي رکڻ جو احساس اڃا ايترو ڪونه اُسريو هو. اڄ جڏهن اسين، ڪيترن ئي مرحلن مان گذرڻ کان پوءِ، پنهنجن سموري زندگيءَ جي مسئلن کي پنهنجن هاٺوڪين حالتن ۽ ماحول سان وابسته ٿا ڄاڻون، ۽ ان ڪري ٻنهي تهذيبي ۽ ثقافتي ورثي جي حفاظت توڙي ترقيءَ کي ڄڻ پنهنجو ايمان ڪري پيا سمجهون. بلڪ خود وقت جون نزاڪتون ئي اهڙيون ٻڌي رهيون آهن، جو اسان کي ڏينهن - رات پنهنجي ادب ۽ ٻوليءَ ڏانهن توجهه ڏيڻ جي تقاضا معلوم ٿيندي رهي ٿي. تڏهن به اسين پنهنجين خدمتن ۾ ايتري وسعت ۽ ايترو جوش خروش پيدا ڪري نه سگهيا آهيون، جيترو مني صدي اڳ انهيءَ فرض جو احساس اسان کي هن مخلص مرد جي محنتن ۾ نمايان نظر اچي ٿو. ڪنهن به ٻوليءَ جي مهذب يا ترقي يافته هجڻ جوثبوت ان جي علمي ۽ فني ذخيري جي موجودگيءَ مان ملندو آهي. مرزا صاحب مرحوم متعدد علوم ۽ فنون تي جيڪو ننڍن وڏن ڪتابن جو ڀاري ذخيرو ڇڏي ويو آهي، سو سنڌي ادب ۾ وڏو خال ٿو ڀري. هن نه صرف علم ادب جي هرهڪ فن ۽ صنف جي هر موضوع ۾ طبع آزمائي ڪئي، بلڪ خود انهن فن ۽ صنفن جي هرهڪ شاخ، نظم توڙي نثر جي باري ۾ ڀڻ ڪيترائي ڪتاب لکيا. مثلاً، جيڪڏهن خود شعر چيائين، ته شاعريءَ جي فن يا علم عروض تي به لکيائين. اهڙيءَ طرح، ڌارين زبانن جا ڪيترائي علمي، ادبي ۽

فني ڪتاب پڻ سنڌي ٻوليءَ ۾ پلٽائي، مرحوم مرزا صاحب سنڌي ادب ۽ زبان کي وڏي وسعت بخشي آهي. اڄ اسان کي سندس محنتن جو ثمر ملي رهيو آهي ۽ ڪو وقت ايندو، جڏهن اسين سنڌ جي هن "اديب اعظم" جي صحيح قدر ۽ منزلت کان واقف ٿينداسين. "سنڌي ادبي بورڊ" مرزا صاحب جي مڙني، قلمي توڙي ڇپيل، ڪتابن کي ڇپائڻ شروع ڪيو آهي، جا هڪ وڏي تحسين جوڳي خدمت ليکبي.

زيرتبصرو ڪتاب، "زينت"، مرزا صاحب جي طبعزاد ناولن مان هڪ بهترين نصيحت آموز ناول آهي. منجهس نج سنڌي گهرو ماحول پيش ڪيو ويو آهي، ۽ شروع کان آخر تائين اهڙا اڪيچار اخلاقي سبق هن ۾ سمايل آهن، جيڪي هر مذاق جي پڙهڻ وارن کي اڄ به نوان پيا معلوم ٿيندا.

ناول جو مرڪزي ڪردار "زينت" آهي، جنهن جو نالو ڪتاب تي رکيل آهي. اها هڪ پڙهيل ڳڙهيل، سگهڙ، روشن خيال ۽ "سجاڳ" ڇوڪري آهي. ڪتاب جا پهريان 77 صفحا "زينت" جي ذاتي خوبين، گهرو حالتن، ۽ سندس شاديءَ جي احوال ۾ لکيل آهن. انهيءَ حصي ۾ تقريباً انهن سڀني مسئلن جي اصلاحي پهلوئن تي روشني وڌي ويئي آهي، جيڪي اڄ به اسان جي اڪثر سنڌي گهراڻن ۾ تقليدي طرح رائج آهن، ۽ جن کي هن سڌريل زماني ۾ بدلائڻ جي ضرورت آهي. مثلاً، ننڍيءَ وهيءَ جي شادي؛ سڱ ڏيڻ لاءِ ذات پات، ڌن دولت، ۽ پنهنجن، پراون جو فرق سارڻ؛ شاديءَ جي معاملي ۾ عورت ۽ مڙس جي رضامندي ۽ قبوليت نه وٺڻ؛ ڇوڪرين کي تعليم نه ڏيارڻ، ۽ عورتن کي پردي جو سخت پابند بنائڻ؛ شاديءَ ۾ اجايا خرچ ۽ فضول سانگ سڱڻ ڪرڻ؛ وغيره. اهو سڄو حصو اسان جي هرهڪ وڏ- گهراڻي گهر ۾ عمل هيٺ آڻڻ جي شيءِ آهي. ان کان پوءِ، ٻيو حصو زينت ۽ سندس مڙس (علي رضا) جي وچ ۾ "جدائيءَ" جي احوال تي ٻڌل آهي. علي رضا، روزگار سانگي، بمبئيءَ ۾ رهندڙ آهي، ۽ زينت وٽس پهچڻ

ڪان اڳي ئي سمنڊ ۾ ڪري ٽي پوي. قسمت سان هڪ پوڙهو مهاڻو ڪيس بچائي ٿو، ۽ هوءَ وٽس رهڻ لڳي ٿي. اتان ٻئي جي شهر ڏانهن ويندي، واٽ تي هوءَ چورن جي هڪ ٽوليءَ جو شڪار ٿي بڻجي، پر ڀڄي ڏينهن هوءَ اتان سلامت نڪري وڃي ٿي. ٻئي جي شهر ۾ هوءَ اتي جي فرض ناشناس پوليس جي ڦندي ۾ ڦاسي ٿي، جتان پنهنجيءَ عزت کي حرفت سان بچائي ٿي نڪري. بمبئي پهچڻ شرط، ڪيس چوريءَ جي شڪ ۾ جيل اماڻيو وڃي ٿو. هوءَ بند مان نڪري ٿي، تہ علي رضا پنهنجي رهائش بدلائي چڪو آهي. هڪ ڳلن وڪڻڻ واري نيڪ مائي ڪيس پنهنجي گهر ۾ پناهہ ڏئي ٿي ۽ سندس ئي معرفت زينت پنهنجي مڙس وٽ پورهيت بڻجي وڃي ٿي. علي رضا، زينت کي سمنڊ ۾ ٻڏي ويل ڄاڻي، ٻي شادي ڪري چڪو آهي. ان ڪري، زينت، پنهنجو پاڻ ظاهر ڪرڻ مناسب نہ ڄاڻي، پنهنجي مڙس جي گهر ۾ پورهيت بڻجي رهڻ پسند ڪري ٿي. ڪجهہ مهينن بعد، زينت جي پهاج مري وڃي ٿي؛ ۽ آخر علي رضا ۽ زينت هڪٻئي کي سڃاڻائين ٿا. ناول جو اهو سڄو حصو جنهن ۾ زينت جهڙي ناز و نعم سان پليل نندي نيٽي عورت طرح طرح جون مصيبتون ۽ ڏاڪڙا، پرديس جون دربدريون ۽ ڏولاوا ڏسي ٿي، انهيءَ مرڪزي خيال تي ٻڌل آهي تہ "عورتن جو تعليميافتہ ۽ زماني جي ٻاهرئين ماحول سان مانوس هجڻ بلڪل ضروري آهي،" انهيءَ خيال کي، علي رضا ۽ زينت جي وچ ۾ هليل پردي بابت بحث ۾، هن طرح ظاهر ڪيو ويو آهي.

"علي رضا سچ آهي، مگر جن ڳالهين ۽ شين جو آءٌ ذڪر ٿو ڪريان، تن جو عقل ۽ نيڪيءَ سان واسطو آهي؛ اهي جهڙو مڙسن لاءِ ضروري آهن، تهڙو زالن لاءِ. انگريز ماڻهن جو حال ڏس تہ جهڙا پاڻ هوشيار، تهڙيون سندن زالون. اهو سڀ ڇا ڪان آهي؟ رڳو ٻاهر آمدرفت ڪرڻ، ۽ جيڪي ڪم اندر ٿي نٿا ڪري سگهن، تن جي ڄاڄڻ ڪان. هن مان هڪڙي مدِ ۾ ڇاليهن مڙسن جي وچ ۾ ويٺي هوندي، تہ بہ پرواهہ ڪانہ هونديس؛ هن سان گفتگو ڪرڻ توڙي حجت هلائڻ ۾ اهڙي چالاڪي

ڏيکاريندي. جهڙو ڪو هشيار مڙس ڏيکاري. هتي جي پردي وارين زالن ڪڏهن ڏارئين ماڻهوءَ جو منهن نہ ڏٺو آهي. سو جيڪڏهن ڪنهن اتفاق سان غير ماڻهن وٽ آيون، تہ پوءِ اکر ئي واتان نہ نڪرندن. پنهنجي ئي پگهر ۾ پيون ٻڏنديون: ۽ جي ٻاهر ماڻهن ۾ هلڻ لاچار ٿيو، تہ هلندي ٿنگون پيون وچڙندن، جنهن ڪري سڀ پيا مٺن ڪلندا. انسان تي سرديون گرميون رکيون آهن: خدانخواستہ، اهڙيءَ زال تي ڪڏهن ڪو اهڙو حادثو اچي پوي تہ جيڪر مشڪلات ۾ مري وڃي. يا تہ رلي خراب ٿئي! جيڪا اصلي ٻاهر جي آزمودگار هوندي، سا اهڙن مشڪل وقتن ۾ بہ پنهنجي جاءِ ڪري وجهندي، ۽ وڏي همت ڏيکاريندي".

عورتن جي تعليميافتہ هجڻ ۽ ڪِين ٻاهرين حالتن کان واقف رهڻ جي ضرورت کي ثابت ڪرڻ بعد، ناول جي ٽئين حصي ۾، عورت جي سماجي حيثيت کي اُڀاريو ويو آهي. زينت، جيڪا هاڻي تمام تعليميافتہ، جهانديده ۽ عقلمند عورت آهي. ڇوڪرين کي پڙهائڻ لاءِ جديد طرز جا اسڪول قائم ڪري ٿي، پنهنجي اولاد کي اعليٰ تعليم سان آراستہ ڪري ٿي: ۽ پنهنجي خاوند جي سيني ڪاروبار ۾ ساٿس معاون ۽ صلاحڪار بني رهي ٿي: سندن جو هيءُ صالح خاندان، بغداد جي سرڪاري حلقن ۾، ۽ ان کان پوءِ ترڪيءَ جي سلطان وٽ، وڏو منصب ۽ مرتبو پرائي ٿو: سندن اولاد پڻ گهڻي هنر ۽ حيثيت وارو ٿئي ٿو، ۽ آخر ۾ سيئي، پنهنجي وطن ۾ واپس اچي، عزت ۽ خوشحاليءَ جي زندگي بسر ڪرڻ لڳن ٿا.

ناول شروع کان آخر تائين بيحد دلچسپ آهي ۽ اهڙيءَ عام فهم ٻوليءَ ۾ دلنشين انداز ۾ لکيل آهي جو بار بار پڙهڻ تي دل ٿئي ٿي. هھڙو عمدو ۽ نصيحت آموز ناول، هر گهر ۾ پهچڻ کپي.

ڊاڪٽر قاضي خادم

# سنڌ ۾ جديد سنڌي افساني جو سماجياتي اڀياس

جديد دور ۾ ادب جو شمار سماجي علمن ۾ ٿين لڳو آهي هاڻ اهو نظريو ختم ٿي چڪو آهي ته ادب صرف تفريح جي خاطر وجود ۾ آيو آهي يا تخليقڪار ڪنهن وجداني جذبي يا ڪيفيت ۾ ئي ڪو فن پارو تخليق ڪري سگهي ٿو. صرف تخيل جي زور تي پيش ڪيل ڪا ناممڪن العمل ڳالهه ڪڏهن به سچ جو روپ نه ٿي ڌاري سگهي بقول ڊاڪٽر ممتاز حسينِ

”تخليق ان وقت ڪوڙي هوندي آهي. جڏهن اها ناممڪن العمل ڳالهيون ٻڌائي. پر جڏهن اها ممڪن ٿيندڙ ڳالهيون ٻڌائي تڏهن حقيقي هوندي آهي (فنون اپريل 23، ص-35)

ادب مان ڪنهن ملڪ جي ٻولي، ثقافت، سماج، سياست اقتصاديات، طبعي حالتن، پوکن، گلن، ٻوٽن، وڻن ٽڻن، ندين، جبلن ۽ آبهوا جي پڻ معلومات ملي ٿي. ان مان پڻ ثابت ٿئي ٿو ته ادب صرف تخيلي بيان ڪونهي، بلڪ ڪنهن اديب جي دور جي مجموعي شعوري ۽ لاشعوري سوچ مشاهدن ۽ تجربن جو نچوڙ آهي. جنهن جو بنياد ماضيءَ جي مستقل روايتن تي رکيل آهي ۽ ان طرح اهو سماجي زندگيءَ جي تسلسل کي پڻ برقرار رکندو ٿو نظر اچي روايتن جو اهو سلسلو ايترو ته اهم آهي. جو ڪنهن دور جو ادبي ذخيرو مڪمل ضايع ٿي وڃي ته شايد حال جو ماضي سان سلسلو ئي ٽٽي وڃي. ڪن حالتن ۾ خاص ڪري سنڌ ۾ موهن جي دڙي جي تهذيب جي باري ۾ جيڪو اونداهيءَ جو چار پکڙيل نظر نو اچي، سو نه صرف ان

ڪري جو ان دور جي ڪا بہ اهڙي لکت ڪونہ ملي آهي جيڪا ڪاميابي سان پڙهجي وئي هجي، ٻئي طرف مصر جي تهذيب جو مثال آهي، جنهن جو تمام ڪهنو ادب اڄ بہ پيپرس تي لکيل يا پٿرن تي اڪريل آهي. (اردو کي نثري داستانين)

نثر اظهار جو هڪ موثر وسيلو آهي جڏهن ڪنهن شخص جي دردمند دل ۾ ڪو درد جاڳندو آهي. هن جون اکيون ڪو انڻ سوهائيندڙ واقعو ڏسنديون آهن يا ڪو اهڙو احوال ٻڌنديون آهن جنهن کي هو ٻين جي آڏو ظاهر ڪرڻ چاهيندو آهي تہ هو ان جي اظهار جو وسيلو ڳوليندو آهي هن جون لاشعوري توڙي شعوري ڪيفيتون ٻين تي ظاهر ٿيڻ لاءِ تڙپڻ لڳنديون آهن ۽ اها تڙپ ۽ لوچ جڏهن الفاظ جو روپ ڌاريندي آهي تہ نثر يا نظم جي ڪنهن لباس ۾ ظاهر ٿي پوندي آهي.

هر دور جو حقيقي ادب نہ صرف پنهنجي دور ۾ بلڪ هميشہ جديد هوندو آهي. اها جدت هيئت جي بہ ٿي سگهي ٿي تہ مواد جي بہ. پر جيڪڏهن اها فڪر جي جدت ناهي تہ پوءِ اها بي اثر بنجي وڃي ٿي. جديد دور جو ادب انهن ئي ڳالهين ۾ جدت جو طالب آهي. هو فطرت جي نون رنگن کي نوان قالب ڏيندو رهيو آهي. خاص ڪري اهڙين حالتن ۾ جڏهن هر دور جون تقاضائون اڳوڻي دور کان بلڪل جدا آهن.

مختصر ڪهاڻي سنڌي ادب جي هڪ نهايت مقبول صنف آهي، جديد دور ۾ هن ادبي صنف کي جيتري مقبوليت حاصل ٿي آهي، تنهن جو ٻيو ڪو مثال ورلي ملندو. حالانڪہ ڊرامي يا ناول جي ڀيٽ ۾ هن ادبي صنف کي شروع ٿئي ڪو وڏو عرصو ڪونہ ٿيو آهي. ليڪن پنهنجي دلچسپي ۽ افاديت جي ڪري هن کي تمام جلد ترقي حاصل ٿي آهي ۽ دنيا جي سمورين ٻولين جي ادب ۾ هن جو وڏو ذخيرو موجود آهي. آمريڪا ۾ ڏسو تہ واشنگٽن ارونگ ۽ ايڊ گرايلن پو کان وٺي ارنيسٽ هيمنگوي ارسڪن ڪاڊويل ۽ ٻين جديد اديبن تائين ۽ روس ۾ ٽالسٽاءِ ۽ ترگينيف کان وٺي موجوده دور تائين

مختصر ڪهاڻيءَ ڪي وڏي ترقي حاصل ٿي آهي. ساڳيو حال فرانس، جرمني، اٽلي، انگلينڊ، هندستان ۽ پاڪستان ۾ بہ آهي. هن صنف جي لکندڙن ۽ پڙهندڙن ۾ ڏينهون ڏينهن اضافو ايندو پيو وڃي.

سنڌي مختصر ڪهاڻي پنهنجي موضوع ۽ مواد جي لحاظ کان جديد سنڌي ادب ۾ هڪ منفرد حيثيت رکي ٿي، توڙي جو موجوده ڪهاڻيءَ جا موضوع اوائلي ڪهاڻين کان بلڪل جدا ۽ نرالا آهن. تڏهن بہ اهو اندازو بخوبي لڳائي سگهبو تہ جديد ڪهاڻي اوائلي ڪهاڻي جي ترقي يافتہ صورت آهي. جنهن ۾ سنڌ ۽ سنڌ جي سماجي مسئلن سان اٽيل ڪهاڻيون ۽ ڪردار موجود آهن جن جو مطالعو سنڌ جي رهاڪن جي سماجي، سياسي ۽ نفسياتي الجهن ۽ مسئلن کان واقف ڪرڻ لاءِ بهترين طريقو آهي، انهن ۾ مسئلا ۽ انهن جا حل موجود آهن ۽ خاص طرح صرف اهو پيش ٿيل ناهي تہ ڇا وهي واپري پيو. بلڪہ اهو بہ ڏيکاريل آهي تہ ڇا هئڻ گهرجي يا ڇا ٿيڻ گهرجي.

1947ع کان پوءِ جن بهترين ڪهاڻيڪارن ڪهاڻيون لکيون انهن ۾ ع - ق - شيخ، جمال ابڙو، شيخ اياز، غلام رباني، اياز قادري، سوڀو گيانچنداڻي، حفيظ شيخ، شيخ عبدالرزاق راز، نجم عباسي، محمد عثمان ڏيپلائي، بيگم زينت عبدالله چنہ وغيره شامل آهن. ع - ق - شيخ جي ڪهاڻي "حيدرآباد" پڙهي 1947ع کان هڪدم پوءِ واري حيدرآباد جو نقشو اکين اڳيان تري ايندو. جمال جو "شاهہ جو ڦر" رباني جو "سيدو ڌاڙيل"، اياز قادري جو "بلو دادا"، شيخ اياز جو "ڪارو رنگ"، عبدالرزاق راز جو "گريجوئيٽ"، هر هڪ زندگي جي مختلف روين جي نشاندهي ڪندا نظر ايندا. هن ئي دور ۾ مزاحيہ ڪهاڻيون بہ لکيون ويون. مزاحيہ ليکڪن ۾ "ڪروڙپتي"، نور عباسي، علي احمد بروهي، محمد عثمان ڏيپلائي، رشيد ڀٽي ۽ نياز همايونيءَ ڪيترائي مزاحيہ افسانہ لکيا جن ۾ معاشري جي ڪيترن ئي مسئلن تي ڀرپور انداز ۾ طنز ڪيل هو.

جمال ابڙي جا افسانا هيئت توڙي مواد جي لحاظ کان مختصر افسانا يا مختصر ڪهاڻيون آهن. هن جي حيثيت همعصر ليکڪن ۾ نهايت متانهين آهي. هن جا موضوع هن ڌرتي تي موجود هزارين موضوعن منجهان آهن ۽ هن جا ڪردار عام سنڌي ڪردار آهن. پنهنجي ڪردارن جو جيڪو نفسياتي تجزيو ڪيو آهي سو بي مثال آهي. هن دور جا ٻيا افسانا نگار بشير موريائي، مراد علي مرزا، سراج، شمشير الحيدري، ناصر مورائي، آغا سليم، مهتاب محبوب، ثميره زرين، رشيده حجاب، رشيد آخوند وغيره آهن جن جون ڪهاڻيون به سنڌي سماج سان واسطو رکن ٿيون.

جيڪڏهن اهو چئجي ته 1955ع کان وٺي موجوده وقت تائين ڪهاڻي جي ترقي جي رفتار اڳ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ تيز رهي آهي ته ڪو وڌاءُ ڪونه ٿيندو. خاص ڪري 1960ع کان پوءِ ته سنڌي ڪهاڻين ۾ ڌاڌا تجربا ڪيا ويا. نوان رسالا، نيون اخبارون، ڪهاڻين جا مجموعا، ڪهاڻيڪارن سان شامون وغيره ڪهاڻي کي نئين قوت بخشيندڙ رهيون. ادبي ٻولي توڙي موضوعن جي لحاظ کان ڪهاڻي ۾ وڏيون تبديليون آنديون. اڳ ۾ گهڻا ليکڪ شهرن ۾ رهي ڳوٺن جون ڪهاڻيون لکندا هئا. تنهن ڪري اهي ڳوٺن جي مسئلن جي صحيح عڪاسي نه ڪري سگهندا هئا. پر هاڻ اديب شهرن جي باري ۾ به ڪهاڻيون لکن ٿا، جيئن آغا سليم امر جليل، قمر شهباز، غلام نبي مغل وغيره ۽ ڳوٺن جي باري ۾ اهڙن ڪهاڻيڪارن لکڻ شروع ڪيو جن کي واقعي ڳوٺن جي باري ۾ ڄاڻ آهي. مثال طور عبدالقادر جوڻيجو، جيڪو ٿر جي هڪ ڳوٺ جو رهواسي آهي، تنهن ڪري هن پنهنجي ارد گرد جي ماحول جي ڀرپور عڪاسي ڪئي آهي. هن جي ڪهاڻين ۾ مسئلن جو شاعرانو نماءُ ملي ٿو يا وري نسيم کرل، رسول بخش پليجو، غلام نبي مغل، طارق اشرف، حميد سنڌي، شوڪت شورو، عبدالجبار جوڻيجو، مانڪ، عبدالحق عالماڻي وغيره جن ڳوٺن جي باري ۾ ايڏي ته ڀرپور انداز ۾ عڪس چٽيا آهن، جو سنڌ جا ڳوٺ اکين اڳيان تريو اچن. اهڙي قسم جون ڪجهه

ڪهاڻيون الهه بجائي لغاري به نڪيون، پر هو ادبي پس منظر تي وڏيڪ جڻاءِ ڪري نه سگهيو.

هن ٽي دور جي ڪهاڻيڪارن ۾ خيرالنساء جعفري، مشتاق شورو، علي بابا، مدد علي، ظفر حسن، راقم الحروف (قاضي خادم)، شوڪت شورو، قبول ابڙو، نورالهديٰ شاهه، هدايت پريم، حليم بروهي، ليليٰ بابا، نظير ناز، نذير ٽيپو، تنوير جوڻيجو، نسرين جوڻيجو، طارق عالم ابڙو، شمس الدين عرساڻي ۽ ٻيا ڪهاڻيڪار نوان نوان تجربا ڪري، ڪهاڻي جي رنگ روپ کي نواڻ بخشي رهيا آهن. هن دور جي ڪهاڻي انساني مسائل جي باري ۾ هڪ دستاويز جي حيثيت رکي ٿي ۽ ان ۾ عام ماڻهو (ڳوناڻي توڙي شهري) جي زندگي جو احوال چٽيل هوندو آهي. وقت گذرڻ سان گڏ هن صنف ۾ اڃان تبديليون اچي رهيون آهن، تن جي ڪارگر هجڻ يا نه هجڻ جو صحيح اندازو وقت گذرڻ کان پوءِ ئي لڳائي سگهجي ٿو. ليڪن هي ڳالهه صاف ظاهر آهي ته جديد سنڌي ڪهاڻيڪارن سنڌن ڏرتي جي اڀوجهه عوام جي تمام چٽي طرح نمائندگي ڪئي آهي ۽ سمجهه ۽ ساڃاهه پيدا ڪئي اٿن.

ورهاڱي به سنڌي افساني تي ڪافي اثرات ڇڏيا. ع-ق شيخ جو افسانو "حيدرآباد"، شيخ اياز جو "پاڙيسري" ۽ ٻيا ڪيئين اهڙا افسانا آهن، جن ۾ هن موضوع کي تڇ ڪيو ويو آهي. ورهاڱي کان پوءِ سنڌي سماج ۾ جيڪا تبديلي آئي ان جي آڌار تي تمام گهڻا افسانا لکيا ويا جن ۾ ڏاڙيلن، ارڏن انسانن ۽ صنعتي زماني جي نئين عشقيه طنزيه ۽ مزاحيه افسانن جنم ورتو. شيدو ڏاڙيل، مڪو مست، بلو دادا ۽ پشو پاشا هن دور جا شاهڪار افسانا آهن.

ورهاڱي کانپوءِ سنڌي سماج ۾ تمام تيز ۽ دور رس تبديليون آيون. سنڌ ڌرتيءَ هڪ نئين قوم جنهن جي ٻولي توڙي تهذيب بلڪل جدا هئي جو ورد ٿيو ۽ انهن جي ميل جول جي ڪري خود سنڌي تهذيب تي تمام گهرا اثر ٿيا. ڳوٺ ۽ شهر ويجها اچي ويا. آبادي وڌي ويئي. نوان ڌنڌا

وجود ۾ آيا ٿانگن جي جڳهہ رڪشائن ورتي وڏيرا صنعتڪار بنجي ويا. هوئن تہ مسلمان گهڻا ٿا ڳوٺن جا رهواسي هئا تن جو شهر ۾ اچي رهڻ ٿيو. تنهن ڪري هنن جي ريتن رسمن ۾ بہ تبديلي آئي.

ڪهاڻين جا موضوع وڏيرن، پيرن، فقيرن جا پٽ سرڪاري نوڪرين ۾ گهريا جو هنن کي سرڪار جي سرپرستي جي ضرورت هئي. تنهنڪري ڪامورڪو ڪلچر پيدا ٿيو.

پيري مريدي ۽ وڏيرن جي خلاف وڏي ۾ وڏو قلمي جهاد محمد عثمان ڏيپلائي ۽ ڊاڪٽر نجم عباسي مرحوم ڪيو.

جيئن تہ سنڌي سماج هن وقت هيٺين اهم طبقن ۾ ورهايل آهي:

(1) زراعتي: هاري پيشہ ۽ زميندار طبقو.

(2) صنعتي: مزدور پيشہ ۽ صنعتڪار طبقو.

(3) نوڪري پيشہ: سرڪاري ڪامورا.

(4) سياست پيشہ: هي بہ هڪ مڪمل قسم جو نظام آهي.

(5) اهي ڳوٺاڻا جيڪي شهرن ۾ اچي شهرن ۾ رهي پيا.

انهن جا مسئلا (ذ.ت پات قبيلي ڪڙم جا مسئلا) تنهنڪري موجوده ڪهاڻين ۾ انهن موضوعن جو ذڪر گهڻو ملي ٿو.

راقم الحروف جي ڪهاڻي "پڄڻ ڪم وريام جو" بہ هن ڏس ۾ اهميت رکي ٿي، جنهن ۾ وڏيري جي ظلمن کان تنگ آيل هڪ جوڙو سڄي راڄ جي راءِ سان ڳوٺان ڀڄي ٿو نڪري ۽ وڏيرو اتان جيپ ۾ هنن جي پويان آهي. ليڪن هو لڪي ڇپي شهر پهچي ٿو وڃي ۽ وڏيرو بہ وڃي ٿو رسي، اينري ۾ نوجوانن ۽ مزدورن جو هڪ وڏو جلوس جيڪو صنعتي تبديلين جو اهڃاڻ آهي. اتان لانگهائو ٿئي ٿو ۽ هو مسڪين جوڙو بہ بنا ڪجهہ سمجهڻ جي هن جي وچ ۾ گهڙي ٿو وڃي ۽ مزدور اتحاد زنده باد چوڻ وارن نئون نعرو هڻڻ شروع ڪيو تہ وڏيرا شاهي مرده باد ۽ اهو نعرو ايڏو تہ خوفناڪ هو جو وڏيرو بوئين پير وٺي ڀڳو. اها شڪست ڪنهن هڪ وڏيري جي نہ

ڪمپيوٽر، اي ميل انٽرنيٽ جي هن گهما گهمي واري دور تائين ادب عمومي طور وڏيون تبديلون ۽ تجربا ڏٺا آهن. ٻئي طرف انساني سڀاءَ ۾ آيل تيز تبديلين جو بہ ادب تي ايڏو ئي اثر ٿيو آهي. سنڌي ادب ۾ انهن اثر مان اَجو ڪونهي ۽ افسانو يا مختصر ڪهاڻي جيئن تہ سنڌي ادب جي اجا تائين سڀ کان نئين صنف آهي، تنهن ڪري ان تي اهي اثرات اجهان بہ وڌيڪ پيا آهن. جيڪي موضوع، هيئت، ٻولي ۽ اسٽائل تي اثر انداز ٿيا آهن. سنڌي افساني جا موضوع سنڌ جي سماجي ثقافتي سياسي، مذهبي اخلاقي ۽ اقتصادي رهيا آهن.

رسول بخش پليجي جي ڪهاڻي بہ ڪجهہ انهيءَ قسم جي آهي جنهن ۾ هڪ ڏر جو همراه خون ٿي وڃي ٿو ۽ خوني هن وٽ ڦاسي پئي ٿو. ليڪن جڏهن ٻئي ڌريون اهو محسوس ڪن ٿيون تہ اها خونا خوني ۽ ڌرن جي هٿيءَ تي کيل آهي تہ هو پاڻ ۾ گڏجي هڪ ٻئي کي معاف ڪري پنهنجون قوتون هڪ ٿي خرابي جي خلاف جمع ڪن ٿا.

امر جليل جي هڪ ڪهاڻي انهيءَ موضوع تي آهي، جنهن ۾ ٻہ ڏاڍا مڙس هڪ ٻئي کي ختم ڪرڻ لاءِ اچن ٿا، ٻنهي جا دنيا ۾ وڏا نالا آهن، هڪ اونداهي هنڌ تي هو ٻئي ڪنهن قوت جو نشانو بنجن ٿا. جيڪي اصل ۾ ڏوهاري آهن، ٻنهي جا نالا استعمال ڪري وڃان ٿي پنهنجو ڪم ڪري رهي آهي. ماريم پنهنجي پرين کي، آغا سليم جي هڪ مشهور ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ هن ڏيکاريو آهي تہ ڪرپٽ بيورو ڪريسي ڪيئن مسڪين جي ملڪيتن سان هٿ چراند ٿي ڪري ۽ پنهنجي ذاتي مقصدن ماڻڻ لاءِ جتن ڪندي ٿي رهي.

جديد سنڌي ادب جي اوائلي ليکڪا ثميره زرين جي افسانن جي متعلق آغا سليم لکيو آهي تہ ثميره گهڻو ڪري زندگي جي هر موضوع تي ڪهاڻي لکي آهي ۽ سندس ڪردار زندگيءَ جي هر طبقي جي نمائندگي ڪن ٿا. ڪاليجي ڇوڪريون، مالوند ڳوناٺا، غريباٺا گهرڙا مٿانهين طبقي جي

ڪوڙي انا واري زندگي غير سنڌي نالا سندن اوپري مناچري اجائي گفتگو ۽ ان سان لياڪا پاڻيندڙ زندگيءَ جا سور هر ڪهاڻي ۾ عورت جو ڪونه ڪو عڪس جٽيل آهي. نميره جي ڪهاڻين جي عورت سندس ڪهاڻين ۾ پنهنجو پاڻ کي ٻڪوليندي نظر اچي ٿي. ڪٿي هوءَ اکين ۾ زندگيءَ جا حسين خواب سينگاري جيئندڙ ڪاليجي ڇوڪري آهي. تہ ڪٿي ڪجور جو وڻ ۽ وري پيار جي محرومي جي ڪري نسوري نفرت ڏڪار ۽ ڪمزوري جو روپ ڌاري ٿي.

پلئہ پابو سچ ۾ هوءَ پنهنجي ڪاري ڪوجهي شڪل کان شرمسار آهي تہ "رمندا بادل" ۾ وري مٿانهين طبقي جي گليمر گرل آهي. هوءَ پنهنجي ڪهاڻي سوريءَ تان سزاوار ۾ فرزانہ جي صورت ۾ اصل عورت کي ٻڪولي لهي ٿي. جيڪا نئين دور جي نئين عورت کي خود اعتماد. خود دار پنهنجي قسمت جا پاڻ مالڪ اهڙن ئي موضوعن تي نميره کان ڪافي وقت پوءِ تنوير جوڻيجو جي ڪهاڻين جو ڳنڍڪو "امرت منجهہ ڪٿا" اچي ٿو. جنهن ۾ بہ سنڌي سماج جي عورت سان ٿيندڙ ناانصافيءَ جو ڀرپور ذڪر ڪيل آهي ليڪن هن پنهنجين ڪهاڻين ۾ عورت ۾ خود اعتمادي پيدا ڪرڻ بدران هن کي ٻچي وڃڻ جو سبق ڏنو آهي. جيڪو پنهنجي جاءِ يا خود شڪست جو اظهار آهي. ان ڪري اهو سماج کي سڌارڻ بدران بگاڙڻ جو باعث آهي. ٻئي طرف خيرالنساء جعفري ۽ ماهتاب محبوب جا ڪردار سماج سان جسماني جنگيون جوٽيندا نظر اچن ٿا ۽ انهن مان سنڌي سماج ۾ هوريان ئي سهي پر آيل تبديلين جو اندازو ٿئي ٿو. البتہ نورالهديٰ شاهہ جي بيباڪ لکڻين سنڌي سماج ۾ عورت کي پنهنجو جوهر ڏيکارڻ جي ڏس ۾ وڌيڪ آهي.

هن ئي دور جي ليکڪا سحر امداد جون ڪهاڻيون جديد دور جي پيڙا جا چٽا چٽ ڏيکارين ٿيون. رش. پيهہ پيهان. انسان جي شناخت جو گم ٿي وڃڻ گوڙ گمسان (ناسور) ان سان گڏ هوءَ عورت جي جذبن کي موجوده رنگ ۾ بہ مڪمل ڏسڻ چاهي ٿي. (پيڙا جو پڙلاءُ) سندس لکڻيءَ

مخصوص سماجي ۽ ثقافتي پس منظر ۾ ڪردار نگاري جي شعوري ڪوشش مختصر ڪهاڻي کي سنڌي ادب ۾ تمام وڏي مانائتي جڳهه ڏياري ڇڏي آهي. اينري مانائتي جو اليڪٽرانڪ ميڊيا جي تيز رفتار دور ۾ به سنڌي ڪهاڻي باقائدگي سان لکجي پڙهجي ۽ پڙهجي رهي آهي.

هنن افسانه نگارن سنڌي سماج کي جهڙي طرح پيش ڪيو ۽ پنهنجي فن ذريعي سنڌي سماج جي اوڻاين تي نظر وجهي ان کي ڇا هجڻ گهرجي جو تصور ڏنو تنهن کين جديد دنيا جي اهم ترين ليکڪن جي صف ۾ آڻي بيهاريو جو جو هنن سنڌ جي ڪهنه جاگيرداري، زميونداري پيري مرشدي واري نظام کان وٺي بدليل سنڌي سماجي صورتحال ۾ سنڌ جي ڪامورا شاهي، سياست، صنعتي تبديلين جي ڪري اخلاقي اقدار جي تبديلين ۽ فڪري ۽ سائنسي انقلاب تي وڏي نظر وڌي آهي ۽ سنڌي ادب کي هڪ زنده جاويد ادب بنائي پيش ڪيو آهي.

مٿي ڄاڻايل افسانه نگارن ۾ سڀ کان گهڻا افسانا ڊاڪٽر نجم عباسيءَ لکيا جن ۾ هن افساني کي زندگيءَ جي هر پهلوءَ جي ترجمانيءَ جي لائق بنائي ڇڏيو. نجم عباسي اهو ڪهاڻيڪار آهي، جنهن ٻن کان وڌيڪ نسلن کي ڏنو. ورهاڱي کان اڳ واري وقت ۽ ورهاڱي کانپوءِ واري دور جو هو اکين ڏٺو شاهد آهي، هن جي وڏي خوبي اها هئي ته هو وقت سان گڏ اڳتي وڌندو رهيو. پنهنجي وقت جا اثرات قبول ڪيائين ۽ پنهنجي سڄي دور کي پنهنجين لکڻين سان متاثر ڪري ڇڏيائين. هت سنڌي سماج جي حوالي سان هن جون ڪهاڻيون وڏي اهميت رکن ٿيون.

جيئن ته نجم عباسي بنيادي طرح ڪهاڻيڪار بنجي ابريو آهي، تنهنڪري هن جا ڪهاڻي بابت رايا وڏي اهميت رکن ٿا. هن جي چوڻ موجب ڪهاڻي جي ڪا به وصف جنهن ۾ دلچسپيءَ جو عنصر شامل نه هجي، سا اڻ پوري چئبي. ڪهاڻي پڙهڻ ۽ ڪهاڻي ٻڌائڻ جو پهريون مقصد هوندو آهي وندر وروونهن....

گهرجي سو ٿئي پيو. اها هڪڙي قسم جي مستقبل جي جهلڪ هجي آدرش جو اشارو هجي. هڪ حيثيت سان ڪجهہ خواب جي ملاوٽ هجي. اج تائين لکيل ذهني انقلابي ڪهاڻيون آهن. هاڻي عملي انقلابي ڪهاڻيون هئڻ ڪين اهو عمل شخصي ڪان وڌيڪ گڏيل هجي. جيئن هارين شاگردن ۽ پورهيتن جو طبقاتي جاکوڙ ۽ قومي هلچل واسطي گڏيل عمل آهي. (ناچني-مهاڳ)

هو پنهنجي ان سوچ جو بنيادي واسطو هن ريت ٿو ظاهر ڪري تہ "سنڌين ۾ چڱي جوکي سياسي ساڃهہ ۽ قومي شعور پيدا ٿي ويو آهي. ٻهراڙيءَ ۾ ماڻهو ڪچهرين ۾ سياسي خيالن جي ڏي وٺ ۽ پنهنجي دلي جذبي جي پڌرائي ڪرڻ لڳا آهن. پنهنجي ملڪ ۽ دنيا جي ٻين ديسن جي سياست ڪان واقف ٿيڻ واسطي ريڊيو تي بي بي سي ضرور ٻڌن ٿا. اخبارون چاهہ سان ۽ باقاعدي پڙهن ٿا. ڪهاڻين جي موضوع جي سياست ۽ قوميت آهي تہ هو اهي شوق سان پڙهن ٿا ۽ جي انهيءَ لکٽيءَ ۾ ڪجهہ اخباري رنگ بہ آهي تہ اهو هنن کي اڻ وڻندڙ نہ ٿو لڳي". (ايڏو سور سهي - مهاڳ)

پنهنجي راءِ جي وضاحت ڪندي هو لکي ٿو تہ "خطن مان مون ڪاڻو ڪيو آهي تہ پڙهندڙن کي منهنجو سادو سودو سنئون سڌو ۽ دلچسپ لکڻ جو ڍنگ پسند هوندو آهي. روشن خيالي ۽ ذهني سچائي جي واٽ وٺڻ جو جتن ڪندو آهيان. ان ڪري مقصديت ٻڻ مقصد واسطي پرچار بہ ڪيو آهي، نعرو بہ هنيو آهي ۽ ورجاءُ ڪان بہ ڪم ورتو آهي. (للڪار- مهاڳ)

دنيا جي ٻين ملڪن ۾ خاص ڪري ٽين دنيا جي ملڪن جون ڪي گهٽنائون ذهن ۾ متڙڪا هڻن لڳنديون آهن ۽ دل ۾ ڏاڍي بي آرامي پيدا ڪنديون آهن ۽ انهن جي بنياد تي ڪهاڻيون جنم وٺنديون آهن. اهي ڪهاڻيون علامت نگاريءَ جو هڪ روپ هونديون آهن. مون ٻين ملڪن جي راڄنيتيءَ پنگتي گذراني حالتن جي ٻنين ڏيک ۾ ڪهاڻيون لکيون آهن.
(سورج هوندي مرجهايل - مهاڳ)

ليڪن هو ان ڳالهہ ۾ بہ يقين رکي ٿو تہ ڪهاڻيءَ جي پيشڪش درست هئڻ گهرجي. هو لکي ٿو تہ "هر فنڪار جا پنهنجا نظريا ٿيندا آهن. هو پنهنجن انهن نظرين جو پنهنجي فن ۾ پرچار ڪرڻ کان ڪين مڙندو. ان ڪري ائين چوڻ مناسب ناهي تہ ڪهاڻيءَ ۾ نعري بازي يا پرچار نہ هئڻ گهرجي. نجم جون ڪهاڻيون موضوع جي لحاظ کان چئن حصن ۾ ورهايل نظر اينديون.

1- پيرن فقيرن ۽ جڙتو سماجي ٺيڪيدارن جي خلاف
2- جاگيردارانہ دور جي غلط ريتن رسمن جي باري ۾.
3- صنعتي دور جي نابرابري جي متعلق.
4- جديد سماجي مسئلن جي باري ۾.

1- هنن ڪهاڻين ۾ نجم سنڌ جي هڪ نهايت پراڻي روايت جي خلاف قدم کنيو آهي. هن جڙتو پيرن ۽ فقيرن جي خلاف ڪهاڻيون لکيون آهن ۽ ضعيف الاعتقاد ۽ ابوجهہ عوام سان ٿيندڙ ڪلورن جا وکا پڌرا ڪيا اٿس. اهڙي طرح هن انهن وهمن وسوسن پرمن ۽ ڪوڙي اعتقاد تي ڪاري وار ڪيو ۽ عام ماڻهوءَ کي تعليم حاصل ڪرڻ جو درس ڏنائين. جيڪا انهن جي خلاف ويڙهہ ۾ استعمال ٿي سگهي ٿي. "چوڏو" ڪهاڻي هن ڏس ۾ سنڌي ادب جي شاهڪار ڪهاڻي آهي. جيڪا ان کان پوءِ لکيل ڪهاڻين نسيم کرل جي "ڪافر" ۽ امر جليل جو "اروڙ جو مست" جي مقابلي جي ڪهاڻي آهي. ان طرح هن جنن ڀوتن جو خوف انسان جي دل مان ڪڍڻ لاءِ اهڙيون ڪهاڻيون لکيون آهن جن ۾ ڏيکاريل تہ ڪيئن ڪي عورتون پنهنجي ماحول کان تنگ ٿي "جن" جو ڍونگ ڪنديون آهن.

هو پنهنجن انهن نظرين جي وضاحت ڪندي چوي ٿو تہ "هڪ تہ هر صحيح سوچ رکندڙ ترقي پسند اديب پنهنجي زماني کان ذهني طرح اڳيرو ۽ نظرياتي طور نرالو هوندو آهي. فضول ريتن رسمن ۽ اجاين وهمن جي

مخالفت ڪندو آهي. بغاوت ڪندو آهي. هر وڏيرڪي نظام تي وارو ڪندو آهي (للڪار- پنهنجي زماني ڪان اڳيرو- 33)

2- هن جي ڪهاڻين جو ٻيو مک موضوع جاگيردارانہ ۽ وڏيرڪي نظام خلاف آهي. هن پنهنجي همعصر اديبن شيخ اياز، امر لعل هنگوراڻي، محمد عثمان ڏيپلائي، جمال ابڙي، ابن حيات پنهور، نسيم کرل ۽ رشيد ڀٽي وانگر سنڌ جي هن قديم مدي خارج نظام جي خلاف تمام گهڻيون ڪهاڻيون لکيون آهن. ايتري قدر جو انهن مان ڪيترين ڪهاڻين ۾ تخليق کان وڌيڪ نعري بازي اچي وئي آهي. جنهن کي پڻ هو برو ڪونہ ٿو سمجهي. هن ڪهاڻين ۾ هن جون سماجي ۽ سياسي سوچون سمايل آهن. انهن ۾ ڪٿي هو هڪ اديب واري انداز ۾ ڪهاڻي بيان ڪري ٿو تہ ڪٿي سماج جو ستايل هڪ ڪردار بنجي پنهنجي مدعا بيان ڪري ٿو.

3- هن سنڌ جي زرعي سماج سان گڏ صنعتي دور جي برائين جو پڻ ذڪر ڪيو آهي. هن ڪهاڻين ۾ نجم جو خاص مقصد هڪ پورهيت کي معاشري ۾ پنهنجو خاص مقام ڏيارڻ آهي. هن جي نظريي مطابق ان اپائيندڙ ۽ ڪچي مال کي مڪمل سامان ۾ تبديل ڪندڙ جو حق سڀ کان وڌيڪ آهي. هن جو اهو بہ نظريو آهي تہ هتي ٿيندڙ صنعتي ترقي ۾ وڌ ۾ وڌ حصو هتان جي ماڻهن کي ئي ملڻ گهرجي. خاص ڪري ان لاءِ جو ڪيترائي ماڻهو ڳوٺن مان شهرن ۾ لڏي آيا آهن. يا روزگار ڪمائڻ اچن ٿا. ليڪن هتي انهن کي ڪٿي بہ روزگار جا موقعا ڪونہ ٿا ملن. اهڙين ڪهاڻين ۾ هو ميڪسم گورڪيءَ وارو سڌو سنئون انداز اختيار ڪري ٿو.

4- نجم جديد سماجي مسئلن جي باري ۾ بہ ڪيتريون ڪهاڻيون لکيون آهن. انهن ۾ هن نہ صرف پنهنجي وطن جي مسئلن کي پيش ڪيو آهي. بلڪہ بين بين الاقوامي موضوعات تي ڪيتريون ڪهاڻيون لکيون اٿس.

جي ڪهاڻين ۾ سنڌي معاشري جو چٽو عڪس ملي ٿو. حالانڪ هن عشق محبت بابت ڪيترين ڪهاڻيون ۽ ناول "پيار ڪهاڻي" لکيو آهي. ليڪن سندس اهميت سماجي ڪهاڻين جي ڪري آهي. اهي ڪهاڻيون جن ۾ هن شعوري طرح اڌوهي ڪاڌل سماجي معاشي نظام جي خلاف جدوجهد ڪئي ۽ سنڌي عوام ۾ تعليم جي وسيلي جاڳرتا پيدا ڪرڻ تي زور ڏنو. هن پنهنجا مسئلا باهمي اشتراڪ سان حل ڪرڻ جو رستو ٻه ڏسيو ۽ وهمن وسوسن کي ختم ڪري جهالت ۽ انڌي اعتقاد کي ڏي سائنٽيفڪ سوچ سان اڳتي وڌڻ جي راه ڏيکاري اٿس ۽ ارتقا جي رفتار ۾ رڪاوٽن جو ٻه بيان ڪيو اٿس.

هن جا ڪردار عام رواجي انسان پس منظر سنڌ جا ڳوٺ ۽ شهر آهن. ڪهاڻيون سنيون سڌيون انداز سادو سودو سچائي وارو ۽ مقصد واضح آهي. اهڙي طرح هن ڪهاڻي کي هڪ تحريڪ وانگر اڳتي وڌايو آهي. پنهنجي همعصر مرحوم محمد عثمان ڏيپلائي وانگر جنهن پڻ سنڌي ڪهاڻي، ناول ۽ ڊرامي کي هڪ تحريڪ جو روپ بخشيو.

اهڙيءَ طرح جديد سنڌي افسانو نہ صرف ذهني سڪون ۽ خوشي حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي. بلڪ اهو هڪ ڀرپور سماجياتي پس منظر ۾ هڪ نهايت سگهاري فڪري قوت بڻجي اڀريو آهي.

# جرنل ڪينجهر جي مقالن جي فهرست

## 1 کان 6 (1987ع کان 1995ع)

سنڌي شعبي 1962ع کان مخزن ڪڍڻ جو سلسلو جاري رکيو آهي. ڪينجهر ريسرچ جرنل تائين پهچڻ کان اڳ هيٺيون اشاعتون منظر عام تي آنديون اٿئون:

سنڌي صحيفو - 1962ع
سوکڙي - 1964ع
سوغات - 1966ع
پورب - 1970ع
پرک - 1977ع

پهرين مخزن 'سنڌي صحيفو' ۾ فقط هڪ ضخيم مقالو پروفيسر علي نواز جتوئي صاحب جو آيو. باقي ٻين چئن مخزنن جي ڏسٽي ڪينجهر 1987ع ۾ ڏني ويئي آهي. جرنل **ڪينجهر** جي ڏسٽي (نمبر 1-6) هن طرح آهي:

**ڪينجهر نمبر 1 - 1987ع:**


| | |
|---|---|
| - ديباچو | چيئرمين |
| - شاهه جي رسالي ۾ آيل خاص لفظن جي لغات | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو |
| - روهڙي دا رهبر | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو |
| - شاه جي ڪلام ۾ طالب ۽ مطلوب | ڊاڪٽر غلام حسين ٻناڻ |
| - جديد ڊراما | قاضي خادم |
| - سنڌي اصطلاح، چوڻيون ۽ ٻهاڪا | نور افرواز خواجه |
| - صلبين ڏي سفر | سحر امداد |

- شاعريءَ جو سماجي ڪارج — قاسم ٻگهيو
- سميري ادب ۽ سنڌو ماٿر جو ادب — هدايت پريم
- حيدرآباد ۾ سرائن جو خاندان — ڊاڪٽر قمرجهان مرزا
- ساهيوال جيل جي ڊائري (شيخ اياز) — تبصرو: ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
- سنڌي شعبي جي اڳوڻن استادن جو تعارف ۽ تحقيق جو مختصر جائزو — هدايت پريم
- سنڌي شعبي ۾ لکيل ايم. اي ٿيسز، مونوگراف ۽ پي ايچ ڊي جون ٿيسز — ادارو
- شعبي جي مخزنن جي ڏسٽي — ادارو
- هن پرچي جا ليکڪ

## ڪينجهر، نمبر 2 - 1988ع:

- پهِ اکر — چيئرمين
- پيش لفظ — مظهرالحق صديقي وائيس چانسلر
- ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ وحدت الوجود جو مسئلو — شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو
- شاهه جي رسالي جي سُر سارنگ جي موسيقي — ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
- شاهه جي بيتن جي تلاش — ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
- موجوده دور ۾ شاهه لطيف جي اهميت — محمد حسين ڪاشف
- شاهه جي ڪلام ۾ پاڻي — ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ
- سُر ڪلياڻ ۾ اصطلاح — نور افروز خواجه
- شاهه، اول آخر شاعر — سحر امداد
- شاهه جي رسالي ۾ تاريخي اشارا — ڊاڪٽر غلام رسول بلوچ
- ڪينجهر - 1 جي ڏسٽي
- مونوگرافن جي لسٽ
- خبرون

## ڪينجهر، نمبر 3 - 1989ع:

- پيش لفظ
- سنبهو — چيئرمين

| | |
|---|---|
| - شاهہ عبداللطيف ڀٽائي تي پي ايچ ڊي ٿيسز | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو |
| - سچل جو مالڪونس | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو |
| - شاه جي رسالي ۾ سُرن جي ترتيب جو جائزو | ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ |
| - ادب ۽ روايتون | ڊاڪٽر قاضي خادم |
| - جيون ڪهاڻيءَ جو فن | ڊاڪٽر قاضي خادم |
| - پير صدرالدين ۽ شاه لطيف | نور افروز خواجہ |
| - ڳجهارت ڳُجهڙي | سحر امداد |
| - سچل ۽ سنڌي سماج جو اڀياس | محمد قاسم ٻگهيو |
| - شاه جي ڪلام ۾ جيجل ماءُ | ڊاڪٽر قمر جهان مرزا |
| پي ايچ- ڊي ۽ ايم فل ٿيسز جي فهرست | |
| - خبرچار | |

## ڪينجهر نمبر 4 - 1990ع:

| | |
|---|---|
| - ٻہ اکر | چيئرمين |
| - قديم سنڌي شعر جو مطالعو | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو |
| - شاه جي ڪلام ۾ رنگن جو مقصد | ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ |
| - سنڌي خاڪا نويسيءَ جي ارتقا | ڊاڪٽر قاضي خادم |
| - عزيز جي مضمون نويسي | عبدالقيوم صائب |
| - سام جهلڻ - هڪ سنڌي ريت | ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر |
| - ڊاڪٽر ٽرمپ جون سنڌي ٻوليءَ جي سلسلي ۾ ڪيل خدمتون | هدايت پريم |
| - شاه ڪريم جو شاه لطيف تي اثر | نور افروز خواجہ |
| - تنوير عباسيءَ جي پنهنجي اصل ڏانهن مراجعت | سحر امداد |
| - پي ايچ - ڊي ۽ ايم فل ٿيسز جي فهرست | |
| - سرگرميون | |

## ڪينجهر نمبر 5 - 1993ع:

| | |
|---|---|
| - پيش لفظ | چيئرمين |
| - سيد ميران محمد شاه | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو |
| - سُر سارنگ | ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ |

- گوبند مالهي — نور افروز خواجہ
- مرزا قليچ بيگ سنڌ جو سپوت — سحر امداد
- 'ادبي اصول' جو اڀياس — عبدالقيوم صائب
- قديم زماني ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ٻين ٻولين سان ميلاپ — هدايت پريم
- پروفيسر ڊاڪٽر حبيب الله مرزا — ڊاڪٽر قمر جهان مرزا
- پي ايچ- ڊي ۽ ايم فل ٿيسز جي فهرست
- سنڌي شعبي جو حال احوال

**ڪينجهر نمبر 6 - 94-1995ع:**

- گذارش
- پيغام — وائيس چانسلر سنڌ يونيورسٽي
- ليکڪن جو تعارف
- مخدوم صاحب جي سرپرستيءَ هيٺ نڪتل ۾ ادبي رسالا — ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
- شاه جي ڪلام ۾ روحاني حُسن — ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ
- سنڌي جيون ڪهاڻيءَ جو مطالعو — ڊاڪٽر قاضي خادم
- سندري أتمچنداڻي — نورافروز خواجہ
- لسانيات کان سماجي لسانيات تائين - هڪ اڀياس — ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو
- ڪڇ ۽ لاڙ جا علمي تعلقات — ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي
- پرمانند ميوارام — عبدالقيوم صائب
- سنڌي ٻوليءَ جو اترادي لهجو — هدايت پريم
- خاڪپاءِ مرتضيٰ شهداد.خان — ڊاڪٽر قمر جهان مرزا
- سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ علامت نگاري — تهمينہ سڪندر (مفتي)

**ترتيب**

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

بدر عبدالجبار جوڻيجو

# پروفيسر علي نواز جتوئي

جنم: 11 جولاء 1914ع.
ڄمڻ جو هنڌ: ڳوٺ ڳدو جتوئي.
والد جو نالو: حاجن خان جتوئي.
پرائمري تعليم: پراڻا جتوئي، ڏيپارجا.
مئٽرڪ: مدرسه هاءِ اسڪول نوشهروفيروز.
بي اي: ڊي جي سنڌ ڪاليج ۽ جهونا ڳڙهه.
ايم سنڌي: 1951ع ۾ بمبئي يونيورسٽي.
ملازمت: بحيثيت اسسٽنٽ پروفيسر سنڌي شعبو - 1953ع.
+ سنڌي شعبي جو پهريون سربراهه: 1958ع.
ولايت ۾ پڙهائي: اسڪول آف اورينٽل اينڊ آفريڪن اسٽڊيس لنڊن - 1963-1965ع.
رٽائرمينٽ: 1976ع.
لکيل ڪتاب: (1) ميان عبدالرحيم گرهوڙيءَ جو سنڌي ڪلام (ٻه ڇاپا) (2) ديوان حافظ (3) سياست نامو (4) اخلاق محسني (5) سنڌي صحيفو (6) غزلن جو غنچو (7) علم لسان ۽ سنڌي زبان (ٽي ڇاپا) (8) ويرون ۽ وهڪرا.
وفات: 29 - سيپٽمبر 1996ع.



هڪ يادگار تصوير
جڳ مشهور اسڪالر مرحوم جي الانا جي سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ آمد (1977ع) جي موقعي تي اولڊ ڪئمپس ۾ ورتل هڪ يادگار گروپ فوٽو جناب جي الانا، بيگم جي الانا، پيار علي الانا، ميڊم آمنہ خميساڻي، ڊاڪٽر غلام علي الانا، شمشيرالحيدري، جمال رند، امداد حسيني، قاضي خادم، مهتاب چنا، مسعود قريشي، ڊاڪٽر سليمان شيخ، ثريا مخدوم، زبيده ميتلو، اعجاز قريشي، فيروز الدين شاه حسيني، خان محمد پنهور، ايم اي عالماڻي، عزيز الرحمان ٻگهيو، سريش ماڪيجاڻي، محمد قاسم ماڪاءِ شفيع چانڊيو وغيره نمايان نظر اچي رهيا آهن.